
سوجهرو
163

ABC Certified

سوجهرو — آڪٽوبر 2012

سال:14. شمارو:163. قيمت: 50 روپيا. ڏيساور ۾ ساليانيءَ قيمت: 50 آمريڪي ڊالر

وچور

شاهه ڪريم رح جو عرس مبارڪ:

چوندا بيت — شاهه ڪريمؒ

نقطئہ نظر:

پيري ۽ سسندر پاڇو (پرٿري هري) — شيام ڪمار
پڪي پير... — ڊاڪٽر رسول ميمڻ
چاڪ چڪندي ڇڏيا... — لطف پيرزادو
انسان ۽ ڪائنات... — پچن لال

سالگره مبارڪ:

ڪرسي ۽ حميد... — سليم نور حسين

نون ڪتابن تي تبصرو:

راڄن جي رکوالي... — تاج بلوچ

طبع زاد ناول:

قالو بلا (10-11 قسط) — ڊاڪٽر رسول ميمڻ

آتم ڪٿا (قسط 19):

پاتم جهاتي جهان ۾... — شيام ڪمار

ڪهاڻي:

هڪ ڪهاڻي ۽ 600 ڏينهن... — پرويز
چخ چخ ۽ ڏيئا ڏيئا لاٽ... — انور شيخ
ڪرامتون — عبدالحق قريشي
ڪاوا ڪچ... — شبنم شميم
ڪراچي... — حيسب ڪانهيو
نستا هٿ ۽ ٽٽل تارون... — شعبان وسطڙو
پاڏو ۽ مست توڪل ماڻهو... — رئوف ڪوسو
پوندو... — انصاف احمد ساهڙ
ڄٽ.... — سجاد مهر

شاعري جو نئون عهد:

ڏيهين جي لڏپلاڻ.... — يوسف شاهين
جدت ۽ روايت جو سنگم... — حنيف عاطر

وايون:

ساٿي محبوب زنگيجو، مرتضيٰ ناز، ياسين چانڊيو ۽ مير حاجن مير.

نثري نظم ۽ نظم:

ياسمين بلوچ، شير هاليپوٽو ۽ مختيار سهتو.

غزل:

بشير سيتائي، فراخ جانوري، رياض ميراڻي، مور مغيري، مختيار سهتو، شير هاليپوٽو، منور ملاح، مشتاق بخاري، گل خاصخيلي، اياز رضوي، مير حسن ڪوسو، سجاد ميراڻي، بيتاب نابر، نماڻو صديق مهيسر، تاج بلوچ شاڪر گائنچو ۽ امين پٺو.

جي مارن مونڊي موڪليا:

ممتاز مهر، پچن لال، احمد گائنچو ۽ حفيظ باغي.

ٽچ مي پليز...

ڪائناتي سطح تي ادب شعوري جاڪوڙ سان، سموري انسان ذات جي ڪرب جو ادراڪ ڏاري ماضي، حال ۽ آئيندي ڪان بہ ماورا ٿي مختلف مرحلن تي، واقعاتي پس منظر ۽ پيش منظر سميت اهڙيون ڏسائون ۽ جهتون آڇي ٿو، جيڪي بعد ۾ تجربي هيٺ اچڻ جي ڪري، انفرادي بدران، اجتماعي تجربو محسوس ٿين ٿيون ۽ ادب هڪ نئين ولولي ۽ جوش سان سڄ جي دائري هيٺ رهندڙ هڙني قوتن ۾ نئون عزم، حوصلو ۽ ذات جا جوهر پريو ڇڏي ٿو.

هتي ۽ هتي، علم، ادب، فلسفي ۽ زندگيءَ ڪي شعوري ريت هنڊائڻ ۽ هلائڻ لاءِ جيڪي بہ نظريا ۽ ڌارائون آيون انهن جو مقصد بہ اهو ئي هو تہ فنڪار ڪي بهتر ڪان بهتر جستجو بعد انوڪا تجربا حاصل ٿين تہ جيئن سماج اوسر ڪري ۽ معاشرو هڪ نئين امنگ سان، حاصل ڪيل جوهر مان اجتماعي طور لاڀ حاصل ڪري سگهي.

ادبي تحريڪن جو مقصد بہ اهو هو تہ احساساتي سطحن تي، فرد جو تجربو، اجتماعي شڪل اختيار ڪري سماجي اوسر جو ڪارڻ بڻجي. انهن تحريڪن ۾ روماني تحريڪ يا ڌارا بہ ماضيءَ جي هڪ ٻن تحريڪن جي جواز طور وجود ۾ آئي. ٻاهر انهيءَ تحريڪ جي تناظر ۾ گهڻو ڪجهہ ۽ بهتر تخليق ٿيو. پر هتي اسان وٽ ان تحريڪ جي، 'جديديت پڄاڻان' جي حوالي سان رد ٿيڻ ڪانپوءِ بہ اهڙو ادب تخليق نہ ٿيو جنهن لاءِ چئي سگهجي تہ سنڌ جي پڙهيل ڳڙهيل افرادي قوت ڪو ٻوٽو ٻاريو.

اسان وٽ انفرادي سطح تي ڇم ڇٽ وارو جيڪو سطحي ۽ فروعي ادب تخليق ٿيو اسان ان ڪي روماني ادب چئي ڏاڍو خوش ٿياسين. حالانڪ روماني ادب جا پاسا اڃا بہ اسان وٽ خالي پيا آهن. ڪلاسيڪي ادب واري تحريڪ ڇم ڇٽ واري لاڙي ڪي اسان وٽ ٽيڪو ئي نہ ڏنو جو سو ڪالد روماني تحريڪ ۾ اعتدال اچي سگهي. ڇاڪاڻ تہ روماني تحريڪ معاشري ۾ وڏي اٿل پٿل جي ڪري گهڻ توازن جي حامل هوندي آهي. متوازن رومانيت لاءِ ڪلاسيڪي تحريڪ يا ڌارا ئي آهي جيڪا پنهنجي نظم ۽ ضبط سان ادبي سماج ۾ ڊگهي شانتي ۽ خوشي جي لهر پيدا ڪري سگهندي آهي. ڊگهي نظر ڪري ڏٺو وڃي تہ روماني ۽ ڪلاسيڪي تحريڪون هميشہ هڪ ٻي جي تعاقب ۾ رهنديون آيون آهن. هوڏانهن ترقي پسند تحريڪ بہ آهي، جنهن جو اسان وٽ پيٽو ڏاڍو ڪٽيو ويو. ان جي جزئيات ڪي سمجهڻ ڪانسواءِ ماڻهن ڏڏڙ ۾ پير هنيا.

سنڌ ۾ نئين ۽ پراڻي (ڪنهن بہ ادبي ڌارا جي غير موجودگي ۾) جي هڪ پاسائين ۽ قياس آرائين تي ٻڌل ادبي ڇڪتاڻ وارو منظرنامو ڪا پراڻي ڳالهہ ناهي.(جنهن ڪي بونافائيڊس ئي نہ هئا) اهو منظرنامو سنڌ جي ادبي وايومنڊل ۾ سياسي مانڊاڻ طور هٿ وٺي آندو ويو تہ جيئن سنڌي ماڻهو پنهنجي بنيادي ۽ فطري حقن ڪان غافل ٿي ڪنهن هٽرادو ڏٻڻ ۾ گتل رهن. ۽ ائين ٿيو. جڏهن ٽاڻو ٽريو تہ ڪالهوڪا ملحد ۽ ڪافر ملائيت ۽ فسطائيت جو ٻارڻ بڻيا ۽ ملائيت جو منشور ترقي پسندانہ بڻجي پيو. لبرل، ترقي پسند، قوم پرست ۽ روشن خيال اديبن جا پرڪار پڊرا ٿيا. هنن ذاتي ڊپ ۽ واريءَ تي بيهاريل نظرياتي ڪوٽن جي ڪري پوڻ ڪري پنهنجي ماضيءَ جي تخليقي عمل ڪي پاڻمرادو رد ڏنو ۽ سنڌ فرسٽريشن جي ور چڙهي ويئي، جيڪا هاڻ ڪنهن متحرڪ سياسي ۽ ادبي نظريي جي غير موجودگيءَ ۾ انارڪيءَ جي آخري حدن جي ويجهو وڃي پهتي آهي. سنڌ جي قومي ادارن ۾ ويٺل اڏ-اڪري ماڻهو هر اداري ڪي پبلشنگ هائوس بڻائي ويٺا آهن، جتي گند-بلا ڇپجي رهيو آهي. ۽ جتي ناني-ويڙهو لڳو پيو آهي.

سنڌ جي ٻرندڙ مامرن جو نبيرو ڪير ڪندو؟

فوج، اقتدار جون ٻکيون ڏريون، ويڪائو وڏيرا ۽ انهن جا سياسي ڪارڪن يا فقط سنڌي اديب؟

تاج بلوچ

OFF: 021_37705502
021_34019264_5
CELL: 0300_9288496
0313_9288496
0332_9288496
E-mail:tajbaloch2505@yahoo.com
sojhromonthly@gmail.com

مئنيجنگ ايڊيٽر: فراز بلوچ
ايڊيٽر: تاج بلوچ
سب ايڊيٽر: فهيم سولنگي
آرٽ ايڊيٽر: حامد ڪبيري

خريداريءَ جا اگهہ:
رجسٽرڊ ٽپال: =/700 ساليانو
سادي ٽپال: =/600 ساليانو

آفيس ايڊريس:
بنگلونمبر:177، بلاڪ: 7 گل هائوسز
گلستان جوهر ڪراچي.
فون: 021_34019264_5

هي رسالو ايڊيٽر/پبلشر تاج بلوچ ذڪي سنز پرنٽرز آءِ آءِ چندريگر روڊ ڪراچيءَ مان انور ذڪيءَ وٽان ڇپائي بنگلو نمبر: 177 بلاڪ 7 گل هائوسز گلستان جوهر ڪراچيءَ مان پڌرو ڪيو.

پيري ۽ سندر پاڇو II

شيام ڪمار

پهرين صدي عيسوي جي من موجي ۽ اندر روپي جي جڳ پرسڌ روماني شاعر راجا پرتري هري جڏهن جوڀن جي ڏاڪي تي قدم رکيو ته شيطان سان ياري ڪيس 'آتما' سان بغاوت لاءِ پڙڪائيندي رهي. پر جڏهن پيرسني جي پوني نما ڌرتي تي وک رکيائين ته ايشور سان ويجهڙائپ ڪيس چوٽڪاري جي لالچ سبب 'جسم' سان ڀُڏِ ڪرڻ لاءِ ڌتاريندي رهي. سندس ذهن ۾ الائجي ڪٿان اهو تڏُ اڇي وينو ته جسم ۽ آتما جي لئه ۽ هم آهنگي وسيلي ئي چوٽڪارو (Nirvana) ممڪن آهي.

پرتري هري پنهنجي جواني جي آبشاري ڦوهه وارن ڏهاڙن ۾ 'پريم' ۽ 'سندر ناري' جي سدا امر جوت جي شان ۽ استتي ۾ هڪ سوَ لازوال گيت تخليق ڪيا هئا، ۽ انهن مان 'شڪنتلا' ۽ 'اُروشي' جهڙي شعلي نما ناري جو سنڌُ سنڌُ ۽ من ۾ چلڪندڙ احساس ايئن جرڪندو ۽ چمڪاٽ ڏيندو ۽ منڊيندو رهي ٿو جيئن اپ تي انڊلٺ ۽ وڄ الوهي رنگ پکيڙيندي ۽ چمڪندي پرمائيندي آهي.

سندر ناري جي سونهن ۽ سڳنڌ جو چتر چٽيندي آکي ٿو، "سندر ناري بدن جي ڇهن جاين تي ڪماني دار ۽ سوپياوان لڳندي آهي: پنهنجي نازڪ هٿن جي پٺئين حصي تي، ڪنول جهڙن پيرن جي مٿئين پاڳ تي، اطلسي پيٽ جي گول دائرن جي وچ ۾، هنس جهڙن اُرهن جي پاسي ڪان هيٺ مٿائين تي، نهرن ڀنڊڙن جي هڪ ڪري بيهڪ. ۽ مرگهه نيني اکين جي بناوت ۽ انهن جي آس پاس سندس جسم ستن نفيس ۽ نازڪ حصن ۾ ورهايل آهي. هن جي بدن جي لسي ۽ ڪمخوابي چمڙي، سندس لهرائيندڙ واسينگي زلف، سندس مخروطي خوبصورت آڱريون، پيرن ۽ هٿن جي آڱرين جا ڳنڍيندڙ سنڌَ. سندس شخصيت اندر ٽي گهريون منڊيندڙ شيون موجود آهن: سندس مڌر آواز، بلند ڪردار ۽ دلڪش ڏن. ۽ پنجن خاص جاين تي لالاڻ ڏسجي ٿي. هٿن جي ترين تي، اک جي ڪُنڊَ تي، تارونءَ تي، زبان تي ۽ پنڪڙين جهڙن چپڙن تي، پاندون جي ڌرم پتني 'دروپدي' جي اپسرائي سونهن ۽ سلوڪ جي به ساڳيءَ طرح واکاڻ ڪئي آهي.

"سندس مُرا ٻاهر نڪتل ڪونه هئا. سندس پريل سٿر نهرا، مضبوط ۽ هڪ ڪرا هئا. سندس هستي اندر ٽي شيون ۽ خوبيون اتم هيون. (سندس آواز، ساڃهه ۽ سندس ڌُنُ) ڇهن ونگن جيان دلڪش ۽ وڻندڙ هيون. (نڪ، اکيون، ڪن، ننهن، اُرهه ۽ صراحي نما ڳچي ڪي ڳنڍيندڙ سنڌُ) پنجن جاين تي گلابي لالاڻ هئس. (هٿن جي ترين تي، پيرن جي ترين تي، اکين جي ڪنڊن تي، زبان جي سطح تي ۽ ننهن تي). هوءَ هنس جيان ڏيمي لهجي ۾ ڳالهائيندي هئي. سندس ابرو نيڻ ڪماني دار گولائي جو ڏک ڏيندا هئا، سندس چپ ڏارهون جيان ڳاڙها ۽ سندس ڳچي صراحي جيان ڊگهي. سندس نسون اطلسي چمڙي، اندر پوشيده هيون. ۽ سندس چهرو چوڏهينءَ جي چنڊ وانگر روشن هو. ڪشميري گهوڙي جيان پر وقار ۽ شاندار هئي."

ٻن مهان جنگنامن (رامائڻ، مهاڀارت) ۽ شاعرن جي موهيندڙ رچنائن ۾ به اهو عام رايو چٽائي سان چٽيو ويو آهي، سندر ناري جي مستاني ٽور، هاٿي جهڙي چال سان مشابهت رکندڙ هئي. ان ڪان گهٽو گهٽو پوءِ 'اگني پراڻ' ۾ به ان حقيقت جو ورجاءُ پسي سگهجي ٿو، "۽ پوءِ ڪنول نيني ڪامڻي، هُن ڏانهن ڪنول نينن جا ٻاڻ اڇلائيندي وڌندي رهي ۽ سندس ٽور اندر هاٿي جي مستاني چال صاف بکي رهي هئي ۽ سانوري سلوٽي، مخمور نيٽن سان، سانوري سلوٽي سان همڪلام ٿي."

پراچين يگ ۾ افغانستان جي هڪ وڏي ڀاڳ ڪي گنڌار، يا تڪسلا جي نانءُ سان ياد ڪيو ويندو هو. ان ڀاڳ اندر رهواسي نارين جي سونهن سڳنڌ ساڃهه ۽ سروپ بي مثال ۽ بي حساب هو. سندس ٽور مستاني، لهجو ۽ آواز مترنم. ۽ سنگيتي، بيهڪ 'زينو بيائي'، لهرائيندڙ ڊگها وار رات جي سياهي مائل واسينگي. اُرهه هاٿي جي لوندڙين جيان نهرا ۽ ڦولاريل. مخملين پيٽ جا ٽيئي دائُرا سمنڊ جي اچانگ لهرن جيان وڪوڙيندڙ. رنگت گُل لالا وانگر سرخ ۽ سياءُ ۾ بي ساختگي، بي باڪي ۽ متاعِ مستي جي فطري پالوٺ هئي. هڪ لڳا جوڀن ۾ سرشار انِ حسين سرزمين تان پرتري هري جي ڪلپنائي پرن تي اُڏامندي هڪ 'چتري گيت' (تصويري نظم) هُما جيان سندس وجود ۾ جڻ سمائجي ويو هو:

"گذريل رات منهنجون اڻ ڳڻت چميون ڪارن زلفن جي نرم پشم ۾ پيهنديون ويون. ۽ ڪارن زلفن جي نرم پشم ڪي ماکي جي مکين جيان لٽينديون واس وٺنديون رهيون."

*

گذريل رات منهنجا اجهل هٿ ڪارن زلفن جي اسرار ڪي ڦولهيندا رهيا. ۽ منهنجون اجهل چميون ماکي جي مکين جيان 'هنداٽن' جي مٺاس جو سواد وٺنديون رهيون. ۽ منهنجي محبوبه جي ڳچي مٿان سنهي ٻُڄ ۽ ڪارن زلفن جي فصل جي سڳنڌ جو واس وٺنديون رهيون. ۽ منهنجا ڏند سندس سونهري ڪنن ۽ پاپڙين سان اک ڀوٽ ڪيڏندا رهيا."

جوڀن جي البيلي رُت ۾ پرتري هري سندر ناري ۽ سوم رس جي مرڪبي سنگ ۽ ساٿ سان سموري سنسار ۾ ڄڻ پريم رس جو ساءُ ۽ سواد پکيڙي ڇڏيو. خاص طور ان سمئي 'رگ ويد' جا به ديوتائون سندس 'اشٽ ديوتا' هئا: اندر ۽ سوم ديوتا. اڪثر رگ ويد مان 'سوم رس' جون پرارٿنائون سندس واٽي جو لازمي حصو بڻجنديون هيون،

"ڏسو، مان پرارٿنائن جو رچيندڙ آهيان. منهنجو پيءُ هڪ وئد آهي . ۽ منهنجي ماءُ جنڊ تي اُن پيهندي آهي. اسين سڀ پنهنجي پنهنجي الڳ ڪرت ۾ رُڌل آهيون. جيئن 'پوتر ڳئون' چراگاهن اندر هر پاسي ڪاڄ جي ڳولها ڪندي رهي ٿي، تيئن اسين سڀ پنهنجي پنهنجي ڪرت جي باوجود، اي سوم ديوتا، تنهنجي آراڌنا ڪندا رهون ٿا ___ اَن لڪشمي (دولت) جي دين لاءِ جيڪا تون 'اِندر' ديوتا لاءِ وهائيندو رهين ٿو."

يا ٻي 'رگ ويدڪ' ڪتڪتائي پيدا ڪندڙ پرارٿنا واچيندي آکي ٿو،

"اي سوم ديو، توڪي پيتو وڃي ٿو. تون اندر ديوتا ڏانهن جهرڻي جيان وهندو رهين ٿو. ۽ سيني ڏسائن ۾ خوشي آنند جي لهر پکيڙي امر ڪاڄ ڏيندو رهين ٿو. ست سهاڳڻيون توکي آڱرين ذريعي ولوڙينديون ۽ يڪ آواز ٿي تنهنجي مهما جا گيت گونجارينديون رهن ٿيون. تون يجمان ڪي سدائين ٻليدان جي ياد به ڏياريندو رهين ٿو. توهين ان اندر وڻندڙ، سريلي آلاپ سان پاڻي ملايو ٿا. ۽ توهان جون آڱريون ڪپڙي جي ڇاڻي اندر پنهنجي ولوڙ جاري رکن ٿيون. ۽ ان جي نتيجي ۾ 'تون' اجرو بڻجي جنم وٺڻ جي درجي تان هلندو رهين ٿو. ان بعد تنهنجو ڦوڳ ٻاهر اڇلايو وڃي ٿو. ۽ ڪپڙي جي ان ڇاڻي مان وڻندڙ آواز اچڻ لڳي ٿو. آخر ۾ اهو 'ڇاڻو' هڪ ٽانوَ مٿان رکيو وڃي ٿو ۽ سهاڳڻين جون اهي آڱريون اڇا سوڌو، اي سوم ديو، توکي ولوڙڻ جي عمل ۾ رڌل آهن. ۽ نتيجي طور ٽانوَ اندر 'پوتر پاڻياٺ' چشمي جي ڌارا جيان ڪرندو رهي ٿو. اي سوم ديوتا، ان بعد تنهنجو سنگم کير سان ڪرايو وڃي ٿو. ۽ پوءِ اهو پوتر پاڻي توهان ڏانهن سريلي مڌر آواز ۾ وڌندو رهي ٿو."

ان موج مستي ۾ غلطان جيون دوران اچانڪ محسوس ڪيائين ته سندس جوڀن پاڇي جيان موٽ ڪائيندو نظر آيس، ايئن ڀانئياڻين ڄڻ سمونڊ اندر وير لهندي هجي. ۽ سندس من مان اٿندڙ جهيڻي رڙ جو اشپ پڙلاءُ ڪنين پيو هجيس.

"سندر مُکُ جيڪو چنڊ ڪي به شرمائي، حسين نيڻ جيڪي ڪنول ڪي شرمائين. بدن جي رنگت جيڪا سون ڪي به لڄائي، گهاٽا گهنڊيدار وار جيڪي ماکي جي ڪارين مکين ڪي به شهه ڏين، پريل رسدار اُرهه جيڪي هاٿي جي لوندڙين تي ٻن گنبذن ڪان گوءِ ڪٽندي ڏيکارجن. گول نهرا رسدار ٻنڊڙ، ۽ سريلو مٺو آواز اهي جوڀن ۾ مست ناري جا فطري زيور آهن."

پريميءَ لاءِ ان ڪان وڌيڪ سندر ڪهڙو ڏيک ٿيندو؟ جڏهن سندس مرگهه نيني پريميڪا ڪيس مرڪندي پريم رس ٻڏل نيڻن سان تڪيندي هجي؟

سندس لاءِ ان کان وڌيڪ ڪهڙو موهيندڙ واس هوندو جڏهن هن جي وات مان ساهه ۾ رچيل سڳنڌ ڪيس مستي ۾ مگن ڪندي هجي؟ سندس سريلي آواز کان وڌ ڪهڙو آواز هوندو؟ سندس چپن جي امرت رس چوسڻ کان وڌ ڪهڙو ڪاج هوندو؟ سندس نفيس ۽ نازڪ اطلسي جسم جي ڇهاءُ کان وڌيڪ ڪهڙو ڇهاءُ ٿي سگهي ٿو؟ ۽ ڇا پريمي سندس سڊول جسم ۽ پروقار بيهڪ کان وڌيڪ ڪنهن ٻيءَ شيءِ بابت سوچي سگهي ٿو؟

مردانگي جي گهٽتائي صرف مرد ذات جي ڀاڱ ۾ لکيل آهي. خاص طور جڏهن هو پيرسن ٿي ڪري موج مستي کان وانجهجي ويندو آهي. پر ناري ان موذي مرض ۾ مبتلا ڪونه ٿي رهي، حالانڪ هُن مٿان به پيرسني ۽ سستائي جو دور ايندو آهي. پر ان حالت ۾ به هو موج مستي لاءِ تيار هوندي آهي.

مرد ۽ ناري جي اصلي ۽ حقيقي، 'ميلاپ' جو مطلب ٻن دلين جو سنگم هوندو آهي. پر جڏهن اهو مقصد اڌورو رهجيو وڃي ته ايئن لڳندو آهي ڄڻ ٻه بيجان جسم ملندا هجن.

"جوڀن ۾ مست ناري ندي جيان هوندي آهي. سندس جسم جا ور وڪڙ ان جي لهرن سان مشابهت هوندا آهن. سندس رسدار اُرهه ان جي سطح تي ترندڙ بدڪن جيان هوندا آهن ۽ سندس چهري جا رنگ جل پرين وانگر. پر، ندي جو تَرُ گهرو ۽ خطرناڪ ٿئي ٿو. ان جي انگڻ ونگڻ وهڪ جو اندازو لڳائڻ سهنجو عمل ڪونهي، ۽ ڪنهن مهل به ڏڪي سمنڊ جي حوالي ڪري سگهي ٿو. ان ڪري مردن کي ان کان پاسو ڪرڻ جڳائي مبادا غرق نه ٿي وڃن."

اهڙي ريت پرٿري هري پيرسني ۽ نستائي جي لاڳيتي ڪاري پاڇي هيٺ مسلسل گولاٽيون کائيندو، گوتمي 'عدم' کي ٻي ڪئتي ڏر مان اکيون ڦاڙي تڪيندو ۽ 'نرواڻ' اُپاءُ سوچيندو رهيو. ان سوچ دوران چين ديس مان هڪ ٻيو 'پوپٽ' سندس ڪلپنائي اُڏام مهل پرارٿنا دوران سندس ڪليل ترڻ ٽي اچي براجمان ٿيو.

'نرواڻ' هميشگي جي حالت ۾ 'ٻوڏي سياءُ' جو اٽل انگ آهي. پر دنيوي 'مهاڃار' ناپائيداري جي حالت ۾ 'ٻوڏي فطرت' آهي. 'نرواڻ' پاٽي جي اتم وهڪ آهي. ۽ دنيوي مهاڃار ان جي سطح تي پيدا ٿيندڙ ڇوليون آهن. ان ناپائيداري مان 'آجڪائي' کي نرواڻ يا ڇوٽڪارو ڪوٺيو وڃي ٿو.

نرواڻ آنند جو اهو روپ آهي جنهن کي سچائي ۽ حسن ڇئبو آهي. ان اندر ڪا بدي سمايل ڪونه ٿئي ٿي. هر شيءِ اڻ بدلجندڙ هميشگي، شانتي ۾ سمايل خوشي، امر پوترتا ۽ مڪمل آزادي اندر ساهه کڻندي پسي سگهجي ٿي.

ان ڏر واري حالت ۾ پرٿري هري محسوس ڪيو، 'ڪارو پاڇو' وڌيڪ گهرو ۽ گهاٽو ٿيندو پئي ويو. ۽ 'عدم' اوڏو ۽ 'نرواڻ' ڏور ٿيندي نظر آيس. ان مهل 'گيتا ۽ ڪرشن' الائجي ڪاٿون پرگهٽ ٿي سامهون اچي بيٺس. پر هي ڇا؟ نه ڪرشن جي هٿ ۾ بانسري هئي، ۽ نه ئي ساٿس سنگ راڌا!

"منهنجو ايئن اڄهو وٽ جيئن موتي داٽي سڳي ۾ پوئجي ويندا آهن.

مان پاٽين جو تازو سواد آهيان. مان چنڊ جي چانڊوڪي آهيان.

سچ جا سونا ڪرٽا، ويدن جي اُپاسنا، پولار ۾ ٿيندڙ اسرار آهن.

۽ منش جي 'ٻج' جي شڪتي به مان ئي آهيان.

ڌرتي جي پلاري پيني سڳنڌ به آهيان. اگن جو لال شعلو به مان ئي آهيان. ۽ سيني حرڪت ۾ ايندڙ هستين جي امر آتما به مان آهيان. خالي آتمائن اندر، موجود 'پوترتا' به مان آهيان ۽ مان اها 'امر پاڙ' آهيان جتان هر موجودات اُسري آهي.

ڏاهن جي 'ڏاهپ'، گيانين جو 'گيان'، مهان انسانن جي مهاتما، پر وقار هستين جو وقار...

جيڪو بصيرت سان پسي ٿو، ويدن ۽ پوتر گرنٿن وارو 'پرميشور'، پوتر ڳئون، هاٿي، رولو ڪتو،

اهو شودر جيڪو ڪتي جو گوشت واپرائي ٿو.

اِهي سڀ هڪ ئي وحدت ۾ پوتل آهن."

ڪاري پاڇي جي ڊيڄاريندڙ گيرائي ۽ گهرائي ۾ نپٽي وقت جي 'تيز رفتاري' لاڳيتو اضافو ڪندي رهي ٿي. 'چنتا' وقت بيوقت ڏائڻ جيان ڏند ڪرٽيندي آڏو اچي بيهندي هئس. اهڙي ئي سمي رشي ويدوياس الائي ڪٿان پرگهٽ ٿي 'مهاڀارت' جو وساريل ورق سندس آڏو اچي رکيو.

"سوچ، شبد ۽ عمل تي ٽيٽي پابندي، خاموشي اختيار ڪرڻ، جٽائون ڏارڻ، مٿو ڪوڙائڻ، ڪل يا وڻ جي ڇال کي پوشاڪ طور استعمال ڪرڻ، روزا يا ورت رکڻ، ڌرمي رسمن جي پوئواري ڪرڻ، ٻليدارن يا قرباني جي آڳ جلائڻ، تياڳي جيان جيون گهارڻ، تن کي تسيا ڏيڻ اِهي سيئي تدبيرون بيسود آهن. جيستائين باطن ۾ سمايل آتما کي بي داغ نٿو رکي سگهجي."

پوڙهائپ جي ٻاٽ ڪاري پاڇي اندر وِڪوڙجندڙ وجود پرٿري هري جي من موجي تخليقي اُڀج تي ڄڻ 'ڪل جا سم سم' واري غار ٻاهران رکيل ڀاري ڇپ وجهي ڇڏي هئي. 'پريم' جا سرچشما ڪنوار، ڪنيا ۽ ڪنواري جي ساٿ ۽ سنگ ۾ ئي ڦٽندا آهن. هينئر اِهي سندس 'مادي وجودي' رسائي جي ڪلپنا کان به ايڏو ڏور هليون ويون هيون جيڏو 'گهڻ _ خدائي' ۾ وشواس رکندڙ کان 'يڪ وجودي' خدا گهٽو گهٽو پري ۽ گرفت کان ٻاهر هوندو آهي. هينئر ڪيس 'گيان گوشتي' جو سَلو برقرار رکڻ لاءِ اپنيشدن، جي ويساکي جي سهائتا وٺندي به ڏنو ويو. هن جي اندر ترنگ تڪُ ۽ تيزي بجاءِ موت جهڙي ماٺائي، مونجهارو ۽ مردني ڇانئجي ويئي. جيتوڻيڪ 'چندوگيا اُپنيشد' جو هيٺيون قول ڇاهه ۽ چوڄ سان آلاپيندو ۽ ڏيائيندو رهندو هو،

"تخليق ۽ ترقي جو هڪٻئي سان اڻ ٽٽ سٻنڌ آهي، تخليق کان سواءِ ترقي جو تصور عبث آهي ۽ تخليق جي فطرت به اها ئي آهي. جنهن هنڌ آنند هوندو اتي، تخليق عمل به يقيني طور جاري رهندو. ۽ آنند کان سواءِ تخليق ناممڪن آهي. ۽ اها ئي آنند جي فطرت به آهي. جتي 'ابد' آهي آنند جو واسو به اتي ئي هوندو آهي. 'غير ابدي' اندر آنند جو واسو ناممڪن آهي."

پر "ڪاري پاڇي" ڪارڻ ڪائنس تخليق، ترقي ۽ آنند ڄڻ هميشه لاءِ رسي ويا. ۽ 'گهڻ خدائي' ۽ 'يڪ وجوديت' جي ډٻڻ ۾ ڦاسجندي 'ابد' جو سرو به هٿن مان ڇڏائجي ويو هئس.

هڪ ڀيري 'ميتري اپنيشد' جي هيٺ ڄاڻايل نڪتي کي هٿن ۾ جهلي 'دُٻڻ' کان ٻاهر نڪرڻ جو جتن به ڪيو هئائين،

"برهمر جو شبد (Word) اومر آهي، ۽ اومر جي چيڙي تي 'ماٺ' جو راڄ آهي __ 'آنند' جي ماٺ.

ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ تن من جي ايڪا گرتا سان ماٺ ۾

برهمر (Divine) کي ڌيائڻ، اُپاسنا ڪرڻ ضروري ڄاتو وڃي ٿو."

پر ڪاري وارا ڪک به نصيب ڪونه ٿيس. جيتوڻيڪ پاڻ کي اومر جي ٻڌايل آسڻ مطابق ذهني ۽ جسماني، طور ٻٽائڻ ۾ ڪٿي به ڪين گٿو. يعني،

"-'اومر' (Absolute) ڪمان جيان آهي.

۽ انساني آتما ان جو تير آهي.

'برهمر' ان تير جو نشانو آهي.

۽ هر جڳياسو (آرزو مند) ان هدف ڏانهن نشانو ڇنيندو رهي ٿو."

پر هن 'ڪاري پاڇي' جو نشانو خطا ئي ٿيندو رهيو. ساڳئي ئي اپنشد ۾ پڙهيو هئائينم

"-'آواگون' جو جنمر داتا شعور يا ٻُڌي آهي.

انسان کي جڳائي ته پنهنجي ٻُڌي تان سموري مَرُ ۽ گندگي صاف ڪري ان کي اجرو ٻٽائي،

ڇو جو ماڻهو جيڪو ڪجهه سوچيندو آهي

اهو ئي ٻڻجيو ويندو آهي. اها ازل جي عجب پرولي آهي."

پر پرٿري هري پنهنجي ٻُڌِي کي اُجرو رکڻ ۾ سڦل ڪين ٿي سگهيو. ڇو جو جوڀن ۾ رتل من موجي ڏهاڙن جا سندر ۽ من موهن پاڇاوان بار بار پڏرا ٿي سندس تن من ۽ ٻڌي کي ڏولائمان ڪندا رهندا هئا.

پنهنجي گهٽجندڙ تاريڪ پاڇي نما وجودي سفر دوران ڪيس، 'ڪينا اپنيشد' جي ٻولن ۾ به پناهه وٺڻي پئي هئي:

"بنيادي، 'نج ۽ آفاقي سچائي' صرف ان پانڌيئڙي ۽ سالڪ جي ڪلپنا ۾ اوچتو پيهي ايندي آهي جيڪو ان کي 'ڪلپنائي جتن' کان سواءِ محسوس ڪندو آهي. اُهي جڳياسو ان جي ڇهاءُ کان به محروم هوندا آهن جيڪي صرف ڪلپنا وسيلي ان کي حاصل ڪرڻ جو جتن ڪندا رهن ٿا يا 'حق ۽ سچ' فڪري سوچ کان بلند ٿي حاصل ڪري سگهجي ٿو. جيڪي ڏاها پرش ايئن سمجهن ٿا ته 'ان' کي فڪر سوچ گيان ۽ ڌيان ذريعي حاصل ڪري سگهجي ٿو ته اهي ڪڏهن به ان ڪوشش ۾ ڪامياب ڪونه ٿيندا."

پر، سندس ڪلپنا ۽ گيان اندر اڳ ۾ ئي 'سسندڙ پاڇاوَن' جو ديرو ڄميل هو ان ڪري 'بنيادي سچائي' ۽ "حق ۽ سچ" جي پاڙن پيدا ٿيڻ جي ڪا گنجائش ڪين هئي. ۽ هتي به ڪيس مايوسي ئي پلئه پئي.

ان سسندڙ 'سياهه پاڇي' اندر به ويچار شڪتي، ڪڏهن ڪڏهن ڇلڪندي پسبي هئي. هڪ ڀيري پنهنجي وڌندڙ 'پوڙهپا' ۽ 'سروَم دڪم دڪم' تي ويچاريندي سوچيو هئائين،

"اپنيشدي فڪر مطابق 'پوڙهپا' جو ڪارڻ 'اگيان' اندر پوشيده هو. پر گوتمي فلسفي موجب 'دُک' جو سبب

واسنا (خواهش) جي ڪک ۾ سمايل هو. ڪيس مهاتما ٻڌ 'آدرشي سوچ' جي ڀيٽ ۾ عمل تي زور ڏيندو نظر آيو هئس. پر اپنيشدي سکيا مطابق پنهنجي 'آتما' سان سڃاڻپ ۽ ان سان ويجهڙائپ پوڳڻا يا دک جي اثر کي ختم ڪرڻ يا گهٽ ڪرڻ ۾ يڪ ٽڪ اپاءُ ليکيو ويو هو."

انهن گهرن ڪُنَنَ ۾ ٻڏندو، ترندو اڳتي وڌندو رهيو. بنان ڪنهن ٿانئينڪي هنڌ جي.

اهڙيءَ ريت راجا ڀرتري هري جو اِهو لاڳيتو الوپ ٿيندڙ ۽ تاريک تر ٿيندڙ پاڇو ڪڏهن ويدن ۾ ٽبي هٽي اُپنيشدن ڪان نڪرندو هو تہ ڪڏهن جنگ نامن (رامائڻ ۽ مهاڀارت) ۾ غوطا ڪائيندو هندو فڪري اسڪولن مان مٽين جي تلاش ڪندي گوتمي فلسفي جي موتين جو درشن ڪري 'پراڻن' ڪي واچيندو رهيو. هڪ ڀيري 'سام ويد' جي ان نڪتي کي هنڊائيندي چيائين،

"انسان جي آتما سمورو ئي برهمانڊ خود آهي.
۽ جڏهن هو سُتل حالت ۾ هوندو آهي تہ هو،
پنهنجي باطن جي بي انت اونهاين اندر هليو ويندو آهي.
۽ 'پرم آتما' سان بہ سندس ميلاپ ٿيندو آهي."

ساڳي ريت 'چندوگيا اپنيشد' مطابق بہ ان حقيقت جو ورجاءُ هن ريت ڪيو ويو،

"برهم جو نانءُ ستيم آهي، جيڪو پرش بہ ان سان سڃاڻپ حاصل ڪري ٿو اهو ڄڻ روزانو سرڳ جو مزو ماڻيندو رهي ٿو."

پر انهن ڏاهپ ڀريل نڪتن سان بہ سندس ڪا پياس ڪون لٿي. اهو پرجهي هن سوچيو هو، 'جيڪڏهن واقعي اها غير تڪراري حقيقت هجي ها تہ پوءِ انسان جي پياس ۽ تاس ۾ روز وڌندڙ اضافو ڪڏهن ڪين ٿئي ها.'

انهن نڪتن مان ڪيس انسان جي تلاش جي ازلي جستجو ۽ جدوجهد تي پابندي لڳائڻ جو 'اشارو' نظر آيو جنهن ڪيس ۽ سندس وشواس کي ڄڻ جهٽڪو ڏئي ڌوڏي ڇڏيو. ۽ سندس 'سوس' ۽ پاڇي واري 'ڪاراڻ' ۾ بہ اضافو آندو.

24.07.2012



پاٽيهاري سِرِ ٻَهڙو، جر تي پکي ڄڻن،
اسان سَڄڻُ تِيئن، رهيو آهي روح ۾.

هي ڪَنَ ڳاڙهان وڪَڙِي، ڪن ڪي ٻئا ڳنيج،
سندي پريان ڳالڙي، تِنِين سين سُٽيج.

مورِکَ مورِ نہ ٻُجَهٽا، هيڏا هوڏا ڪَنِ،
ڪَنُرُ جن اکين ۾، سي ڪِي ڀِرِي مڙنِ.

ڪنر قدوري ڪافيا، جي پڙهي پروڙئين سَيُ،
تہ ڪَرَ منڍي ماڪوڙي، ڪوهه ۾ پيئي ڪَيي اُيُ.

سوئي هيڏاهه، سوئِ هوڏاهه، سوئي مَن وَسي،
تِنهين سندي سوجهري، سوئي سو پسي.

سَڄڻُ جان سَهُو، تہ ڪر روح رُچَنديُون،
سندو ڪات ڪَهُو، پُٺُوئي پَرُ سهي.





پڪي پيڙ...

ڊاڪٽر رسول ميمڻ

زهر قاتل جو پري جام پيئاريو يارو،
چوڻڪارو مونکي ڏاهپ کان ڏياريو يارو.

واقعي ئي ڏاهپ انسان کي مونجهارو عطا ڪيو آهي. ڏاهپ جي وصف مڪمل نہ آهي. ڏاهپ معنيٰ بدلائي ٿي. ڪڏهن سچ ڏاهپ جي اڳواٽي ڪري ٿو. ڪڏهن ڪوڙ ڏاهپ جو علمبردار آهي. سچ ۽ ڪوڙ جاڙا پائر آهن جيڪي همشڪل آهن. هڪ کي ڳولهيو ٻيو ملي ٿو. ٻئي کي ڳولهيو پهريون ملي ٿو. چوراهي تي بيٺل انسان ڏاڍو منجهيل آهي. رستن جي رهنمائي ڪندڙ تير جي نشان جا نت ڏلا ٿي چڪا آهن. اهو هوا تي رخ بدلائي ٿو.

تاج بلوچ جي شاعري حقيقت جي ڳولها ۾ هيئت بدلائي ٿي. جستجوءَ جي جاڪوڙ ۾ ان کي چار مغز آهن. اٿ اکيون سورنهن ڇنگهون ۽ ٻارنهن ٻانهون. تاج جي شاعريءَ پويان لاتعداد فانوس ٻرن ٿا جنهن ڪري ڏرتيءَ تي ان جا ارڙهن عڪس نهن ٿا. هن جي شاعري علامتن جو روپ ڌاري سچ ۽ ڪوڙ ڪان مٿي هڪ نئون روپ اختيار ڪري چڪي آهي. جنهن کي نئون لفظ ڏيڻو پوندو جنهن لاءِ نئون اچار تخليق ڪرڻو پوندو.

آئينا چور ٿيا... ڪوئي چهرو
پنهنجو نہ پرائو ٿو لڳي.

يا

هر عڪس ۾ ملندو ساڻءِ
ڪنهن شخص ۾ ملندو ساڻءِ
يا رقص ۾ ملندو ساڻءِ.

تجريد انفرادي سوچ ۽ سمجهہ جي حد اندر پنهنجو ڏيکاءُ ڏئي ٿي. هر سوچ جي سگهہ ساڳي نہ آهي. ساڳي تجريد هر الڳ ذهن ۾ منفرد عڪس اپاري ٿي. تجريد گهڻ رُخو ڏيک آهي. جيئن خدا ۽ ان جا الڳ روپ.

تجريد پوءِ بہ سچ نہ آهي. اسين مونجهارن کي سؤلو بنائڻ لاءِ علامتون ايجاد ڪيون ٿا. جيئن ڪو صوفي مذهب جي ڍهندڙ عمارت کي ٽوٽيون ڏئي ٿو. دراصل اسين جيئري رهڻ لاءِ صورتحال يا وايومنڊل جي تبديلين جي نازل ٿيندڙ فطرتي عمل آهي. حالتون انسان کي بدلائي وجهن ٿيون ۽ انسان جيئرو رهي ٿو.

خدا انسان جي تخم (Gene) ۾ موجود آهي. اسين تخم (Gene) جا غلام آهيون. جيڪڏهن سچي دل سان خدا جا انڪاري ٿيون تہ پوءِ هزارين سال انتظار ڪرڻو پوندو جيسين انڪاري نسلن جي تخم (Gene) مان خدا صاف نہ ٿي وڃي. خدا جو انڪاري ٻارهين منزل تان ٽپو ڏيڻ کان اڳ ۾ ڪيترائي ڀيرا ڪڏي ٿو. موت جي خوف کان رڙيون ڪندو خدا کي ٻاڏائيندو پٽ تي ڪري ٿو. بي ڌيانيءَ ۾ رب جو نانءُ زبان تي چڙهي ٿو. چا ڪيون مجبور آهيون.

ساقي تنهنجي اک لڳي هوندي
ميڪشن جا رنگ ساڳيا آهن.

ڪنهن ساقيءَ کان پڇيو،
”ڪڏهن پاڻ بہ پيتو ٿي يا ٻين کي پيئاريندو ٿو وتين؟“

ساقيءَ خماريل نيڻ کڻي چيو،
”اسين پيتي بنا پرباش آهيون.“

مونکي ننڍي هوندي پاڙي مان لنگهيندڙ چيتمل پنساريءَ جي ڪپڙن مان هريڙن جي بوءِ ايندي هئي ۽ جمعي جي نماز ڪانپوءِ موتي مسجد ٻاهران نياز ورهائيندڙ وئشيا جي چانورن مان شرم گاهہ جي بوءِ. ساڳي طرح ساقيءَ جا ڪپڙا مڌ ۾ پنل آهن ۽ شهيد جا رت رنگيل. ميڪشن جا رنگ ساڳيا آهن. باقي اک لڳيءَ جا مطلب گهڻا آهن. جيڪڏهن ساقي سمهيو تہ سرمستيءَ جا ڪم لٿا ۽ ڪنهن جي اک لڳي تہ ان جهڙو خوشقسمت ڪير؟

مڌ ۾ ٻوٽيل اکيون،
ڇڻ وڙهي پرتل اکيون.

اهڙا شعر پڙهڻ سان خمار طاري ٿئي ٿو. لفظن جا چپ چمڻ تي دل چوي ٿي.

آئينا چور ٿيا.
ڪوئي چهرو نہ ئي پرائو ٿو لڳي.

دنيا شيشي جي ٺهيل آهي ۽ اسين پاڇا آهيون. اسان جي چهرن جا عڪس شيشن ۾ نهن ٿا. آئيني جو ٽٽڻ شناخت جو مٽجڻ آهي. وجود پاڇي ۾ بدلجي وڃي ٿو. پاڇو نٿهڻ اس ۾ بيٺل آهي. ان جي چهري کي ڪا شبيهہ نہ آهي. وجود پاڇن جي ڇانوَ ۾ لڪيل آهن.

ننڊ ۾ هلندي تاج نيڻ ڦٽيا.

عشق ارتقا جو عروج آهي. جڏهن ماڻهو مڪمل ٿيندو تہ عاشق سڏائبو. ننڊ ۾ هلڻ جي جاڪوڙ ڪنهن کي ڏسڻ جي جستجو آهي. اهڙي حسرت تصور ۾ محبوب جو چهرو تخليق ڪري ٿي ۽ چهري ڏسڻ جي آرزو ۾ اکيون جنم وٺن ٿيون. نيڻ ڦٽجن ٿا. جستجو جيئرو رکي ٿي. وڇوڙي جي خوف کان دل جي ڌڙڪن جاري آهي. توڏانهن پهچڻ جي ارادي تي رت جي گردش روان آهي. مان جيئرو آهيان. تون مون ۾ جيئرو آهين.

جام نہ آهي سر ٽڪرايو
ڪنهن تہ نموني دل وندرايو.

فرار حرارت بخشي ٿو. پڃي نڪتل قيديءَ جي نرڙ تي پگهر جون بوندون چمڪن ٿيون. فرار نئون رستو ڏيکاري ٿو. جام نہ هوندي سر ٽڪرائڻ ۽ دل وندرائڻ زندگيءَ جو پيغام آهي. مدهوشيءَ جي سرور ۾ سپ ڏک خودڪشي ڪن ٿا. دنيا ۾ مست جي دل سپ ڪان وڏيڪ خوشي ماڻي ٿي. سرمستي نجات آهي.

تنهنجي زلفن سان جن جو ڪم آهي.
تن جي دنيا ۾ پيچ و خم آهي.

اسان جي عقل جون آڱريون زماني جا زلف سلجهائي نہ سگهيون آهن. اسين واٽون وڃائي ويٺل شخص آهيون. ترين تي سج رکيل آهن. تيز روشنيءَ ۾ انڌا ٿي چڪا آهيون. انا ۽ ڏاهپ جا سج. دعويداري ۽ Perfections جا سج. ڇاتين سان چنبڙيل. ٻار جيڪي زلفن سان کيڏن ٿا ۽ محبوبا جنهن جي چميءَ جو ذائقو کٽي ڪير جهڙو آهي،

رت جي درياهہ ۾ ٻڏي رنگ ويا.

ڏاڍو ڏکيو آهي سٽ کي سمجهڻ ۽ وضاحت ڪرڻ. سمجهہ احساس آهي جيڪو شعور جي پهچ جو حاصل آهي. احساس ساڳيا نہ آهن. سمجهہ جي وصف ناممڪن آهي. هر ڪو پنهنجي رنگ ۾ محسوس ڪري ٿو جيترو محسوس ڪري سگهي. پر ايترو ضرور آهي تہ رت جي درياهہ جو منظر ٻاهہ جي ٻوڏ کان گهٽ نہ آهي.

حرف حرف جي بيهڪ بگڙي
جذبي جو اتساهہ مئو
لفظ لفظ جي معنيٰ بدلي
لهجي جو ويساهہ مئو.

ڪجهہ بہ حتمي نہ آهي، هر شيءِ مڪمل ٿيڻ جو آرزوءَ ۾ بگڙجي تبديليءَ جا مرحلا طئي ڪري ٿي. ايتري پڪ آهي تہ ڪائنات جي بقا تائين ڪابہ شيءِ مڪمل ٿي نہ سگهندي. مون هڪ دفعي ڪهاڻي لکي مڪمل ڪئي. ڏاڍو خوش ٿيس.

ان ۾ سڌارو ڪرڻ لاءِ جڏهن پين کڻي پڙهڻ شروع ڪيم تہ جملن تي لڪيرون پائيندو ان حد تائين هليو ويس جو پوري ڪهاڻي ڪٽي ڦٽي ڪيم. سوچيم ان ڪهاڻيءَ جو سپ کان سٺو عنوان آهي، ’اڇا پنا، ڪارا پنا.‘

سوچن جا وار بہ سفيد ٿين ٿا. اتساهہ ۽ ويساهہ مرڻ،

ڪان اڳ پوڙها ٿين ٿا. لفظ جيڪي ليڪ جا غلام آهن بگڙجي بغاوت ڪن ٿا. تفسيرون رت وهائين ٿيون.

دل جي اجلي چادر تي ڪا،
البيلي پائي ويئي ليڪا.

چون ٿا دنيا جي وڏي ۾ وڏي ايجاد ڦيٿو آهي. پر مان چوان ٿو، وڏي ۾ وڏي ايجاد ليڪ آهي. ڪائنات جي هر شيءِ ليڪ جو بگاڙ آهي. جڏهن پيغمبرن الله ڪي ڳولهڻ جي دعويٰ ڪئي ته ليڪ پاتي. جڏهن سائنسدان ليڪ کي ڦيرايو ته ڦيٿو ايجاد ٿيو. انسان جي جسم تي پنج سو ٻارنهن ليڪون آهن. قسمت جون ليڪون هٿ تي نه آهن ڪنهن ٻئي هنڌ آهن. پر دل جي چادر اجلي آهي جنهن تي ليڪ جو اختيار محبوب ڪانسواءِ ڪنهن وٽ نه آهي.

نت نئون زخم نئون درد مليو،
هٿ هٿ سان جو مليو سرد هليو.

سرد خاني تي موسم جو اثر نه هوندو آهي. جسم بي حس ۽ چرپر ڪان عاري هوندا آهن. روين جي لحاظ ڪان دنيا تي هڪ موسم طاري آهي. هٿ سرد ٿي چڪا آهن. جذبا سيءَ ۾ سڙي چڪا آهن. اسين اڪيلا آهيون.

جيڪي ٽاندئا سيه رات ۾ سوپارا ٿيا ها جانان،
محض اهڃاڻ جيان هاڻ سي ڳڻجن ٿا ستارا جانان.

ٽاندئا سيه رات ۾ سوپارا ٿي ستارن جا اهڃاڻ ٿي وڃن ٿا. بودليئر چيو،

”دنيا علامتن جو جهنگ آهي.“

ڪائنات جي هر شيءِ علامت ڪانسواءِ ڪجهه نه آهي. چوڪنڊا، مستطيل، گول ۽ ٽڪنڊا هر هنڌ وکريا پيا آهن. ڪائنات فطرت جي هٿ سان لکيل صورتي الفاظ آهن. Cubism مدي خارج ٿئل علامتن جو ڍير آهي. تجريد جي ديو کي لاتعداد منديون آهن. ڪائنات ۾ موضوعن جيان شبيهن جي ڪا کوٽ نه آهن. پيير هيٺان پيل ڪک ڪائنات جي نمائندگي ڪري ٿو. ڳوڙهي ۾ سمنڊ جو ذائقو آهي.

ايترو جلدي ڪراڙو ڪيئن ٿيو؟
سنڌ عورت وانگيان
سمنڊ هاٺي سمنڊ بدران
سنڌ عورت لڳي ٿو.

سمنڊ جي سطح تي پيدا ٿيندڙ لهرون ڇهري جا گهنج آهن. سمنڊ مرگهيءَ جو مريض آهي، جنهن جي وات مان گج نڪري ٿي. حياتي ڏيندڙ سمنڊ جون ٻچيدانيون خالي ٿي چڪيون آهن. ڪير ختم ٿي چڪو آهي. تمر جا وڻ ڪٽجي چڪا آهن. فطرت سمنڊ مان جنم ورتو. سمنڊ جيوَ گهرڙن جون جهان آهي. اسين ايمفوبيا جو بدليل وجود آهيون. اسان جي رڳن ۾ سمنڊ جو پاڻي آهي ۽ ڳوڙهن ۾ نمڪيات. سمنڊ جو سنڌ ٿيڻ ان دروازي جو بند ٿيڻ آهي جتان زندگي داخل ٿئي ٿي.

جسم تي روح جي ڪنهن جاءِ تي
ڪا جاءِ بچي ئي ناهي
عشق آڪيرو ڪٿي جوڙيندو؟

گلن جا ٽوڪرا توهان ڪٽو عيسيٰ جي ڪلهن تي صليب آهي زخم ڏيڻ لاءِ جاءِ ڳولهيو ڇو جو وجود وڍيل آهي. روح جسم ۾ ائين سمايل هوندو آهي جيئن حرف ۾ مس. روح ڦاٽل ڪتابن جا ورق آهن. پکي جي وات ۾ ڪک آهي. ڪک جيتري جاءِ ڪٿي نه آهي.

هو مسيحا ڪٿي موٽي نه وڃي
زخم دل جا جي ڇٽي ويا آهن
تن کي سوچيان ٿو اڌيڙي ڇڏيان.

تندرست کي به مسيحا جو سات گهرجي. مسيحا آهي ته آٿت آهي. بيماري ته بهانو آهي عيادت کي اهميت آهي. منهنجو زخم سيني تي رکيل تنهنجي ترِيءَ هيٺان تازو ته آهي پر سپ سور ڍڪيل آهن. اي ڏٽي زخم کي گهرو ڪر جيئن پرينءَ جو سات سلامت رهي.

هٿ سڙي ويا آهن.
خط بچي ويا آهن
چپ سڙي ويا آهن
ڳل بچي ويا آهن.

توکي چمندي چپ سڙي ويا پر تنهنجا ڳل ائين بچي ويا جيئن هٿ ساڙيندي خط بچي ويا. يقين ڪيو عاشق مٽيءَ مان ۽ محبوب باهه مان ٺهيل هوندا آهن. اسين خاڪ ٿي محبوب کي ڳولهي لهندا آهيون.

يا ته ڪوئي ڊوهه هو يا اکين جو ڏوهه هيو
واٽ ۾ جيڪا ملي سرسبز آبادي ملي.

واٽ ۾ سرسبز آباديءَ جو ملڻ ڊوهه آهي. اکين جو ڏوهه آهي. پر انهن اکين کي شاباس جن واٽ تي سرسبز آبادي ڏٺي. نظارا ناياب ٿي ويا آهن. ساوڪ سڙي چڪي آهي. منظر ويران آهن. اکين تي اعتبار نه آهي. ندين جو پاڻي اجايل آهي. پوکن ۾ نيڻ ڦٽن ٿا. ٻرندڙ جبل تي برف چمڪي ٿي. خبر نه آهي ڪڏهن يقين ڪرٽو پوندو ته اپرندڙ دونهون جنگ جي ميدان مان نه پر ڳوٺ جي رنڌڻن مان اپري رهيو آهي.

ڪيڏانهن اڏاٽي خوشبو
اجڙيل گهر گل ۽ گلدان
پٽ تي ماٺهوءَ جي تصوير
گهر ۾ رهي ٿو پر حيوان.

تاج جو ڪتاب Grief in Tetters جيڪو پڻ ساڳي ئي شاعريءَ جو انگريزي ترجمو آهي، تنهن باري ۾ ان ڪان وڌيڪ چا ٿو چئي سگهجي ته سنڌ کي لطيف نوناريءَ جهڙن ترجمي نگارن جي سخت ضرورت آهي.

11 فيبروري 2012ع تي آرٽس ڪائونسل ۾، تاج جي سنڌي نظمن جي ترجمي ’گريف - ان - ٽيٽرس‘ ۾ آيل شاعريءَ جو ايپاس پڙهيو ويو. ■

سالگره جون واڌايون

نوجوان سوجهرو ساٿي، نماڻو صديق مهيسر، فهيم سولنگي ۽ رحيم داد جوڳي کي سالگرهه جون واڌايون. جوڳي کي پٽ شاهه محمد جوڳي جي جنم جون به مبارڪون. ادارو

غزل



فراخ جانوري

اڄ وقت ڪٽي آيو سامان جدائي جو
ڪلندي ئي هٽي ڪوئي ويو ڪان جدائي جو
سَوَ سور سهي گهرُ مون جو پيار جو ٺاهيو هو
سو پل ۾ ويو ڊاهي طوفان جدائي جو
گڏجڻ ۽ ڇڄڻ ۾ هت ڪا دير نه ڳلندي آ
گڏ هوندي به رکجان تون امڪان جدائي جو
تڙپائي ٿو تنهن کي ۽ جان جلائي ٿو
هي سور سهڻ ناهي آسان جدائي و
ڪا سونهن نه سرهائي ڪو رنگ نه رونق آ
هر لمحو ڪٽيان ٿو پيو ويران جدائي جو.

*

مونکي ڪلندي اوهان جو ڪيڪاريو
منهنجو انگ انگ آهي ڦولاريو
منهنجي نوحي نما حياتيءَ کي
توئي مرڪڻ جو ڍنگ سيکاريو
ڏسجو ان مان گلاب ئي ڦُٽندا
رت اسان آ جتي جتي هاريو
جي لهي سج ويو ته ڇا ٿي پيو
پنهنجا پنهنجا سيئي ڏِيا ٻاريو
تنهنجي نوخيز مشڪيو ٽهڪن
ڇا ته موسم کي آهي مهڪاريو
پاڻ ڪاڏي وڃي رهيا آهيون
پنهنجي منزل تي ڪجهه ته ويچاريو.

*

اچانڪ مسڪرايو تو
ٿهي پيو چڻ ته گلدستو
اسان اڄ اندلٺ جهڙو
اوهانجي سنگ سک پاتو
اسان سان درد جو گهرو
صدين ڪان آهي ڳانڍاپو
بهارن ڪيس ڪومايو
خزان ۾ گل ٽڙيو هو جو
غمن ۾ چپ رهيس ليڪن
روئاريو! اڄ خوشي ڪيڏو
مسافر رات جو تنها
وڃي گيتُ ڳائيندو
دنيا سان توسان جيون سان
مسافر ڪو اتم ناتو
ڏنڌوڙي شهر ڪان چريا
پلو تي ڳوٺ هي پنهنجو
اوهانجي دک کي ڳل لائي
ائين پي چين مون پاتو ■

چاڪ چڪندي چڙيا...

لطف پيرزادو

سنڌ صدين کان جيڪي ڀوڳيو آهي، ان جو ذڪر شاهه جي رسالي ۾ موجود آهي. 712ع ۾ جڏهن محمد بن قاسم سنڌ کي تاراج ڪري، هتان جي ڏيهي حڪومت ختم ڪري، هن کي بغداد جي سلطنت سان شامل ڪيو ته ان ظلم ۽ اسدا تي لطيفؒ ڳوڙها ڳاڙيا آهن. صدين جو ڪلچر ۽ تهذيب رکندڙ سنڌين کي ڪلمو پڙهڻ ڪري مسلمان ڪيو ويو ته لطيف حيرت وچان سوال ڪيو ته ڇا ڪلمي پڙهڻ سان هي مسلمان ٿي ويا؟

وحدة وڃيا، الاالله اڪيا،
محمد رسول چئي، مسلمان ٿيا،
ڇيلانهن ڏٽيءَ ڏنا، ويا وحدت گڏجي.

الله جي هيڪڙائي کي نه مڃڻ وارا وڃي ويا، بيشڪ الله هڪ آهي، ان جو ڪو ٻيو معبود ناهي. چوڻ وارا پنهنجي ڌرتي، قوم ۽ مذهب مان اڌواڌ ٿي ويا.

محمد رسول چئي مسلمان ٿيا؟ لطيفؒ سوال ٿو ڪري ته ڇا ان اڌ جملي چوڻ سان ماڻهوءَ جو عقيدو، مذهب، تهذيب ۽ سماجي ڍنگ تبديل ٿي ٿا وڃن. فرد صدين جي ارتقائي عمل کي ڀُلجي ٿو وڃي؟ نه هو، ڪافي عرصي تائين اڳيون ئي رهي ٿو. ڏٽيءَ ڏُنا جڏهن مالڪ راضي ٿيو، هنن کي بخشيو تڏهن وڃي هيڪڙائي ۾ هڪ ٿيا. دودي شهيد جي ديس تي جڏهن چنيسر علاؤ الدين خلجيءَ کي چاڙهي آيو ته ان جنگ سنڌ کي اجاڙي ڇڏيو، ٻاگهل ٻائي، دودو سومرو، ۽ ابڙو اڙٻنگ شهيد ٿي ويا. روپا ماڙي تباهه ٿي وئي. هن جنگ جي نتيجي ۾ لاڙ واري ساحلي پٽي ۽ ڪڇ ڀڄ کان ابڙا ۽ جوڻيجا اتر سنڌ ڏانهن لڏي آيا. سمن جي دؤر ۾ ارغونن حملو ڪو، جنهن ۾ دولهه درياهه خان، مخدوم بلاول ۽ دولهه درياهه خان جا ٻه پٽ پنهنجي ديس تان سر گهوري امر ٿي ويا. جن جو نالو، سنڌ جي آزادي پسند نوجوانن لاءِ حوصلو آهي. سنڌ جي بهادر ۽ آزادي پسند عوام هر دؤر ۾ لالچي نگاهن ۽ ظالم لٽيرن جا ڏند ڪٽا ڪري، پنهنجي وطن جي لڄ رکي آهي. هنن سڪي ستابي ڌرتيءَ کي رت جو ريج ڏئي انقلاب جي شاهراهه تعمير ڪئي آهي. جنهن تي اڄ به اسانجي نوجوانن جا قافلا روان دوان آهن. سنڌ جا سرفروش ۽ سرويچ جوڌا هر وقت قربانيءَ لاءِ تيار ۽ هڪيا حاضر نظر ايندا. بلڪل هيٺئين بيت جيان:

اڳيان اڏين وٽ، پوين سر سنباهيا،
ڪاٽ ته پوين قبول ۾، پڇڻ پانئين گهٽ،
ڪلاڙڪي هٽ، ٿو ڪسڻ جو ڪُوپ وهي.
مٿو ڪن نه مُلهه، پڪ برابر پنهنجي.

ارغونن جون ٻه ٽي پيڙهيون سنڌ تي حڪمران رهيون، جن اگهماٽو ڪوٽ ۽ بدين ضلعي جا وسندڙ ڪيترائي شهر ويران ڪري ڇڏيا. انهن غيبي غليمن ٺٽو ۽ سيوهڻ کي اجاڙي ڇڏيو. احمد شاهه ابدالي شڪارپور تي ڪاهل آيو ته پٺاڻن جي لشڪر کي، دائود پوٽن مڙس ٿي منهن ڏنو. ترخان، نادرشاهه، چنگيز خان جي گهوڙن سنڌ کي لتاڙي نابود ڪري ڇڏيو، جنهن تي اسانجي شاعر گهوڙا گهوڙا واري اصطلاح کي خوب ڳايو آهي. ان سان گڏ ڌرتي ڏٽين کي ڪٽو ڪٽو ڪري ڇني ڌار ڪرڻ واري ڪرب کي به واهه جي جلا بخشي آهي.

ڪٿا منجهه قرار، هُئا هيڪاندا سنگ ۾،
ڳاهي ڳاهه فراق جي، ڪيا ڌارون ڌار،
نه ڄاڻان ٻيهار، ڪير ملندو ڪن سين!؟

———

گهوڙا! گهٽيءَ پونءِ، وو وو وڃن نگيا،
مادر! مٿان مون، ڪانگ لنئوندا ڪڏهين.

———

گهوڙا! ڙي! گهوڙا! آءٌ نه جئيندي ان ري،
گهوڙن هنئين سيڪا، اٿن هنئين آءٌ

———

جانيهن ڳنهندي نانءُ، سامون جيئان پوندي مامرڪي.

هي آواز هيو، هٿين خالي، وسوڙيل سنڌي ماڻهن جو جيڪي گهوڙن کي پري کان ڏسي، پنهنجي حياتيءَ تان هٿ کڻي رهيا هئا. چون ٿا ته ان وقت ۾ سنڌي عوام رات جو هيٺ پٽ تي سمهندا هئا ۽ مٿي هيٺان، کٽ يا ڪنجهي جو ڪو ٿانءُ ٿالهي يا تاسر رکندا هئا ته جيئن اوچتو ايندڙ گهوڙن جي نسبن وارن ڌڪن تي ڌرتي ڌُڏي ان ٿان کي وڄائيندي هئي ته هي سجاڳ ٿي پنهنجي بچاءَ جون ترڪيبون سوچيندا هئا. لطيفؒ ٻڌائي ٿو ته اهو اهڙو دؤر هيو جو هر ماڻهوءَ ڌرتيءَ جون حالتون ڏسي مرڻ لاءِ تيار ٿي ٿيو.

وڏيءَ سي واڍ وڙيا! رت نه ڏنو جن
موت قبوليو تن، ڏنو جن ڏڪيءَ کي.

سنڌ تان اهي ڪارا ڪڪر ڪين لٿا آهن. گهوڙن جي سبن واري جاءِ تي لانگ بوٽن سنڌ کي لتاڙي ناس ڪيو آهي.

ماريءَ ميرا ڪپڙا، بغل منجهه بندوق،
ماريو مير! ملوڪ، لتاڙيو لُوڪَ چڙهي.

هي سلسلو 1963ع کان شهيد حسن ناصر جي شهادت کان شروع ٿي، نذير عباسي، ناصر بلوچ، يوسف جکراڻي، سميع الله ڪلهوڙو، ممتاز پٽو، مظفر ڀٽو، نور الله تنيو، سرائي قربان کهاوڙ ۽ روپلي چوليانيءَ جي ماءُ کي سنڌي قوم جا لک لک سلام رسن. جن جي وات ۾ آندا ايندي به مُک ٻهڪي رهيا آهن. روپلو ڪولهي، هيمون ڪالاڻي ۽ سُورهيه بادشاهه انگريز فوج سان جهيڙيندي سرخرو ٿيا. انگريز جي جانشين فوج کي پاڪ جو لقب عطا ٿيو. جيڪا اصل م پليت ڪنهن ڍونڍ جيئان ڏپاري ٿي پئي آهي. جنهن جو واس سپريم ڪورٽ جي چيف جسٽس کي پڻ آيو آهي. جيڪو ڏپ کان نڪ تي رومال رکي حڪومت کي چئي رهيو آهي ته ”ايجنسين کي رسو وجهو“ انهن کي ايترو ته ڇيڪ ڇڏيو ويو آهي، جن هنن ملڪ کي مقتل گاهه بڻائي ڇڏيو آهي. بلوچستان ۽ سنڌ کي لاشن جا تحفا ڏنا ٿا وڃن. طالبان، لساني گروهه، وڏيرن، ڌاڙيلن ۽ دهشتگردن جا الڳ الڳ اذيت گاهه ٺهيل آهن. جن جي سرپرستي پڻ سگهاريون قوتون ڪري رهيون آهن. رستم فقير جي ڪلام جي هڪ سٽ آهي. ’عاشق صادق‘ اپنا لهو، پاني سي ستاڪر بيٺي.

جس هجي انهن ڳڀرو جوانن کي جيڪي پنهنجي خون جو نذرانو سنڌ ماتا جي قدمن ۾ نڇاور ڪري رهيا آهن. اهي سورهيه جوڌا ڪڏهن به سنڌي قوم کان وسري نٿا سگهن. سنڌ جي تاريخ جا اهي امر ڪردار، سونهري اکرن ۾ ياد ڪيا ويندا. سنڌ جو هر ايندڙ نسل هنن کي سلام پيش ڪندو. شاعري، ڪهاڻي ناول ۽ ڊرامن ۾ انهن کي خراج پيش ڪندو.

مَرُ مرڪي مَاسي، تنهن سورهيه کي شاباس
جو مٿي پڙ پرزا ٿيو.

———

جيئري جنهن جوان جي، لڳا نوَوَ سوَ نوَ گهاءُ،
رات تنهنجي ماءُ، روئي پرنيو رب کي.

———

ديڳن دو ڳ ڪڏهن، ڪڙهيءَ ڪڙڪو نه لهي
ٽٽي طبيبن، چاڪ چڪندا ڇڏي. ■



ڪُرسيءَ حميد



سليم نور حسين

12 آڪٽوبر حميد سنڌيءَ جو جنم ڏينهن آهي. قاسم آباد (حيدرآباد) ۾ سندس بنگلي ۾ هر آچر تي 'بزم روح رهاڻ' جون جيڪي ويهڪون ٿينديون آهن، سي گهڻو ڪري ڪنهن نه ڪنهن موضوع يا شخصيت بابت هونديون آهن. ٻه ورهيه اڳ آڪٽوبر جي ٻئي آچر واري ويهڪ سندس سالگره جي ٻلي هئي. هيءَ لکڻي انهيءَ ويهڪ ۾ پڙهي وئي هُئي ۽ هِت سندس **73** هين سالگره جي حوالي سان پيش ڪجي ٿي. (ت.ب)

اڄ کان ٻه ڏينهن پوءِ عبدالحميد ايم. آءِ. ميمڻ المعروف حميد سنڌي پورن ايڪهتر ورهين جو ٿي ويندو. کيس مُبارڪون. مان ڪانئس پورا ٻه ورهيه ۽ هڪ هفتو وڏو آهيان، تڏهن به پاڻ کي ننڍو سمجهندو آهيان؛ قدڪاٺ ۾ ته آهيان ئي، پر ادبي پورهئي ۽ مڃتا ۾ پڻ.

مون سندس شخصيت ۽ ادبي پورهئي تي سنڌي توڙي انگريزيءَ ۾ ڪافي ڪُجهه لکيو آهي ۽ نٿو ڀانيان ته ڪا ڳالهه ڪو پهلو رهجي ويو هُجيم. پر نه، هڪ اڌ ڳالهه اهڙي به آهي جا اڳي شايد ڪونه ڪئي اٿم.

حميد سنڌ يونيورسٽيءَ جو رجسٽرار، سنڌ جو ڊائريڪٽر آف ڪاليجز، ٻن يونيورسٽين جو وائيس چانسلر ۽ ٻن ادارن جو چيئرمين رهيو آهي. انهن وڏن عهدن تي رهڻ جي باوجود مون هُن ۾ ڪُرسيءَ جي وڏائي ۽ بانور ڪڏهن نه ڏٺو.

جڏهن هو ڪاليجن جو ڊائريڪٽر هو. تڏهن شايد اُتان جي ڪاليجن جي چڪاس لاءِ لاڙڪاڻي آيو هو. تڏهن مان اُتي پنهنجي وڏي ڀاءُ جو ڪارخانڙو سنڀاليندو هوس. هن مون سان گڏ روڊ تي بيهي رائل سينيما جي سامهون ملنڊڙ شهر جا مشهور چولا ۽ پروفيسر گوپالداس جي پاڙي ۾ منگل جي ملائي کاڌي هئي.



پوءِ جڏهن شاهه لطيف يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر هو، تڏهن مان ساڻس ملڻ لاءِ ڪراچيءَ کان ريل تي خيرپور ويو هوس، کيس فون تي اچڻ جو اطلاع ڪيو هوم. ريل ڪلاڪ سرا ليٽ ٿي وئي هئي. جڏهن پهتم تڏهن ڏٺم ته وائيس چانسلر صاحب پليٽفارم تي پسار ڪري رهيو هو، هُو مونکي پاڻ وٺڻ آيو هو. مونکي خوشيءَ سان گڏ ڏاڍو عجب به ٿيو هو، ڇو جو رڳو ڊرائيور موڪلي ها تڏهن به مان خوش ٿيان ها.

ڪانئس اڳ وارو وائيس چانسلر، حميد وانگر منهنجو پراڻو دوست هجڻ سان گڏ نصيرپور ۾ اسان جو پاڙيسري به هو. هُو مقرري لاءِ ڪراچيءَ ۾ چانسلر سان ملڻ ڪانپوءِ مون سان مليو هو ۽ اسان گڏجي مُبارڪيءَ جي ماني به کاڌي هُئي. سندس وائيس چانسلريءَ جي چارج وٺڻ ڪانپوءِ منهنجو خيرپور وڃڻ ٿيو ته مان سانجهيءَ جو ساڻس ملڻ لاءِ ڪئمپس ويو هوس. پهچڻ تي ڏٺم ته پاڻ سڳورو يونيورسٽيءَ جي ڀڀيرو ۾ ڪيڏانهن وڃي رهيو هو. مونکي ڏسي گاڏي جهلرايائين ۽ شيشو هيٺ ڪري اُتان هٿ وڌائي مون سان ملايائين ۽ هليو ويو. مان ٻوٿ پيلو ڪري گهر موٽي آيو هوس.

اهو هو منهنجن ٻن پُراڻن دوستن جو ڪرسيءَ تي ويهڻ ڪانپوءِ جو رويو.

۽ ها، حميد مهمان نواز به پلوڙ آهي. انهيءَ جا انيڪ مشاهدا ماڻيا اٿم. هڪڙو وڏيڪ مزي وارو آهي. هڪڙي ڏينهن سندس سنڌ ٽيڪسٽ بورڊ جي چيئرمنيءَ واري زماني ۾ وٽس آفيس ۾ ويٺو هوس. ڪيئي ملاقاتي آيا ويا پئي. آفيس بند ٿيڻ تائين جيڪي پنڌرنهن سورنهن ماڻهو آيا، تن سڀني سان چانهه به پئي پيتائين. نيٺ مون پڇيومانس ته يار، ايتري چانهه ڪيئن ٿو پيئين ته چيائين ته نه پيئان ته مهمان دل ۾ ڪندو؛ باقي ڪوپ مان جيڪي پيان ٿو، سو ڪڏهن چانهه ته ڪڏهن پاڻي هوندو آهي.

حميد منهنجو پُراڻو دوست ته آهي ئي، مون سان وڙ به ڪندو آيو آهي. جڏهن به ڪالوڙ ٿي اٿم، هُن ان جي پورائيءَ لاءِ وسان نه گهٽايو آهي. حقيقت ۾ حميد جي توڙي سندس ننڍي ڀاءُ شمس جي سڄي فئملي مون تي مهربان آهي ۽ مونکي پاڻ منجهان ئي سمجهندا آهن. مان سنڌين ۽ سنڌن سڀني گهرڀاتين جو احسانمند آهيان ۽ رهندس.

پڇاڙيءَ ۾ هڪڙو اڙو شعر، جيڪو شايد سرور باره بنڪوي جو چميل آهي، ۽ ان ۾ مونکي حميد جي جهلڪ نظر ايندي آهي.

جن سے مل کر زندگی سے عشق ہو جائے وہ لوگ،
آپ نے دیکھے نہ ہوں شاید مگر ایسے بھی ہیں۔

(آچر، 10.10.2010)

70 جي ڏهاڪي ۾ بمبئي هندوستان مان روزانه سنڌي ۾ اخبار 'هندوستان'، هفته روزده 'هند واسي' نڪرنديون هيون. ۽ هت ڪراچي ۾ به ملنديون هيون. ان زماني ۾ ساليانه سنڌي ۾ 'سندر ٽپڙو' به ايندو هو. ان ٽپڙي جي رنگين ڪورَ تي هڪڙي پنڊت جو فوٽو ڇپيل هوندو هو. ۽ ان جي نرڙ تي پنج ئي آڱريو ڇپيل اَٿي جون هونديون هيون. ۽ سندس پنڊت جو نالو به درج هو.

جيئن ته 'ٽپڙو' نالو جنتري جو آهي. ان ڪري ان ۾ سڄي هلندڙ سال جو ڇڻو هوندو هو. جهڙوڪ هر مهيني ۾ ڇا ڇا وَهندو واپربو؟ ڪهڙا فائدا ڪهڙا نقصان ٿيندا؟ ۽ مستقبل جا اندازا ۽ انديشا لکيا ويندا هئا. هر ملڪ جو مستقبل جهڙوڪ آمريڪا، ايشيا آسٽريليا ۽ U.K وغيره جو حال احوال سمايل هوندو هو. ان کان علاوه هر ماڻهوءَ جي 'راس' مطابق ان جي تاريخ ۽ نالي جي پهرين اکر سان جڙيل 'برج' راس جهڙوڪ حمل، اسد، قوس، دلو ۽ ميزان وغيره جو تفصيلي ذڪر ۽ ان شخص جو مستقبل ۽ چيتاوني جي وضاحت ڪئي ويندي هئي. ٽپڙي ۾ سڄي سال جا ڏڻ وار جهڙوڪ هولي، ڏياري، جنم ڏينهن ۽ ميلا لکيل هوندا هئا. اهي نندييون جنتريون پنجاب مان به جام نڪرنديون هيون. هن ٽپڙي جو ذڪر ڪندي اها ڳالهه ٻڌائيندو هلان ته هڪڙي جاءِ تي ان پراڻي پنڊت واضح ڪيو هو ته هن جهان يعني دنيا جا 4 جُڳ ٿيا آهن. ۽ هي چوٿون جُڳ هلي پيو. جنهن جو نالو 'ڪلجڳ' آهي. جنهن کي چون ٿا ته 5200 سال گذري ويا آهن ۽ اڃا 4،26،800 سال هلندو. جيڪي جُڳ گذريا آهن انهن جا نالا ۽ عمر هيٺ ريت ذڪر ڪيل هئا. گذري ويل:

1. ستجڳ = 17,28,000 سال
2. تريتا جڳ = 12,96,000 سال
3. دوا پر جڳ = 8,64,000 سال
4. ڪلجڳ هلندڙ = 4,32,000 سال

ٽپڙي ۾ اهو پڻ لکيو ويو آهي ته هي ڪلجڳ يعني ڪُوڙ جو سمون جنهن ۾ ڪوڙ، دغا، ظلم، قتل، بيماني ۽ رشوت عام جام هوندي ان جو خاتمو ان جي عمر جي اختتام تي ٻوڏ (برسات) ۽ باهه جي وسيلي ناش ٿيندو. اها قيامت هوندي ان کان بعد وري Cycle ڦرندو. يعني ستجڳ يعني سچو جڳ شروع ٿيندو. جنهن ۾ سچائي، انصاف، پيار محبت، امن پائيچارو ۽ بندگي دائم قائم هوندي. هينئر اهو ڪتاب ناياب آهي. پر انديا ۾ پڪ شايع ٿيندو هوندو.

ٻيو احوال جيڪو بياس جي مت ۾ ڪتاب، 'سنت مارگ' ۾ درج آهي سو هن ريت آهي. 'دنيا جي رچنا کي 84 لک جوڻين ۾ ورهايو ويو آهي جيڪو حساب رشي مني وغيره ڪيو آهي. اهو هن ريت آهي،

1. وڻ ۽ ٻوٽا .... 30 لک
2. ڪيڙا مڪوڙا .... 27 لک
3. پکي پرنده .... 14 لک
4. پاڻ اندر جيوجنتر .... 9 لک
5. جن، ڀوت ۽ پريت .... 4 لک

ڪل ٽوٽل انسان ۽ حيوان .... 84 لک

منسوب ڪتابن ۽ راڌا سوامي مت ۾ اهو واضح ٿيل آهي ته جيسين انسان ڪام، ڪروڌ، لوڀ، مُوهَه ۽ اهنڪار کي نه تياڳيندو، شُڌ ۽ حق حلال جو ڪاڌو نه واپرائيندو، جُوا، چوري، مُخبري، وياج، گهوس (رشوت) ۽ پرنار (پرائي عورت) کان پاسو نه ڪندو. ۽ الله تعاليٰ جي بندگي باقائده نه ڪندو اوستائين هو مرندو. ۽ مٿين 'جوڻن' ۾ ڀٽڪندو ۽ وري ڄمندو مرندو. ڪرمن جي حساب سان ليکو ۽ جُوڻ ۾ ڀٽڪڻ پيو هلندو. جيسين انسان جو موکيه ٿئي، موکيه آهي، شرير جي ٻنڌڻن کان 3 گڻ، 5 تتو (Elements) ۽ ڏهه (10) اندرين کان ڇوٽڪارو وٺڻ. اهو آهي موکيه يا جوڻن کان آزادي ۽ الله تعاليٰ سان دائمي ميلاپ. اهو پڻ صاف ڪرڻ کپي ته 'تتو گڻ' ڇا آهن؟ گُڻ 3 آهن، ستوگڻ معني Oxygen. ٻيو رجوگڻ معني Nitrogen ۽ ٽيون اُهي تموگڻ معني Idydrogan.

وري 5 تَتَوَ ڇا آهن. انسان ذات 5 تتون (Elements) جو ٺهيل آهي. معنيٰ، (1) هوا، (2) باهه، (3) پاڻي، (4) زمين ۽ (5) آسمان. پر حيوانن ۾ گهٽ تتو هوندا آهن. ۽ ڪيڙن، وڻن ۽ پکين ۾ اڃا گهٽ ان ڪري جو انسان کي اشرف المخلوقات ڪوٺيو وڃي ٿو. ۽ جيڪڏهن انسان ڪو غلط ڪم ڪري ٿو ته ان کي چيو وڃي ٿو، 'ماڻهو آهين يا ڍور؟' ڏهه اندريون آهن، (1) اکيون، (2) ڪن، (3) نڪ، (4) وات، (5) پيشاب جي جاءِ، (6) دن، (7) ڪاڪوس جي جاءِ. هن ۾ اکيون، ڪن ۽ نڪ 2-2 ڳڻيا ٿا وڃن. انهن ڏاٽايل گڻن، تتون ۽ اندرين جي انسان سان واسطو ۽ ٻنڌڻ ٽوڙڻو پوندو ته جنمن، مرڻ ۽ جوڻن کان مڪتي (نجات) يا ڇوٽڪارو ملندو. ۽ آتما يعني روح يا سرت، شبد سان ملندي.

آتما پرماتما سان ملندي ۽ دنيا جي ڏکن سکن، جمڻ-مرڻ ۽ جوڻن ۾ ڀٽڪڻ کان آزادي ملندي ۽ مالڪ سچي سان جيڪر واحد لاشريڪ آهي. سڀني کي پيدا ڪندڙ، جياريندڙ، پاليندڙ ۽ مارينددڙ آهي. پاڻ وٽ هميشه لئه پيار سان رکندو. ۽ هي جيو ڏکن سکن کان آجو ۽ هر ٻنڌڻ کان آزاد ۽ اصل مقام تي پهچندو. ۽ ڪال، ڪرم، حال ۽ جنجال کان ٻاهر سچي لوڪ ۾ دائمي سک پراپت ڪندو رهندو.

جن گُڻن جو مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي. انهن مان جيڪي ڊارون نڪتيون انهن هيٺين ديشن جي رچنا ڪئي. ان رچنا کي پنڊ چئجي ٿو. پنڊ معنيٰ هيٺيون ديش معنيٰ بدن Body جنهن ۾ ڇهه چڪر آهن، (1) اندري، (2) گُدا چڪر، (3) نابي، (4) هردو، (5) ڪنٺ، (6) ٽيرو تل (Third Til). هن ڇهه چڪر تي روح يعني سرت (Soul) جو مقام آهي. ۽ ٻنهي اکين جي وچ ۾ واسو ڪري ٿو. روح جي ڪري انسان جيئرو آهي. اهو پرواز ڪري وڃي ته انسان ڪجهه به نه آهي. صرف 60-80 ڪلو گوشت جو بي جان لوٿڙو آهي. هن پنڊ جي رچنا ۾ ماڻهو پسون ۽ ٻي سڀ رچنا چئن حصن ۾ ورهايل آهي، (1) جيرج يعني جيڪي جهليءَ (پردي) ۾ ڍڪيل آهن، جهڙوڪ انسان، جانور. (2) ابن جي يعني آني مان جهڙوڪ ڪُڪڙ، ڪانءُ پکي وغيره. (3) سوڍج معنيٰ پاڻي ۽ پگهر مان. (4) اڪمج يعني زمين مان، جهڙوڪ وڻ، ٻاڇيون وغيره. هي هيو جنم ڊارڻ ٻيو آهي، مٿيون ديش يعني برمانڊ جيڪو هوا منڊل، سورج منڊل ۽ تارا منڊل کان تمام گهڻو مٿي آهي. ڪنهن انسان جيڪڏهن تاج محل ڏٺو آهي آگره ۾، ته هو چاهي ته گهر ڪراچي ۾ ويهي اک پلڪ ۾ ڏسي سگهي ٿو صرف اکيون بند ڪري ۽ تاج محل لئه سوچ ڪري. اهڙي نموني دنيا جي ڪنهن به شهر جي کهڙي به جاءِ جيڪڏهن ڏٺل آهي ته صرف سوچ ۽ اک بند ڪرڻ جي دير آهي. معنيٰ انسان جي سوچ جي رفتار تمام گهڻي آهي. جيئن لکيل آهي، 'روشني جي رفتار 1,85,000 ميل في سيڪنڊ آهي. سج ۽ زمين جو فاصلو 1,48,000,00 يعني هڪ ڪروڙ 48 لک ڪلوميٽر آهي. 20.8 ميٽر هڪ سيڪنڊ ۾ هلو ته 300 سالن ۾ ۽ 8 ڪلوميٽر في سيڪنڊ جي رفتار سان راڪيٽ ۾ هلو ته 8 مهينن ۾ ۽ 3 لک ڪلوميٽر في سيڪنڊ ۾ روشني جي پرڪاش سان هلو ته 8:34 منٽن ۾ اهو مفاصلو طئي ڪري سگهجي ٿو. هن هڪ غش ۾ لک ڪروڙ ميل طئي ڪري ٿو. غش آهي پان جي پتي ۾ سئي سان سوراخ ڪرڻ جيترو وقت.'

جيئن هيٺين لوڪ ۾ ڇهه چڪر آهن جنهن کي پنڊ Body ديش چئبو آهي. ان طرح مٿئين لوڪ کي برمانڊ چئبو آهي. ان ۾ 10 لوڪ آهن. اهي روحاني ۽ پاڪ نرمل ديش آهن. اتي وري روح يا سرت کي پهچائڻو آهي. ان ڪري سڀني مردن ۽ زالن کي جُڳائي ته ان پرم آنند جو پراپت ڪرڻ لئه جتن ڪري. ۽ آهستي آهستي چڙهندي مٿئين ديش ۾ دائمي سک پراپت ڪري. ۽ هڪ ڏينهن پرم ۽ امر آنند جي ڀنڊار ۾ پهچي پاڻ به امر ٿئي. ۽ اهو ديش به جو نرمل آهي. ۽ امر آهي. اتي جو سک به نرمل آهي. اهو ڪم سچو مرشد (گرو) جي مدد، بندگي، نام، سمرن، ڌيان ۽ عبادت ذريعي ممڪن ٿيندو. ■



قالوبلا!

ڊاڪٽر رسول ميمڻ

ڏينهن ۾ جنگ جي ديوتا يانوس جي مندر جو دربند ڪيو ويو. ان جي تالي کي ڪٽ چڙهي وئي. تجارت جا در کلي ويا. ترقيءَ جو دور عروج تي پهتو ته يانوس جي مندر جون چاٻيون چورائي ڪنهن ان جو در کولڻ جي ڪوشش ڪئي. ڳوڙهن جي آلاڻ ڪري ڪٽ لڳل تالي جو رنگ سندوري ٿي چڪو هيو. ڪنهن چاٻيءَ جو ڪو اثر نه ٿيو. مندر جو در نه کليو يانوس ديوتا اڳيان باھ نه ٻري پر نفرت جي باھ ڪارٿج جي هر شهريءَ جي من ۾ ٻري رهي هئي. ڏن ڏئي انهن جا هٿ ٿڪجي پيا. شڪست ڪانپوءِ نفرت بند نانگ جيان ٽٻٽي کي ڏنگڻ لڳي. مدبر 'هاملڪار' جي نون سالن جي پٽ هني بال ٻهل جي ديويءَ اڳيان قسم کنيو ته روم کان انتقام وٺندو. هن يانوس ديوتا جي در کي لت هنئي ته ڏانچي جيان ان جون پاسيريون ڀري وڃي پيون. جڏهن ٻت اڳيان باھ ٻري ته ديوتا سان گڏ اوندھ ۾ وينل وارث جو چهرو روشن ٿي ويو. ان کي اتي وينل ڏسي هني بال سوال ڪيو.

”تون ڪهڙو ديوتا آهين جو يانوس جي سٿر تي چڙهي در کلڻ جو انتظار ڪري رهيو آهي.“

وارث هن سامهون اهڙي پاڇي جيان آيو جنهن جي شڪل تازي مس سان لکيل ان ورق جهڙي هئي جنهن جا لفظ مينهن جي بوندن ۾ وهي چڪا هجن.

”پيار جو پاڇو آهيان جيڪو نظر ايندي ٻه اوجهل آهيان.“ هن چيو، ”امن آهيان جيڪو جنگ جي ميدان ۾ گهوڙي جي هٽڪار کان خوف کائي ورهن کان بند مندر ۾ لڪيو آهيان.“

هني بال تلوار سڌي ڪري هن تي وار ڪيو.

”مونکي مارڻ لاءِ تلوار جي ضرورت نه آهي.“ وارث چيو. ”ياد رک انسان پنهنجي پاڇي جي ڇانوَ ۾ هلندو آهي پر مان تنهنجو پاڇو آهيان. تون موت جو متلاشي آهين، مان حياتيءَ کي ڳولهي رهيو آهيان. منهنجي جستجو توکي بقا بخشيندي، تنهنجي جدوجهد مونکي راهون ڏيکاريندي. اهڙو ڪبوتر آهيان جيڪو تنهنجي فتح جي هر مينار تي پهريون وينل هوندو.“

اهي بهار جا ڏينهن هيا. ورجل ايلپس جي واديءَ ۾ زينيا جا گل پسي رهيو هيو. هن ايڊيليڊ لکيو. چار ستون فنيبا مان جلاوطن ٿيل ڪار ٿج جي شهزادي ايلسياتي ٻه لکيون جنهن اينياس جي وڇوڙي ۾ چتا چڙهي وڃ باھ ۾ ٻيهي سيني اندر خنجر ٺوڪيو. مدتن تائين سسليءَ جا جپسي بيابانن ۾ سچ چوڏاري ويهي چنگ تي ورجل جا داستان ٻڌائيندا رهيا. ايلسيا ۽ اينياس جي وڇوڙي جا قصا اتان پئي شروع ٿيا جڏهن موسيٰ جي وفات ڪانپوءِ يوشع بن نون ڪنعان ۾ داخل ٿي اصلوڪن کي جلاوطن ڪيو. ڪنعان جي علائقي فينيشيا جا تڙيل سسليءَ سامهون ميڊيٽرينين جي ٻئي پاسي آفريڪي ساحل تي آباد ٿيا. انهن ڪارٿج جو بنياد وڌو. فينيسشيا جا دربدر سرمائيدار جن ڪارٿج کي واپاري مرڪز ۾ تبديل ڪري وڌو. ديو جيڏا ٻيڙا ايجاد ڪيا. اهي هيڊيٽرينين جي اولھ ۾ جتي سمنڊ سوڙهو ٿي اسپين ۽ مراڪوجي وچ مان پئي لنگهيو، اتي ٻن پاسن ڪان جبلن کي چڙ هرڪيولس هٿن سان روڪي بيٺل هوندو هيو. هيبتناڪ ٻيڙا هلندا نار مان انگهيندا هيا ته اتي هرڪيولس جي بغلن جي بوءِ هوندي هئي. دربدر سرمائيدارن جو اڏيل اهو شهر جهنگلي گينڊي جيان چراگاهن ۾ گهمي ٽوٽا هڻڻ لڳو. انهن سسليءَ تي قبضو ڪيو ته ورجل دنيا مان وڃي چڪو هيو. جڏهن ايڊيليڊ مڪمل ٿيو ماضيءَ جا سڀ داستان ڪٽي ويا. ورجل وٽ لکڻ لاءِ ڪجھ نه بچيو. ويو ته نشانيءَ طور صفحن وچ ۾ چنگ ڇڏي ويو، جنهن تي سندس ڇپن جا نشان لفظن جي صورت ۾ موجود هيا.

اها ڪارٿج جي واپاري جمهوريت هئي جيڪا روم جي فوجي جمهوريت سان مهاڏو اٽڪائي نه سگهي. سسليءَ تي قبضي ڪانپوءِ روم انهن کي ٽن لڙائين ۾ شڪست ڏني. اهي گوڏا کوڙي ٻيهي ريها، نه صرف سسليءَ تان دستبردار ٿيا پر ڏنڊ ۾ سارودينا جو ٻيٽ انهن حوالي ڪيو ۽ ڪيترا سال ڏن ڀريندا رهيا. امن جي

جڏهن هني بال هليو تہ وارث هن جا ٻاويهہ هاٿي هڪلي رهيو هيو. لاتعداد لشڪر جنهن ۾ سڀ شامل هيا. ڪارٿج جا پورا. مراڪونيو ميڊيا جا ناسي. اسپين جا ٿامٽي ڪلٽ. گاليا جا گورا جرمن ۽ وارث جنهن جو ڪو رنگ نہ هيو. هو پاڻي هيو. هوا هيو. خالي شفاف بوتل هيو. ڪارو خواب. سڙيل اکين وارو اڏامندڙ روح هيو. ڪنهن چيو، ”ايلپس جا جبل پٿر جا نہ آهن. برف جا تراشيل اهڙا نشان آهن جن تي رانيوٽا پائي رستو ناهي سگهجي ٿو.

جڏهن جنگ لڳي تہ رت نہ وهيو. رت ڳنڍاهيو. ڳاڙهي برف هيو. پهاڙن جا رستا ڪوٽيندي برف نہ رجي سپاهين جون آڱريون رجي ويون. اهي سچ لڪندڙ قلمڪار جيان رونڊا ٿي ويا. هني بال ’ارنو‘ جي ڏيڻ ٽپندي برف ۾ غرق ٿيڻ لڳو. وارث دعا گهري.

”اي منجلا جي ديوي عرشنا جي وارن کي سگهہ ڏي. ڊگهي عمر جيڏي طوالت ڏي جيئن رسي جي روپ ۾ هني بال کي ڇڪي ٻاهر ڪڍن.“

هوا ۾ عرشنا جا وار لڙڪي رهيا هيا. هني بال وارن ۾ هٿ وڌو ۽ نڪري ٻاهر آيو ٿڌ ڪري سندس هڪ اک ضايع ٿي وئي. اک تي چمڙي جي پٽي ويڙهي تہ ڪيس چوڏهينءَ رات ۾ برف تي ڪريل چانڊوڪي زهر جهڙي نظر آئي.

انهن ڏينهن روم جا سپاهي ستارن جي چونڊ تي ياڳ جي منڊي پائيندا هيا، سندن عقيدو هيو تہ اها کين شڪست ۽ موت ڪان بچائيندي. هني بال هزارين رومي قتل ڪيا. جڏهن ڪو رومي قتل ڪندو هيو تہ ان جي ندي لاهي هڙ ۾ وجهندو هيو. هن جيڪي منڊيون گڏ ڪيون اهي وزن ۾ ٻن مڻن ڪان وڌيڪ هيون. انهن ۾ آخري منڊي پولوس جي هئي جيڪو روم جو تجربيڪار حڪمران هيو. جڏهن هني بال نوڙي ڪيس ڪڙين وٽ تلوار هنئي تہ سندس رت گرڙاٽ ڪندو ٻاهر نڪتو. ان مرڻ ڪان اڳ ڪاري ٻڙي واري منڊي لاهي پري اڇلائي جنهن ۾حياتيءَ جو ويساهہ هيو ۽ چيو،

”اهي مقدس جوتشي عقيدي کي هٿي ڏيڻ لاءِ مرڻ ڪان اڳ ندي لاهي اڇلايان ٿو جيئن توتي الزام نہ اچي.“

پولوس مري ويو. هني بال منڊي لاهي هڙ ۾ وڌي. جڏهن هليو تہ وارث سندس اڪيلي هاٿيءَ جو فيلبان هيو. سڀ هاٿي برف ٻڏجي رجي چڪا هيا. بچيل زخمي سپاهين جي منهن تي رهڙن جا نشان مري ويل شينهن جي چنبن جا هيا. هني بال ’پو‘ درياهہ ڪناري تلوار ڌوئي رهيو هيو تہ وارث هن سامهون گوڏا ڪوڙي هاٿيءَ جهڙو خواب آهيان. منهنجون خدمتون ان سونڊيجي ڊيگهہ ڪان وڌيڪ آهن جيڪا تنهنجي عظمتن جو سلام پري ٿي.“

هني بال درياهہ مان ٻڪ ڀري پيتو. سامت ۾ اچي سڌو ٿي وينو. وارث ڏي ڏنو ۽ چيو.

”ڪهڙو اجورو ڏئي سگهان ٿو؟“

وارث ان گهڙيءَ جي انتظار ۾ هيو. هن سوچيو ۽ چيو.

”پولوس جي منڊي جيڪا هن مرڻ ڪان اڳ آڱر مان لاهي اڇلائي. ڪاري پٿر واري آفتن ڪان پناهہ ڏيندڙ. جيڪڏهن ڏين تہ عرشنا کي آڱر ۾ پارائي موت ڪان محفوظ ڪري سگهان.“

هني بال هڙ کولي هن اڳيان رکي.

”زندگيءَ جا متلاشي! هيءَ هڙ تو حوالي. ڳولهي سگهين تہ ڳولهہ.“ هن چيو. وارث هڙ ۾ نظر وڌي. سڀ منڊيون هڪجهڙيون هيون. هزارين منڊيون آڱرين جيان چري رهيون هيون. هن هڪ منڊي ڪنئين.

بدقسمتيءَ سان اها بزدل طبريوس جي هئي. جڏهن هني بال طربياتي قبضو ڪيو هيو تہ طبريوس ڀڄي نڪتو. ڪانيا جي ميدانن ۾ زهريلو پاڻي پيئڻ ڪري ڪاري ڪامڻ ۾ مبتلا ٿي مريو. هني بال جي هڙ مان نڪتل هڪ بزدل جي منڊيءَ ڪانپوءِ سندس بهادريءَ جا سڀ قصا ختم ٿي ويا. زاما جي لڙائيءَ ۾ هن کي شڪست آئي. فاتح رومي سردار اسڪپيو ڪيس قتل نہ ڪيو، اهو چئي جيئندان ڏنو، ’تولاءِ ذلت جي زندگي موت ڪان بهتر آهي.‘

هني بال تلوار ڪڍي پنهنجي سيني تي رکي ۽ چيو،

”شڪست کي مات ڏيڻ لاءِ خودڪشيءَ ڪان وڌيڪ ڪهڙو انتقام آهي؟“ اسڪيپيو هن کي روڪيو ۽ تنبيهہ ڪندي چيو.

”ائين ڪندين تہ توکي ٻڌي فتح جي جشن واري ڏينهن روم جي گهٽين ۾ گهمائيندس.“

هني بال تلوار ڦٽي ڪئي ۽ هيٺ ڪنڌ ڪري ويهي رهيو. شڪست ڪانپوءِ هو جڏهن زاما جي ميدانن ۾ موت ڳولهيندي ٿڪجي پيو تہ هن وارث کي آواز ڏنو.

”ڪٿي آهين تاريخ جي ڪنڊرن ۾ رهندڙ ويران روح! اچ تہ حياتي تو حوالي ڪيان. زندگي چور جيان چنبڙيل آهي.“

بزدل بطريوس جي منڊي چمڻ ڪانپوءِ وارث جا چپ نيرا ٿي ويا. هن ڳالهايو تہ ڪارٿج جي وارين ۾ گل ڦٽا. نيري رنگ جا دائودي جن ۾ عرشنا جي وارن جي خوشبوءِ هئي.

هن هني بال ڪان حياتيءَ جا ڏينهن نہ ورتا، سندس ڏينهن زخمي هيا. انن ۾ روڳ جي بوءِ هئي. اهي ان پاروٿي مڇي جهڙا هيا جيڪا هڪ دفعي وارث ڪا حل مهاڻن جي ڳوٺ ۾ ڪاڏي هئي ۽ هن اوڪارا ڏنا هيا. هني بال زخمي ڊور هيو جنهن جي رانپ ڪان شينهن جا چرو پئي نڪتا.

هني بال جي نندي ڀاءُ هدسو بال بدلو وٺڻ لاءِ روم تي حملو ڪيو. نيروءَ جي حڪمراني هئي. ان کي بين وڄائڻ جو شوق هيو. ان جي محل ۾ آئيني جو فرش هيو. هيٺ آئيني ۾ سڀ اگهاڙا هيا. ڏک جي هر گهڙيءَ ۾ بين وڄاي ستن عورتن سان ڦيرا پائيندو هيو. هدسو بال روم ساڙيو تہ باهہ جا شعلا بين تي نچي رهيا هيا. نيرو اکيون بند ڪري بين وڄائيندو رهيو ڇو جو شعلن جي عرياني ڪيس شرمائي رهي هئي. روم سڙي رک ٿيو. اٿندڙ دونهي جي انگڙائين ۾ هن رنل محبوبا ڏٺي. نند مان ڪر ڀڃي جاڳندڙ محبوبا، جنهن جو جسم ڏنگي ويندڙ نانگ جهڙو هيو. نيرو شڪست ڪائي مدهوش ٿي ستن عورتن سان بين وڄائي ڪڙيون فرش تي هنيون تہ آئينو ڀڄي پيو. اهو نيروءَ جي زندگيءَ جو يادگار ڏينهن هيو. اڳ هن اهڙو نظارو هيٺ آئيني ۾ نہ ڏٺو هيو.

وارث روم جي رک ۾ پوريل هيو. روم جنهن جا پنا سڙي چڪا هيا، جلد محفوظ هيو جنهن تي عرشنا جو نانءُ لکيل هيو. هورس بنجي اڏانو تہ سندس پر ڪتاب جي جلد جيان هيا.

ڪارٿج جي ٻي لڙائيءَ ۾ نيروءَ بين وڄائيندي ميطروس درياهہ ڪناري هدسو بال جو ڪنڌ ڪپي وڌو. شڪست ڪائي هدسو بال جو لشڪر ڪارٿج طرف ڀڳو. بين جا سُر بهادر سپاهين جيان انهن کي ڀڄائيندا ويا.

جڏهن نيرو مئو تہ سندس روح روم جي خاڪ ٿيل گهٽين ۾ ٻار جيان ٻانبڙا پائي مٽي چٽيندو رهيو.

ڪارٿج شڪست ڪائي ميڊيٽرينين ۾ رت جا ڳوڙها ڳاڙيا. انهن وري انتقام وٺڻ لئي مقدونيا جي وحشين ۽ يونان جي سرقوسا عالمن کي پاڻ سان ملائي فوج ترتيب ڏني. عالمن فوج جي اڳواڻي ڪئي. جنگ لڳي تہ عالم پاسي ٿي ويا. پويان ايندڙ وحشين دشمن کي ٽوٽا چٻايا. عالم اڳتي آيا انهن وحشين جون پٺيون ٿپيندي کين خراج تحسين پيش ڪيو. انهن عالمن ۾ ارشميدس بہ هيو جنهن منجهيل مسئلن کي سلجهائڻ ۾ مدد ڪئي. اهڙو وقت وري آيو جو رومي جنگ جي ميدان ۾ ڇانئجي ويا. انهن يوناني ٻيٽ سرقوسا تي ڪاهہ ڪئي. ارشهدس تهہ خاني ۾ منجهيل مسئلو سلجهائي رهيوهيو، سندس سامهون وارث وينل هيو، جنهن ڪيس حياتيءَ جي جوڙجڪ جو اهڙو حل ڳولهڻ جي گذارش ڪئي هئي جنهن سان حياتيءَ جي پاڇيءَ ۾ ٻڙي نہ اچي سگهي.

رومين کي سرقوسا ۾ داخل ٿيڻ لاءِ وڏين آزمائشين مان گذرڻو پيو. ارشميدس قلعي ٻاهران اهڙيون ڪلون نصب ڪيون هيون جن کي ڏسي رومي ٿاهہ ڪائي ڀڳا. نيٺ انهن ڀت جو اهو ڀُتو حصو ڳولهي ڪڍيو جنهن کي ڊاهي سرقوسا ۾ داخل ٿيا. قلعي ۾ داخل ٿيڻ سان سپهہ سالار ’مرقس قلادوس‘ رڙ ڪري چيو،

”سيني کي قتل ڪجو پر ارشميدس کي ويجهو نہ وڃجو، سندس حياتي قيمتي آهي.“

قلادوس کي خبر هئي تہ ارشميدس وقت جو عالم ۽ داناءُ آهي. ان کي جيئرو پڪڙجي تہ روم لاءِ ڪارائتو ثابت ٿي سگهي ٿو.

تهہ خاني ۾ ارشميدس انگن اکرن ۾ ايڏو الجهيل هيو جو ڪيس خبر ئي نہ پئي تہ مٿي سرقوسا جي قلعي تي قبضو ٿي چڪو آهي. وارث تجسس مان هن کي ڏسي رهيو هيو، انتظار ۾ هيو تہ ارشميدس جيترو جلد ٿي سگهي حياتيءَ جي انگن اکرن کي سلجهائي هن جي مدد ڪري وڃهي. ان اتاولو ٿي ڪيس عرض ڪيو،

”ڇا حياتيءَ جي ونڊ ۾ بچيل پاڇيءَ اندر ڪجهہ بقايا بچيو آهي يا صفا صفر آهي؟“

ارشميدس مٿو کنهيو ۽ چيو،

”حياتيءَ جو حساب هر حال ۾ عقل ڪان بالاتر آهي. جيڪو عذرائيل جي ڳاڙهي بندي هٿ اچي تہ هڪ دفعو پڙهي ان جو حوالو ڏئي سگهان. انتظار ڪر عزرائيل آيو تہ ان سان صلاح ڪري مسئلو حل ڪي ٿا وٺون.“

هو جڏهن ڪنڌ هيٺ ڪري مسئلي ۾ مشغول هيو

ته هڪ رومي سپاهي تھ خاني ۾ تلوار اپي ڪري ڏاڪڻ لهندو اچي هن مٿان بيٺو. ارشميدس ڪنڌ ڪٽي ان ڪي ڏٺو ۽ فڪرمند لهجي ۾ چيو،

"تورو انتظار ڪر. هڪ مسئلي ۾ منجهيل آهيان."

جاهل سپاهيءَ هن کي عجب مان ڏٺو ۽ سوچيو،

"پوڙهيو يوناني ڇوي ڇا ٿو؟ هن ڪي ڳالھ سمجھ ۾ نہ آئي. تلوار جو ڏڪ هڻي سسي ڌڙ کان ڌار ڪري ڇڏيائينس.

رت ڪاغذن تي ڪريو ۽ حياتيءَ جو هر حساب پورو ٿي ويو. وارث اهي رت ٻڌل ڪاغذ ڪنيا ۽ انگ پڙهڻ جي ڪوشش ڪئي. اتي زندگيءَ جا انگ نہ هيا. موت هيو جيڪو ڳاڙهي چادر پائي ليٽيل هيو.

*

باب يارهون

وارث پاڻ کان سوال ڪيو.

"زندگيءَ ڪي ڪٽي ڳولهي رهيو آهين؟ انهن راهن تي جتي ديوتا جي جهول موت جي خزاني سان ڀريل آهي. هو موت ورهائي ٿو. ايندڙ ويندڙ هن اڳيان هٿ جهلي مٺ ۾ موت وٺي راه اجل ۾ اکين کان اوجهل ٿي وڃي ٿو. ڇا ائين نہ نہ آهي. جار مان فرار ٿيل پکيءَ ڪي ماريءَ جون اکيون ڳولهين ٿيون. هر حربو ڦاسائڻ لاءِ آهي. جاندار جي فرار جي جدوجهد زندگي آهي. انسان جتادار نہ آهي سندس تخليق ۾ ڪوتاهيون آهن. فطرت جي پيمانن تي پورو نہ آهي." وارث يهودا پڇتو تہ هن ڏٺو هيڪل سليمانيءَ ۾ سوئر ٻڌل هيا. انطيوگوس جو پٽ اپيفانس انهن ڪي چميون ڏئي رهيو هيو. هڪ هن ڏھ سوئر قربان ڪري انهن يهودين ڪي ڪارايا جن 'يانوس' ديوتا جي مندر ڏي ويندڙ جلوس ۾ شرڪت کان انڪار ڪيو هيو. هجوم جنهن ۾ مٿن تي ڳاڙها رومال ويڙهيل هوندا هيا، تاله ۾ ايوءَ جا گل ڪٽي ديوتا ڏي ويندا هيا.

"اي يهوديو! ياد رکجو." اپيفانس چيو، "ايوءَ جا گل فرعون جي ان داسيءَ کان خوبصورت آهن، جنهن جا انگ نظر نہ ايندڙ ڪپڙي سان ڍڪيل آهن. انهن گلن ۾ شفا آهي 'يابڇوس' ديوي خلقتهار جي شر کان محفوظ رکي ٿي جنهن موت تخليق ڪيو."

وارث ان هجوم ۾ شامل هيو جن جي مٿن تي ايوءَ جا گل رکيل هيا. ڳاڙهن رومالن وارو جلوس جن جي رهنمائي ترين تي ناپاڪ چربيءَ مان رجيل تيل جا ڏيئا ڪٽي هلندڙ اڌ اگهاڙيون عورتون ڪري رهيون هيون. اهي يهودي بہ شامل هيا جن منع ٿيل گوشت ڪائڻ کان پتر آڏو سر جهڪائڻ کي ترجيح ڏني هئي.

وارث اهي گل چوري ڪرڻ چاهيا. يابڇوس ديوي سندس اڳيان ائين هئي جيئن سينا جي نخلستان ۾ ڪجيءَ جي ڪنڊن ۾ وچڙيل ڪانءُ. بدصورت ديوي. هن مٽي تي رکيل تاله ۾ هٿ وجهي گل چورايو. اهو گل ڪندا هيو. اهي ان ڌرتيءَ جي پيداوار هيا جنهن ڌرتيءَ اجا ڪنهن پيغبر جي پيرن جا نشان نہ هيا. 'موون' جي ريگستانن ۾ ايوءَ جا گل اهڙي ٿوهر تي پيدا ٿيندا هيا جيڪو ست منهين نانگڻ جيان هوندو هيو.

ميڊيٽرينين جي گهميل هوا انهن سان گسي مرليءَ جيان وڄندي هئي. ايوءَ جي ٿوهرن جون ست ڦٽيون لامون لهر ڪري هڪ ٻئي کي ڏنگي وڃهنديون هيون. گل جن وارث کي ڏنگي وڌو. وارث هٿ وات سان چوسيو، ٽڪ اڇلائي تہ اها يابڇوس ديويءَ جي منهن ۾ لڳي، ڪيس سزا طور هيڪل سليمانيءَ جي ان پٽ سان لڙڪايو ويو جتي بہ عورتون اگ لڙڪي رهي هيون. انن عورتن جي چيله سان ٻار ٻڌل هيا جن جي طهر مان رت ڦڙا هيٺ نوڙهي اونياس جي مٽي تي ڳڙي رهيا هيا، جيڪو يهودين لاءِ فڪرمند هيو. انهن ٻن عورتن کي ان ڪري سزا ڏني وئي تہ پنهنجن ٻارن جا طهر ڪرايا هيا. رومن قانون موجب يهودا ۾ طهر تي بندش هئي.

رومي حڪمران اپيفانس اچا ڪپڙا پائي فارس جي 'اليماتس' جو تيز شراب پي رستي تي آيو ۽ اتان لنگهيندڙ هر يهوديءَ کي پٽر هنيا. پوءِ نصيحت ڪندي چيو،

"اي وحدانيت جي خوابن ۾ چرڪ پريندڙ قوم. اڻ ڏٺل کي ٻاڏائيندڙ انڌن جي قوم. ديوتائن انساني انگ کي پردي سان نوازيو. توهان ان جي بي پردگي ڪئي. تخليق مان غلطيون ڪڍڻ جو اختيار توهان وٽ نہ آهي."

پوءِ هن يهودين کي ٻارنهن سال پراڻو قصو ٻڌايو. جڏهن سندس پيءُ انطيگوس جنگين ۾ مصروف هيو. هن چيو،

"استاد 'اڪيليوديو' جي سرپرستيءَ ۾ فتح جي ديويءَ جو مجسمو تيار ڪيو ويو. جڏهن مڪمل ٿيو تہ هن چيٽي ڪٽي مجسمي جي پيشانيءَ وٽ ڪا ترميم ڪرڻ چاهي. مون ڏڪ هڻي اڪليو ديو جو نڪ پڃي وڌو ۽ چيو، 'فتح جو تصور بادشاهن کان وڌيڪ ڪنهن وٽ ٿي سگهي ٿو. تون هڪ پگهاردار آهين. توکي ان ترميم جو اختيار نہ آهي.' هاٿي ٻڌايو جڏهن انسان جو اهڙو حال آهي جو اصلاح برداشت نہ ٿو ڪري تہ ڇا خدا اهڙي ترميم تي توهان مان خوش هوندو."

هن هيڪل سليمانيءَ کي جيوپيٽر ديوتا جو درجو ڏئي طهرن جي هاريل رت کي سوئر جي شوروي سان ڌوئي صاف ڪيو. يهودي اونياس کي پائرن هٿان مارائي بت پرستيءَ کي فروغ ڏنو. هيڪل سليمانيءَ ۾ زيوس ديوتا جو مجسمو نصب ڪري، يهودين کي چيو،

"ان سامهون مشت زنيءَ جي مشق ڪن."

هارون جي ستين پيڙهيءَ جي هڪ جوڌي متاتياس رومين خلاف بغاوت ڪئي. ڪجھ ساٿين سان صيهون جي ٻهاڙن تي چڙهي ويو. هن چيو،

"صيهون جي جبلن تي ڦٽندڙ گلابن جون پنکڙيون توريت جا ورق آهن. سوئر جي بوءِ کان بچو. گلابن مان توهان کي وحدانيت جي خوشبوءِ ايندي."

متاتياس کي ٽي پٽ هيا. هن جي ڏيءَ اوياس جي ڪنن ۾ لڙڪندڙ واليون جڻ واليون نہ هيون، روح چوڌاري وريل گهيرا هيا. انهن گهيرن جي گولائين ۾ روح قيد هيا. انهن والين ۾ عرشنا جو روح محفوظ هيو. وارث برندڙ جبلن جي لاوي مان هٿوڙو ٺاهي متاتياس جي ننڍي پٽ 'يهودا' کي ڏنو. يهودا هٿوڙي سان رومين جا مٿا چٿي وڌا. فتحياب ٿيو ۽ ڪيس مڪابيوس (هٿوڙي وارو) جي لقب سان ياد ڪيو ويو. هن خوش ٿي وارث کي چيو،

"اي مووان جي حرم ۾ اپسراجي چيلھ هيٺان پيل وهاڻي کان نرم لوهار، تنهنجو ٺاهيل هٿوڙو جاهل روميءَ جي دماغ کان سخت آهي. ڇا اهو تون ڪنهن ظالم جي دل مان ٺاهيو آهي؟"

وارث جيڪو نهندڙ ۽ ڍهندڙ جهڙ هيو، ان جي چهري جا روپ نروار ٿيا. ڪنڌ نوائي چيو،

"ڌرتي رڙ ڪندي آهي تہ جبلن جو سينو ڦاٽي پوندو آهي. اهو هٿوڙو نہ جيلن جو روڳ آهي. زخمي پهاڙن جي بدلي جي باھ آهي. مان لوهار نہ تاريخدان آهيان. تاريخ جا لفظ ڪڙيون بنجي وجود کي ويڙهي ويا آهن. حياتيءَ جو متلاشي آهيان. عرشنا جو چوڪيدار آهيان جيڪو خوابن ۾ سندس روح جي نگهباني ڪري ٿو."

يهودا کان کل نڪري وئي.

"اي وديشي." هن چيو، "ان کان وڌي بيوقوفي ڪهڙي آهي جو نگهبان جاڳڻ بدران ننڊون ڪري حفاظت جا خواب ڏسن؟"

وارث تي سندس طنز جو ڪو اثر نہ ٿيو.

"اهو نہ وسار يهودا تہ روح خواب جو حصو آهن. اوجاڳا انسان کي پاڻ تائين محروم ڪن ٿا. اڏام اوچائي عطا ڪري ٿي ۽ اوچائي نظرن جي پهچ کان پري آهي. تنهنجي محل ۾ مون عرشنا جو روح ڏٺو آهي."

"ڪٿي؟" يهودا پڇيو.

"اوياس جي پاتل والين جي گهيرن ۾." وارث جواب ڏنو. هن جي جواب تي يهودا سوچ ۾ ٻڏي ويو.

"ڇا عرشنا اوياس جي همشڪل آهي؟ وري پڇيو.

"روحن کي شڪليون نہ هونديون آهن." اهي خوابناڪ آهن. ڪيل ميساريل بوندن ۾ ملبل رنگ. تراشيل پگل مجسما."

يهودا سوچيو وديشي لوهار پورهيي جو صلو گهرڻ چاهي ٿو.

"تون بيشڪ چگائي ڪئي." هن چيو، "مون هٿوڙي سان منافقن جو مٿو چٿيو. شڪست ڏني ۽ فتح سان همڪنار ٿيس پر صلو اهڙو نہ گهجاءِ جيڪو ڏئي نہ سگهان."

وارث هيٺ ڪنڌ ڪري ويهي رهيو.

"مونکي عرشنا جو روح ڏي." هن چيو، "اهو اويناس جي والين ۾ محفوظ آهي."

"ناممڪن." يهودا چيو ۽ هٿوڙو پري ڦٽي ڪيو جيڪو فرش سان گسندو چٽگون ڪيندو پٽ سان ٽڪرائجي چپ ٿي ويو.

"اويناس جون واليون هٿوڙي کان ڳريون آهن." يهودا چيو.

واقعي جي ڇهن مهينن ڪانپوءِ يهودا کي شڪست آئي. مئو تہ وچون ڀاءُ جونيٿن آيو. وڏي ڀاءُ شمعون ترار هٽي سندس سر قلم ڪري وڌو. ڪنعان ۾ سڀ بت پرست ٿي ويا. وحدانيت اجايل اٺ جيان پاڻيءَ لاءِ ٻاڏائڻ لڳي. آئيسس ديوتا جو مندر ٺاهيو ويو. اتي مصر جا فرعون آيا ۽ ٻليون قربان ڪيون.

رومي بدمست هاٿي هيا. دنيا جهنگ هئي. جهنگ جي شينهن گاھ ڪائڻ کان موت کي ترجيح ڏني. جڏهن يونان فتح ٿيو تہ هر سال ٻنين جو اڌ ان ۽ ايڪيلس جي

خاندان جون به عورتون خراج مقرر ٿيو. يوناني جا ڪنڌ هيٺ جهڪي ويا. اڌ دنيا تي حڪومت ڪندڙ يوناني بي وس هيا. انهن جا منهن شڪست ڪاڌل حڪمران پريوموس جي تلوار جيان چپا هيا. پريوموس ڏڪ ۾ ورتل هيو. پيڊوا جي ميدان ۾ ڪٺل يونانين جي ڍانچن ۾ جهنگ جي گدڙن گهر ٺاهيا.

اها چوڏهينءَ جي رات هئي. ڪورنٿ جي گهٽين ۾ چانڊوڪي ماتمي لباس پائي گهمي رهي هئي. وارث ختم ٿيندڙ تيل جي ڏيئي تي 'اعضا المجروح' پڙهي رهيو هيو. اها ڪورنٿ جي سڀ کان وڏي لئبريري هئي جنهن ۾ تاريخ جي ڪتابن ۾ قتل جا قصا اهڙي عام جيان ترهيا جنهن ۾ قطري جي گنجائش نه هئي. اتي وينل يوناني مطالعي ۾ مشغول نه هيا پر سندن ڪنڌ شرم کان ڪتابن تي جهڪيل هيا. انهن ۾ اکيون ملائڻ جي همت نه هئي. ڪيل ڪارنامن جي تاريخ پڙهندي انهن تي مرگهيءَ جيان بهادريءَ جو دودو ٿي پيو. اهي بيوس هيا. آخر اها بي وسي بغاوت ۾ بدلجي وئي. يوناني ٽٽل دل جهڙيون پگهل تلوارون کڻي ميدان ۾ آيا. فتح هڪ دفعو وري انهن سان بيوفائي ڪئي. رومي سپه سالار موميوس جوانن کي غلام بڻايو. عورتن کي ڪنيز، ٻارن کي ڪنوءِ پوڙهن کي جيئري زمين دوز ڪري ڇڏيو. هن باهه ڏني. اهو عجائب گهر جهڙو شهر سڙي خاڪ ٿي ويو. ان جون عظيم مورتون، تراشيل مجسما، طلسمي محلات، اڏندڙ قالين. چمڪندڙ حوض ۽ قلمي نسخا سڙي هڪ ٿي ويا. ان سڄي سڙيل مواد مان هڪ نئون ڌاتو نهيو جنهن کي 'ڪورنٿي' ڪونيو ويو. ڪورنٿيءَ جي مواد مان روم جي چوراهن تي مجسما ٺاهيا ويا. مجسمن ۾ يوناني ديوتائن جي اگهاڙي اولاد مٿان سٽيل جسمن وارا رومي ستر سدا ڪري بيٺل هيا.

ڪورنٿ مان لٽ مار ڪندي جيڪي مورتيون ۽ عجائبات رومين کي هٿ لڳا اهي ٻيڙي تي چاڙهندي سپه سالار موميوس چيو،

"خبردار! احتياط سان. ڪابه شيءِ ڀڳي يا ضايع ٿي ته ڏنڊ ۾ ان جهڙي پرائي ورتي ويندي."

سندس ڳالهه تي پريان چانڊوڪيءَ ۾ ڪتاب پڙهندڙ وارث جو ٽهڪ نڪري ويو. اهو بچيل آخري ڪتاب هيو جيڪو وارث جي هٿن ۾ هيو ۽ هو سڙيل لئبريريءَ جي ڪاري دڪي تي ويهي پڙهي رهيو هيو. ٽهڪ تي ٻيڙي ۾ عجائبات چاڙهيندي موميوس جي نظر سمنڊ ڪناري تان ڊڪندي ان تائين پهتي. هن ڏٺو هڪ غير واضح ڏبرو ناسي ڪمبل ۾ ويڙهيل شخص اطمينان سان مطالعي ۾ مشغول هيو. موميوس وڏي هن وٽ آيو ۽ مٿان بيٺو.

"تون ڪير آهين ٽهڪ ڇو ڏنو؟" هن سوال ڏنو.

وارث منهن مٿي ڪندي نرڙ تان ڪمبل هٽايو. جهڙ جهڙي پيشاني ڏسي ميميوس پوئتي سري ويو.

"مون ٽهڪ ان ڪري ڏنو ته ڇا اهو ممڪن آهي انسان جي قتل ڪانپوءِ قاتل ڪان ساڳيو انسان ڏنڊ ۾ پرائجي؟"

ميميوس تنقيد تي باهه تي ويو.

"توکي هتي ويهڻ جي اجازت ڪنهن ڏني آهي."

هن پڇيو، "اهو ڪتاب مون حوالي ڪر نه ته تلوار هٽي توکي به باهه اڏ ڪري ڇڏيندس."

وارث ڪتاب نه ڏنو ۽ چيو،

"اي ميميوس مون تنهنجي شڪل ۾ موت ڏٺو ۽ جهليل ڪتاب ۾ حياتيءَ کي ڳولهي لڌو. اهو معجزو آهي ته هڪ ئي رات ۾ ڪو زندگيءَ جا به رڪ پسي. جڏهن حياتي ۽ موت هڪ وقت طاري ٿين ته پاڻ ۾ ٽڪرائجي زائل ٿين ٿا. وجود جتادار تي امرتا ماٿي ٿو. تون حقيقت آهين. مان خواب ۽ خواب مرندا نه آهن."

ميميوس سپاهين کي سڏ ڪيو جن وارث کي ٻانهن کي جهليو. وارث جون ٻانهون ڪمبل جون هيون ۽ پير ڦاٽل جورابن جا. هن جا هوا جهڙا ڪمزور هٿ ڪتاب جهلي نه سگهيا اهو هيٺ ڪريو. ميموس ڪتاب کنيو ۽ ڏسي ورق ورايا، انهن ۾ مجروح انسانن جون تصويرون هيون جيڪي جانورن جيان ڪپا هيا، سندن پنيءَ تي ناسورن جا نشان ڌرتيءَ تي جيتن جي سوراخن جهڙا هيا. اهي مجروح انسان مرڪي رهيا هيا ۽ مرڪ ۾ نرمتا هئي. جيئڻ موت ماءُ جيان هجي ۽ ڪين هنج ۾ سمهاري حياتيءَ جي لولي ڏيندو هجي. ڪتاب ڏسي هن وارث کان پڇيو،

"هن ۾ ڇا ڳولهي رهيو آهين؟"

وارث سپاهين کان ڪمبل جهڙيون ٻانهون ڇڏايون ۽ چيو،

"عرشنا جي زندگي. عرشنا آخري پساهن ۾ آهي. اهڙي موت جي ڳولها ۾ آهي جيڪو هن کي حياتي ڏئي. ان ڪتاب ۾ حياتيءَ جا راز سمايل آهن. اهڙا طريقا درج ٿيل آهن جن سان زندگيءَ کي راضي ڪري سگهجي ٿو. ڪتاب واپس ڪر. اهو ڪورنٿ جو آخري ڪتاب آهي جنهن ۾ خدا جا هٿ اکر آهن."

ميميوس ڪنڌ کڻي چنڊ کي ڏٺو، پوءِ هيڏانهن هوڏانهن ڏسندي چيو،

"رات ڏاڍي سرد آهي. ڪٿي ڪو مچ نه آهي. هٿ سيڪڻ لاءِ هيءُ ٻهانو سنو آهي."

هن ڪتاب کولي ورق ڦاڙيو. ڪورنٿ جي سڙيل پٿر تي تلوار هڻي ته چڻنگون بلند ٿيون. ورق اڳتي وڌايو. باهه ورق کي ائين وڪڙي وئي جيئن ڪيس پيار هيو. هن ورق پويان ورق ڦاڙي باهه ۾ ساڙيو ۽ مزي سان هٿ سيڪڻ لڳو. گرمائش محسوس ڪئي ته چيو،

"اي پٽڪيل ان ڪان وڌيڪ زندگيءَ جو ڪهڙو احساس ٿي سگهي ٿو ته ٻرندڙ باهه جسم جي سرديءَ کي شڪست ڏي. حرارت حياتي آهي ۽ ٻرندڙ ڪتاب يونانين جو موت."

ڪتاب سڙي ويو. موميوس واپس ڪناري ڏانهن موٽندي ڪنڌ ورائي سپاهين کي چيو،

"هن پٽڪيل کي پنهنجي حال تي ڇڏي ڏيو. پويان اچو. عجائبن جا انبار انتظار ڪري رهيا آهن."

ويا ته وارث ورقن تي ڳوڙها ڳاڙڻ لڳو. سندس ڳوڙهن جون آڱريون سڙيل ورقن کي ڇهڻ لڳيون، ائين جيئن عرشنا جا ناسور ڇهنديون هجن.

(هلندڙ)

ياسمين بلوچ

مون ڪٿي چيو
عيد تي، منهنجي لاءِ
تحفا ورتيون اڇجانءِ؟
مون چوڙين جي تمنا ڪٿي ڪئي؟
ڪڏهن وارن جي بڪل لاءِ چيو؟
نڪ ڦليءَ جي خواهش نه ڪئي.
چپن لاءِ مساڳ نه گهريو
ولايتي پرفيوم جي طلب نه ڪئي
مونکي ڪجهه به نه پئي ڪتو.
مون، بس اهو چاهيو
پير گهمائي آڱر کي
سونهن ارپي وچ
ريشمي رومال ڪٽي وچ
جيڪو مون اوسيئڙي ۾ پلڪن جي تارن سان
اُٽيو آهي
جنهن ۾ مون اوجاڳا ٽاڪيا
۽ سپنا اٽيا آهن.
مون ڪٿي ڪجهه گهريو؟
مون ڪٿي چيو.
مونکي هي کپي، مونکي هُو کپي.
مون ته بس توکي گهريو.*



تاج بلوچ

جي دعا ناهي بددعا بخشيو
عشق منهنجي کي حادثا بخشيو
تشنگي کان نجات چاهيان ٿو
رقص ڪڪرن جو ميڪدا بخشيو
عشق بي حد اداس آهي
سونهن کا درد آشنا بخشيو
مرڪ ساوڻ جي هانءُ تي ڪُرٽي
مونکي پن-ڇڻ جا سلسلا بخشيو
دل ڏکن سان هِري مري ويئي
کي نوان مونکي سانحا بخشيو
دل جي سنڌڙي ٻڏيو ٻُڏيو ٿي ٻُڏي
هن کي خشڪيءَ جا ناڪئا بخشيو
دل ۾ ڌڙڪي ٿي گهاٽي اونداهي
ڪجهه ته صبحن کي سوجهرا بخشيو. ■

600 ڏينهن ۾ مڪمل ٿيندڙ مختصر ڪهاڻي

پرويز

”توهان کي شرم نٿو اچي اهڙي گندي حرڪت ڪندي؟“

اچي متي واري هڪ پوڙهي ڊاڪٽرياڻي، جڏهن هڪڙي انتهائي خوبصورت ۽ انتهائي ڪِيوٽ (معصوم) اڻ پرڻيل ڇوڪريءَ جو ايبارشن ڪيس (ٻار ڪيرائڻ) اُڪلائڻ ڪان پوءِ پرائيويٽ اسپتال جي هڪ ڪمري ۾ آئي ۽ بيڊ تي پيل اُن حسين ڇوڪريءَ جو بلڊپريشر چيڪ ڪرڻ لڳي هئي. تڏهن هوءَ اُن ڇوڪريءَ تي مرڳو ڏاڪا ٻڏي چڙهي ويئي، ”توهان کي ماءُ پيءُ ڄڻي، پالي، تاتي انهيءَ لاءِ وڏو ڪيو ته توهان انهن جي پوتي ۽ پڳ جي لڄ ڏوڙ ۾ ملائيندي رهو؟ توهان جي صورت ته ڪيڏي نه سهڻي آهي، پوءِ توهان جي سيرت ڪي ڇا ٿيو؟ توهان جي ڳالهائڻ جو لهجو ڪيڏو نه مِٺو، پوءِ توهان جي فضيلت ۽ اخلاق ڪيڏانهن ويو؟ توهان کي پنهنجي ماءُ جي اکين مان وهندڙ نيرن جي نارن جو ذرو به احساس ڪونه ٿو ٿئي؟ حيف آهي توهان جي زندگيءَ تي.“ ڊاڪٽرياڻيءَ بلڊپريشر چيڪ ڪري بي.پي.ايپريٽس (رت جو دٻاءُ ڇڪاسڻ وارو اوزار) هڪ پاسي رکندي چيو ۽ پاڻ پاسي ۾ پيل ڪرسيءَ تي ويهي رهي.

”ڊاڪٽر صاحبه، اوهان کي اجا ڪجهه چوڻو آهي؟“ بيڊ تي پيل ڇوڪريءَ تمام ٿڌي لهجي ۾ ۽ انتهائي صبر ۽ تحمل سان پڇيو.

”اجا ٻيو ڇا چوان توهان کي؟ منهنجي خيال ۾ ته حيا واريءَ لاءِ ته اهو به گهڻو آهي.“ ڊاڪٽرياڻيءَ ڪروڌ واري انداز ۾ چيو.

”ڊاڪٽر صاحبه، جي اوهان دل ۾ نه ڪريو ته آءٌ اوهان جي ڪيل جُٺ جي وضاحت ڪريان.“

”چور ٿورو ئي ڪو پاسيندو ته مون چوري ڪئي آهي. توهان به پنهنجي بدافعالن جو بوجهه ٻين تي اڇلائينديون. ٻيو ڇا چوڻو آهي توهان کي.“ ڊاڪٽرياڻيءَ وري به مٿس حملو ڪيو.

”ڏسو ڊاڪٽر صاحبه، هيءَ اوهان جي پرائيوٽ اسپتال آهي. هتي اوهان معاوضو وٺي پوءِ علاج ڪنديون آهيو. اسان به اوهان جي هاسپيٽلٽي ۽ ٽريٽمينٽ (اسپتال ۾ علاج جو خرچ) جي ادائيگي ڪري چڪا آهيون. تنهن ڪري اوهان کي اهو حق ڪونه ٿو پهچي ته اوهان پنهنجي مريض کي هن طرح بي عزتو ڪريو. ٻي ڳالهه ته ڪنهن جي ذاتي زندگيءَ ۾ ، بنا سموري ڄاڻ حاصل ڪرڻ جي، ايئن مداخلت ڪرڻ جو به حق اوهان کي ناهي. اوهان جو ڪم آهي مريض جو علاج ڪرڻ. پوءِ يا ڪيس ڇڱو ڀلو ڪري يا لاشو بنائي روانو ڪرڻ. ڪنهن جي عيبن ثوابن يا سٺن ۽ بڇڙن عملن بابت وعظ ڪرڻو ڪونهي. پر جي هرويرو به اوهان کي، اسان کي بي عزتو ئي ڪرڻو آهي ته پوءِ گهٽ ۾ گهٽ اسان کي انهيءَ بري عمل جي پٺيان ڪارفرما حقيقت ٻڌائڻ جو ته موقعو ڏيو.“ بيڊ تي پيل ڇوڪريءَ انتهائي سنجيدگيءَ ۽ شائستگيءَ سان نرم لهجي ۾ چيو ۽ ڊاڪٽرياڻيءَ جي اکين ۾ اکيون وجهي نهاريندي رهي.

”اڇا...! مان توهان کي بي عزتو پئي ڪريان!! حير آهي!!! هڪ اڻ پرڻيل ڇوڪري، جيڪا پنهنجي بدافعالن جي ڪري ٿيل ناجائز ٻار کي ڪيرائڻ آئي آهي، سا پيئي چوي ته مان ڪيس بي عزتو پئي ڪريان. ڏاڍي مُنهن جي پڪي آهين. ڇا توهان جهڙين ڇوڪرين جي به ڪا عزت هوندي آهي؟“ پوڙهي ۽ حد ڪان وڌيڪ پُراعتماد ڊاڪٽرياڻيءَ نوجوان ڇوڪريءَ جي اکين سان اکيون ملائي، انتهائي چيندڙ لهجي ۾ ڪانئس پڇيو.

”ڏسو ڊاڪٽر صاحبه، جيڪڏهن اوهان رڳو اهو ئي سوچي آيون آهيو ته مون کي سَٽَ سُريون ئي ٻڌائڻيون آهن ته پوءِ ٺيڪ آهي. اوهان وڏيون آهيو. جيڪي مناسب سمجهيو ۽ جيڪي وٽيوَ، سو ڀلي چئو. آءٌ ٻڌان پئي.“

”ٻڌڻ ڪان سواءِ ٻيو توهان ڪري به ڇا ٿيون سگهو.“ ڊاڪٽرياڻيءَ اڃا به ڪروڌ مان چيو.

انتهائي حسين ڇوڪريءَ ڪوبه جواب ڪونه ڏنو ۽ خالي خالي نظرن سان پنهنجي ڇهري تي ڪوبه تاثر آڻڻ بنا ڊاڪٽرياڻيءَ کي ڏسندي رهي.

”هڪ بدڪردرا ڇوڪري، جيڪا شاديءَ ڪان اڳ ۾ پيٽ سان ٿي آهي، سا سواءِ ڪوڙو فسانو ٻڌائڻ جي، ٻيو ڇا ٿي چئي سگهي.“

نيٺ ڊاڪٽرياڻيءَ به، ڇوڪريءَ طرفان ڪو ردِعمل نه ڏسي خاموش ٿي ويئي ۽ ڪجهه دير لاءِ مڪمل سانت ڇانئجي ويئي. پوءِ ڊاڪٽرياڻي بي.پي.ايپريٽس ۽ اسٽيٿاس ڪوپ ڪڻي هلي ويئي.

ڊاڪٽرياڻيءَ جو ڪمري مان نڪرڻ ڪانپوءِ، نوجوان ڇوڪري، جيڪا انتهائي خوبصورت ته هئي، پر ايبارشن ڪيس ۾ ڪجهه خون ضايع ٿيڻ جي ڪري به سٽي پئي لڳي ۽ ڇهري تي هلڪي هلڪي پيلاڻڻ ڏسڻ ۾ پئي آئي. ڊاڪٽرياڻڻ کي پٺيرو ويندي ڏسي رهي هئي. گڏوگڏ سوچيائين به پئي ته، ”مرد ته مرد آهن، جن کي سواءِ پنهنجي مقصد پورو ڪرڻ جي، عورت جي مجبورين جي ڪا به پرواهه ڪانه هوندي آهي. پر جڏهن عورت به ٻيءَ عورت جي مجبوريءَ کي ٻڌڻ ۽ ڄاڻڻ ڪان سواءِ ئي اُن تي بدڪاريءَ جو ٺپو هڻي ڇڏي ته پوءِ ڇا ڪجي؟ هاڻ هن ڊاڪٽرياڻيءَ کي ڪهڙي خبر ته مون کي اهو ٻار ڪيئن ٿيو آهي؟ مارَپويس رڳو ڳارين جي دٻ لاهيو بيٺي آهي، ڪجهه سُڻڻ ٻُڌڻ لاءِ تيار ئي ڪانهي، ته پوءِ ڪيس ڪيئن سمجهائجي... پر هي پوڙهيون، جن پنهنجي جواني ته ڀرپور نموني ۾ گذاري هوندي آهي، پر جڏهن باقي وٽن ڪجهه به نه رهندو آهي، تڏهن نوجوان ڇوڪرين جون رڳو ۽ رڳو اوڻائيون ئي ڏسي سگهنديون آهن ۽ انهن تي ڦِٽَ لعنت ئي ڪري سگهنديون آهن.“

پوءِ هوءَ چار مهينا اڳ آيل 2010ع واري درياهي مهاٻوڏ ۾ سندن حويليءَ جي اجڙڻ جي خيالن ۾ گم ٿي ويئي.

ڪوٽ عالمو وٽان، مرڪزي سرڪار، چيف آف آرمي اسٽاف ۽ صوبائي سرڪار جي منصوبه بندي، رضامندي ۽ نگرانيءَ هيٺ سرڪاري ڪرينن ذريعي، پٿرن سان پڇنگ ٿيل بند ٽوڙي آنڌل هٿرادي ٻوڏ جن علائقن ۾ پاڻيءَ ذريعي تباهي مچائي، تنهن ڪان ته سڄي دنيا واقف ٿي چڪي آهي. پر جيڪي علائقا پاڻيءَ جي زد ڪان پري هئا، تن جي ماڻهن کي به سرڪاري اعلانن ذريعي هڪدم گهر خالي ڪرڻ جي حڪمن جيڪا تباهي آندي، تنهن جا مثال به دنيا ۾ ملڻ مشڪل آهن.

هوءَ ٻوڏ جي پاڻيءَ ڪان بچي ويل علائقي ۾

پنهنجي اباڻي زميندارن جي شاهي حويليءَ ۾ رهندي هئي. هوءَ پڙهي لکي بااخلاق ڇوڪري هئي. اوچتن اعلانن تر جي سموري عوام وانگر هُن جي مائٽن کي به مت مان ڪڍي ڇڏيو. هر طرف کان پيچ پچان ۽ وٺ وٺان واري افراتفريءَ ۾ هُوءَ پنهنيج گهر ڀاتين سميت مڪليءَ تي، قومي شاهه جي پاسي ۾، ڏگري ڪاليج ٺٽو جي اڳيان هڪ تنبوءَ ۾ پناهه وٺي اچي ويئي هئي. پٽس هٿ جو ٿورو پڪو هو، تنهن ڪري مسواڙ تي ڪا جاءِ وٺي ويهڻ ۾ سستي ڪيائين ته جايون به سڀ هٿ مان نڪري ويون. پوءِ هو هڪ شاندار حويليءَ جا رهاڪو، پينڙيات فقيرن جهڙي جُهڳيءَ ۾ رهي حالتن کي مُنهن ڏيڻ لڳا. ايري سيري جهڳي ڏسي هر خيراتي ادارو، امداد ورهائڻ وارو ادارو، ٻاهريون مالياتي ايجنسيون ۽ اين. جي. اوز وارا هنن کي امدادي سامان، کاڌ خوراڪ ۽ پئسا ڏوڪڙ ته جام ڏيو پئي ويا، پر انهيءَ انساني همدرديءَ ۽ انساني خدمت جي عيوض هُنن هن خوبصورت ۽ انتهائي حسين ڇوڪريءَ کان جيڪا قيمت وصول ڪئي، تنهن انسانيت جو ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو. ٿيو هيئن جو هڪڙي سنجهاويل، انساني خدمتگارن جي روپ ۾ هڪ جلادن جو ٽولو، تيار ٿيل کاڌو ۽ شربت جو ڪُولر ڀري هنن کي ڏيئي ويا. ڪلاڪ ٻن کان پوءِ کاڌي ۽ شربت ۾ نشه آور دوا جي اثر هيٺ سمورا ڀاتي ننڊ پئجي ويا. ۽ ... ۽ پوءِ هڪ شاندار ڪار آئي ۽ اچي هنن جي جهڳيءَ وٽ بيٺي. ڊرائيور ۽ ٻيو همراهه هيٺ لٿا. جهڳيءَ اندر گهڙيا. هُن معصوم ڇوڪريءَ کي کڻي ڪار جي پٺئين سيٽ تي ليٽاياٿون. ۽ ڪار هلي وئي.

مڪليءَ تي هڪ حويليءَ نما بنگلي ۾ ٻوڏ جي ستايلن جي خدمت ڪندڙ سڀ ذات انسانيت کي اگهاڙو ڪري، وسڪيءَ جي ڍڪن ڀرڻ، جاڙا جاڙا ٽهڪ ڏيڻ ۽ نياڻيءَ جي لڄ جي تذليل ڪرڻ سان گڏ هنبوڇيون هڻندا رهيا. ۽ پوءِ رات ختم ٿيڻ کان اڳ ۾ ئي هُن کي واپس تنبوءَ ۾ ڇڏي ويا.

ڪجهه به ڪونه ٿيو. نه مائٽن جي احتجاج ڪو رنگ لاتو. نه سماجي فلاحي ادارا ڪجهه ڪري سگهيا. نه پوليس ۽ انتظامي سرڪاري مشنري حرڪت ۾ آئي. نه مذهبي ۽ روحاني پيشوا پنهنجون ڪرامتون ڏيکاري سگهيا. نه ئي ڳاڙهين اکين وارن ۽ ڪاٽن پائيندڙ قوم پرست ڪامريڊن ڪو ٻوٿو ٻاريو ۽ ... ۽ نه ئي وري خدا جي خدائيءَ پنهنجو جوش ۽ جلال ڏيکاريو.

تنهن ڪري ڪجهه به ڪونه ٿيو.

۽ جيڪو ٿيو، تنهن هُنَ انتهائي خوبصور ت ۽ انتهائي حسين ڇوڪريءَ کي، هن پوڙهي ڊاڪٽرياڻيءَ جي گارين ٻڌڻ لاءِ آڻي هن اسپتال تائين پهچايو، جيڪا ٻي ڪا ڳالهه ٻڌڻ لاءِ تيار ئي ناهي.

(نوٽ: 26 سيپٽمبر ڪهاڻي شروع ڪئي ويئي. مئي 2012ع جي 17 تاريخ، ڪهاڻي مڪمل ٿي. هن مختصر ڪهاڻيءَ مڪمل ٿيڻ ۾ هڪ سال ست مهينا ۽ ويهه ڏينهن (600 ڏينهن) ورتا. ■

چڻ چڻ...

انور شيخ

صبح جو بورچيخاني ۾ ٿانوَ ڌوئيندي منهن تي ڪروڌ، هٿن ۾ تيزي، وات تي پٽڪا، "سڄي شهر ۾ مڙس به اهو ڳولي ورتم. شايد قسمت ڦٽل هئي." شاديءَ ڪانپوءِ ڪو سک نه ڏٺو اٿم. گهر ۾ ڪم ڪار لاءِ ڪا مائي رکي ڏي. ڇئي ڇئي بيٺي اٿمانس پر حرام آهي جو هن جي ڪَن تي ڪا جونءَ به چري ۽ ڪنهن کي ڇئي. باقي ڄاڻ اٿيو، منهن به نه ڌوئيندو. اڳ ۾ ماني گهرندو." سنڪ ۾ آخري ٿانءُ ڌوئي هٿ ڇنڊي، بيڊروم جي اڌ کليل دَر مان ليئو پائي ٻڌي ٿي آخري پساهن جهڙا کونگهرا، "توبا توبا، ماڻهو آهي يا گڏهه. وات ڪيڏو پٽيون پيو آهي. سڄي ساري مان هلي وڃانس." چلهي تي اچي گئس کي وڌائي ٿي. باهه جا شعلا تئي هيٺان نچڻ لڳن ٿا. گيهه جو ڇنڊو تئي کي هڻي ٿاپٽي تي ماني مٿان ويلڻ ائين گهمائي ٿي، ڄڻ مڙس جي سيني تي رولر گهمائيندي هجي. "اڄ اٺي ته هڪ هڪاڻي ٿي ڪيانس شام تائين نوڪرياڻي آڻي ٿو ڏي ته نيڪ نه ته گهر ۾ رات اهو هوندو يا مان هونديس." واش بيسن تي گرڙين جي آوازن وڏيڪ ٻاهه ڪري وڌُس. بورچيخاني جي دَر مان منهن ٻاهر ڪڍي چيائين، "جناب عالي، خير سان جاڳيا آهن؟" هلڪا آرَسَ ڀڃيندي زال کي هٿ ۾ ويلڻ ڏسي مڙس جا سست لڱ هڪدم هوشيار ٿي وڃن ٿا.

بورچيخاني جي دَر سامهون سفيد ٽائلس جي فرش مٿان پلاسٽڪ جي ٽيبل اڳيان ڪرسي سوري ويهي چوي ٿو، "ڊاڪٽر پيو چوي ته ناشتي کان اڳ ۾ چانهه نه پيئجي، سو چانهه مٿان ٿاهي ڏيجانءِ." فرائي پان ۾ انڊو وجهڻ سان گرم تيل ۾ سرڙاٽ جو آواز هن کي ائين لڳو ڄڻ اهو سندس اندر مان ايندو هجي. "ڊاڪٽر اهو ڪونه ٻڌايو اٿوَ ته ناشتي ۾ سائين جن کي ٻيو ڇا ڇا ٺاهي کارائجي؟" هن فرائي پان ۾ پڇندڙ انڊي جي سفيدي وانگي منهن ڦوڪائيندي چيو.

"سبزيون جيتريون ٿي سگهن گهٽيون واپرائجن. تيل ۽ گيهه جو گهٽ استعمال ڪرڻ گهرجي." مڙس قميص جي ڪٻي ٻانهه جي ڪَف کي ورائيندي چيو. هن پليٽ ۾ انڊو رکي فرائي پان مان به ڇمڇا تيل جا ڀري انڊي مٿان هاري پنڊيءَ ۾ مانيون کڻي مڙس اڳيان ٽيبل تي رکندي چيو، "اهڙا ميڊيڪلي اصولن وارا کاڌا پچرائڻا اٿوَ ته پوءِ ڪا بورچاڻي رکو. باقي مون کان ته هيئن ئي پچندا." مڙس تيل ۾ ٻڏل انڊي مان ٽڪر پٽي گرنهه ۾ ويڙهي وات حوالي ڪري چٻاڙيندي چيو، "بورچاڻيءَ جي هٿ جو ڪائڻو آهي ته پوءِ زال ڇو پرڻجي."

"اڇا ته مون کي صرف مانيون پچائڻ لاءِ آندو اٿئي؟"

چيلهه تي ٻئي هٿ رکي ناسن مان ساهه ائين ڪڍڻ لڳي ڄڻ بورچيخاني ۾ گئس جو پائپ اوچتو ليڪ ٿيو هجي.

"صرف ماني پچائڻ نه پر شاديءَ جو اهو به هڪ جواز ته پنهنجي جاءِ تي آهي نه؟" مڙس مانيءَ جا لڳاتار ڇاٻا ڪندي چيو.

"ڪن ڪولي ٻڌي ڇڏيو، جيڪڏهن اڄ توهان ڪا نوڪرياڻي نه آندي ته پوءِ مون کان ماني پچائي ڪونه ٿيندوَ. گهر جو ٻيو ڪم به هوندو آهي. ننڍڙي ٻار جا ڪم الاهي آهن، مون ڪا ايترا سارا ڪم نه ٿا ٿين."

"توهان پيي ٻڌي ڇڏيو، گهر جي هڪ پنهنجي دنيا هوندي آهي. زال مڙس جا بي تڪلف انداز ۽ گفتگو گهر جي سونهن هوندا آهن. مان نٿو چاهيان ته ڪو ٽيون ٻاهريون فرد اسان جي پرائيويسي (Privacy) ۾ مداخلت ڪري ۽ پوءِ تون، مان سڄو ڏينهن تڪلف ۾ گذارڻ لڳون؟"

"اهي مسالا آميز بهانا بند ڪر. مون کي ٻن سالن جو ٻار آهي ان کي ٽائيم نه ٿي ڏئي سگهان. اڳتي هلي اهو اسڪول ويندو ڪم وڌندا ويندا. ٻيا ٻار به ٿيندا تون سمجهين ڇو نٿو؟" هن پنهنجي لاءِ پچايل انڊه آمليٽ ۽ به مانيون هاٽ پاٽ ۾ رکندي چيو.

"ڪم وڌندا ته ورهائي ڪٽنداسون ٻارَ اوترا ڄڻبا جيترا پالي سگهبا." مڙس واش بيسن مان هٿ ڌوئيندي چيو.

"ڪنجوس، صرف پئسا بچائڻ لاءِ ڪوڙا ريزنس پيو ٻڌائي." هن چپن ۾ پٽڪيو. ۽ وري ڪاوڙ منجهان ڪمري ۾ ويندي ڏاڍيان چيائين، "ٺيڪ آهي رات جي ماني توهان پچائجو ۽ گهر جي پوچي به اچي ڏيجو."

ڪمري ۾ تازو جاڳيل ٻار ماءُ کي ڏسي مرڪيو ته هن جي ڪروڌ ورتل منهن تي به مرڪ تري آئي. باٿ روم ۾ ٻار جو پيمپر بدلائيندي وري ڪاوڙ ڪر ڪنيا،

"پئسا قبر ۾ ڪم ايندس. الائي ڪنهن جي لاءِ پيو ڪمائي. پاڻ چوي ٿو نه ته ڪم ورهائي ڪٽنداسون. هاڻي اڌ ڪم گهر جو پاڻ ڪري يا نوڪرياڻي آڻي ڏي. ٻنهي مان هڪ ڳالهه هاڻي ضرور ٿيندي."

سوچن ۾ پڪو پَهُ ٿي ڪري. ننڍڙي جو پيمپر بدلائي ڊريس چينج ڪري بورچيخاني ۾ آڻي شيلف تي ٿي ويهاريس، فيڊر تيار ڪندي پٽ جي لالچي نظرن کي ڏسندي صفا ٺري ٿي پوي. ننڍڙي کي کڻي ڊرائنگ روم ۾ ويهندي پٽ کي هنج ۾ ويهاري فيڊر ٿي پياري ته مڙس چانهه ٿو گهريس. ويٺي ئي ڪاوڙ مان رڙ ڪندي چيائينم، "ڪجهه دير صبر نه ٿا ڪري سگهو. ڏسو نه ٿا ننڍڙي کي فيڊر پئي پياريان." اندر ۾ ڪاوڙ اوج تي اچي ٿي وڃينس. چپن ۾ پٽڪي ٿي، 'سڄو ڏينهن پيو حڪم هلائيندو." مڙس زال جو پارو چڙهيل ڏسي چانهه جو ارادو مٽائي آفيس

لاءِ تيار ٿو ٿئي، زال منهن تي بچان آٽيندي پٽڪي ٿي، ”ابتو انسان اڳ ۾ ناشتو ڪندو پوءِ وهجندو.“ تيار ٿي ٻاهر اچي ٿو تہ زال چانهہ آڻي ٿي ڏيس. چانهہ پي آفيس ٿو وڃي. آفيس ۾ سڄو ڏينهن ڪم ڪرڻ بعد ٿڪو ٽٽو جڏهن شام جو گهرموٽي ٿو تہ زال جي ناسن مان ساڳيائي نانگن وارا ڦوڪڻ جاري آهن. بيڊ تي ويٺي خالي نظرن سان سامهون ڊوائيڊر جي پرسان رکيل T.V جي اسڪرين ڪي نهاري رهي آهي. مڙس فائيل ڊريسنگ ٽيبل تي رکي صوفي تي ويهندي لڳاتار نظرن سان هن جي منهن ۾ نهاري ٿو، ”پونيءَ جو اهو انداز توکي گهٽو نهندو آهي.“

ڳالهہ وٽيس ٿي پر ٿورو نڪ کي موچو ڏئي پرسان سمهيل ننڍڙي جي وات مان نپل ٿي ڪڍي. مڙس عاشقانہ نظرن جا تير مسلسل هلائيندو ٿو رهي، جيڪي هوءَ بہ محسوس ٿي ڪري. سوچي ٿي، ”ڪوڙو ڊرامائي، سڄو ڏينهن پيو اداڪاري ڪندو. پياري هجانس ها تہ منهنجي تڪليف جو خيال نہ ٿئيس ها؟ پرائي ڌيءَ جو ڪنهن کي ڪهڙو ڪهڪاءُ.“ ماڻ ُ ياد اچيس ٿي تہ ڳوڙها اکين ۾ تري ٿا اچنس. مڙس اُٿي سمهيل ننڍڙي کي نرڙ تي چمي ٿو ڏي. ۽ پوءِ بيڊ روم مان نڪري ڪچن ۾ اچي ٿو. ٽين جي دٻي مان چانور ڪڍي ٿال ۾ وجهي سنڪ مان ڌوئي ٿو چانور ڌوئي. ديڳڙي چلهي تي رکي تيل وجهي جيئن ئي بصرن جو داغ ٿو ڪري تہ سرڙاٽن جي آواز تي زال ڪچن جي دَر تي اچي ٿي بيهي. مڙس کي چانور پچائيندو ڏسي چپن تي مسڪراهٽ ڇائنجي ٿي وڃينس. اڻ لکي ٿڌاڻ جو احساس سان اندر ٺري ٿو پويس. مڙس کي جيئن ئي هن جي موجودگيءَ جو احساس ٿو ٿئي تہ ڪنڌ ورائي پوئتي ٿو ڏسي. اکيون ملندي ئي ٻنهي جي منهن تي مرڪ ٿي اچي وڃي مڙس پڇيس ٿو، ”هڪ گلاس چانورن ۾ پاڻي ڪيترو پوندو؟“

”ٻہ گلاس ... چانور پچائي پوءِ گهرجي پوچي بہ ڏجو.“

”حاضر سائين، توهان دلجاءِ ڪريو سڀ ڪم ڪندس.“

زال پرسان اچي بيهيس ٿي تہ مڙس هڪ ڀرپور نگاهہ قميص جي ڪليل ڳَلي مان سيني تي وجهندي اکين ۾ ڏسي چويس ٿو، ”تون پرسان هوندينءَ تہ چانور ڪٿان پچائي سگهندس.“

”ڇو؟“

”ڇو جو توکي ڏسڻ سان هوش جاءِ تي ڪونهي رهندو.“

”ڪوڙا.“

”خدا جو قسم آهي تنهنجو جوڀن مست ڪري ڇڏيندو آهي، اڄ تہ وري ڪليل ڳَلي سان امبريلا قميص ۾ غضب جي ٿي لڳين، پنڪ ڪلَرَ تي ڪاري شيڊ سان قميص تي چوڙيدار پاجامي تہ منهنجو ساهہُ مٺ ۾ ڪري وڌو آهي.“

بصرن جي داغ کي ڇڏي ڪفگير شيلف تي رکي ٻانهون ڪنڌ مان ورائي چپن تي چمي ٿو ڏئيس. هن جي وجود ۾ سڄو ڏينهن ڪاوڙ جا ٻرندڙ ٽانڊا هڪدم وسامي وڃن ٿا. مڙس جو پيار پاڻي بڻجي ٽانڊن تي ڪري ٿو. ڪنڌ ڪان ورايل ٻانهون پنيءَ تي گهمائيندي ڇيلهہ کي وراڪو ڏئي ٻنهي جسمن کي جيئن ئي ويجهو ڪن ٿيون تہ داغ سڙڻ جي بوءِ اچي ٿي. ٻئي زور سان ٽهڪ ڏئي ڪلن ٿا. زال مڙس جي چپن تي آڱر هٽندي چويس ٿي،

”توهان هلي فريش ٿي ڪمري ۾ ويهو. مان چانور ۽ ڀاڄي پچائي ٿي اچان.“ ۽ مڙس ڪچن مان ويندي چويس ٿو، ”اوڪي ماءِ ڊيئر وائيف.“ ■

ڏيئا ڏيئا لاٽ...

انور شيخ

هُن کي گهڻي تڪليف ٿي رهي هئي. ور ور سور جون سٽون پئي اُڀريس. درد سمنڊ جي لهرن وانگر اُٿليو پئي آيس. ڪنهن ڪنهن وقت تہ ائين پيو لڳيس تہ سور جي هيءَ سَٽَ پساهہَ پورا ڪري ڇڏيندي. قميص ڦاڙي پيٽ کي زور سان ٻڌائين. پوءِ بہ رت ٻُڙڪيون ڏيو نڪتو پئي آيو. ٻنهي ڄنگهن ۾ بہ گوليون لڳل هئس. کاٻي ڄنگهہ ۾ لڳل ڳوليءَ گوڏو ڀڃي وڌو هئس. پر سڄي سٿر ۾ گولي ماس مان پار ٿي وئي هئس. ان ۾ سورُ ڪجهہ گهٽ پيو ٿئيس. پر گهڻو سور گوڏي ۽ پيٽ ۾ محسوس ٿي ڪيائين. هن کي لڳو تہ هاڻ هو بچي نہ سگهندو. توڙي جو هو ٻوڙن لڪل هو. پر هن سمجهيو ٿي تہ دشمن هن جي ڳولا ۾ آهي. جيستائين هو هن کي مئل نہ ڏسندو هن کي قرار نہ ايندو. هن کي اها پڪ هئي تہ دشمن هن کي ڳولي ضرور ماريندو. پر الائي ڇو اٿاهہ درد جي انهن گهڙين ۾ هڪ چهرو هن جي ذهن تي تريو ٿي آيو. تڏهن درد ويرم لاءِ ڪيس قرار ٿي پهچايو. دل ۾ راحت هلڪي راحت محسوس ڪندي هن جي من ۾ خواهش پيدا ٿي، ”ڪاش، نوري هن وقت مونسان گڏ هجي ها! تہ هي هُنَ جي هنج ۾ مٿو رکي سمهي پوي ها. ۽ هوءَ هِنَ جي منهن جي تجلن ۾ خوشيءَ سان درد جو درمان محسوس ڪري ها. ۽ هُن جي من ۽ اکين ۾ جوت جا نوان جلوا پَسي پاڻ ۾ وڏيڪ ويڙهاند لاءِ حوصلو ڏاري ها.“

هو وڏيڪ سوچيندو رهيو، ”نوري هِن جي حالت ڏسي ضرور روئي پوي ها. ۽ هُن جا ڳوڙها منهنجي منهن تي مينهن جي بوندن جيان وسڪارو ڪن ها تہ آئون ساونڻي جا مزا ماڻيا هان. ۽ ڳلن تي ڪريل نوري جي نماڻي اکين مان ڳڙيل ڳوڙهن سان پنهنجي زبان کي تَرَ ڪريان ها.“

هو وري سوچي ٿو، ”ڪيڏي نہ عجيب خواهش پيو ڪريان. صفا جهڙو چريو هجان. نوران بہ تہ مونکي چريو ئي تہ چوندي هئي.“

هو سرڪش اڏول ۽ پنهنجي طبيعت جو ماٺهوءَ هيو. هن هميشہ حالتن جي ابتڙ سوچيو. وقت کي پنهنجي طابع رکڻ لاءِ هن سدائين پنهنجي واٽ ورتي. سدائين جيڪو دل ۾ آيس ان تي ڳت ڏئي بيهي رهيو. پوءِ زمانو هڪ طرف تہ هو ٻئي طرف هو اڪيلو.

*

درد ڪجھ ٿائڪو ٿيس تہ هن جي سوچن جو سلسلا لٽيل قافلي جيان قدم قدم اڳتي روانا ٿيا.

’نوران کي حاصل ڪرڻ جي خواهش بہ چريائپ تہ هئي.‘ هن کي ياد آيو.

هڪ شاديءَ ۾ نوران جڏهن هِنَ جي ڳتي تي ميندي هڻي ٽهڪ ڏئي ڀڳي هئي تہ ان وقت هن کي هلڪي مچن جي ريهہَ هئي. جواني اڃان درياهہَ جي پهرين پالوٽ جيان هن جي وجود جي ڌرتيءَ تي ريج ڏنو هو. ڇا تہ ڦڙتائي هئي نوري جي نوخيز بدن ۾. جڏهن ڊوڙندي هئي تہ لڳندو هو ڄڻ سحرا جي واريءَ ۾ البيلي هرڻي رقاصا بڻجي واريا سي ڪان اُفق جي روشنين ڪان اڏامندي هجي. هن جي اڇن ڏندن جي چمڪ آبشارن جي آوازن جهڙا ٽهڪ، اڻ لکي بي پرواهہ خوشين جا رنگ، هن جي منهن کي اهڙو تہ موهيندڙ بڻائي ڇڏيندا ها جو خواهشن جي مظبوط رسيءَ ۾ ٻڌجي هو سوگهو بڻجي ويو هو. هن جي موهہَ ۾. هي اهي ڏينهن هئا جڏهن هِنَ لوهر ڪان ڪهاڙي ٺهرائي ان کي اچي نڪل ڪرائي آيو هو. ڳاڙهي ٽوپي پائي ڪاري ڳن ۽ اڇي ڦرهي سان ڪهاڙي ڪلهي تي رکي اڱڻ ۾ پئي گهميو تہ نوران پٽ تان نرو ڏئي نهاريو هو ۽ وڏا ٽهڪ ڏيندي چيو هئائين، ”ڪنهن جا ڪنڌ ڪيرائيندي ملهار؟“

ملهارَ ڪهاڙيءَ جو ڪارو ڳن ٻنهي هٿن ۾ جهلي ڪهاڙي اُڀي ڪري چيو هيس،

”جيڪي منهنجي ڌرتي ماءُ ڏي ميري نظر سان ڏسندا.“

نوري هن جي اکين ۾ جلال ڏسي خاموش ٿي وئي هئي. ۽ پٽ تان لهي آڳر ۾ وڃي ڪٽ تي ويٺي هئي. ملهار پوءِ صفيءَ تي چڙهي ويو هو ۽ اتان ڪافي دير دل کولي نوريءَ کي ڏسندو رهيو. نوريءَ کي ڳاڙهي چٽ تي اڇن ڦلڙين سان ڪپڙا پاتل هئا. شام جي پهر ۾ ڳاڙهسرو سورج ڄڻ نوريءَ جي گهر جي پڊر تي لهي آيو. هوءَ ڳاڙهي جوڙي ۾ پوري منهن سان ڪٽ تي ائين سونهين پئي جو ملهار کي لڳو تہ ڳاڙهي ڪنوار هاري سينگاري سيج تي چڙهي ملهار جو انتظار ڪري رهي آهي. پريان ڪنهن گهر مان ريڊيو تي آواز پئي آيو،

مان صدقي وڃانءِ ناٺءَ تان
مون کي ڪهڙي شيءِ پياريءَ
جو لهين نتو تون هانءَ تان.

ملهار کي ائين لڳو ڄڻ اهو گيت هن جي جذبن جي ترجماني ڪري رهيو هو. نوري ملهار جي دل ۽ ذهن تي

سوار رهڻ لڳي هئي.

*

نوريءَ ملهار کان پڇيو، ’ڌرتيءَ جا دشمن ڪير آهن؟‘

ملهار وراڻيو، ’هڪ ڌاريو-ڌوتو. جنهن سان ڌرتيءَ ڌڻين مان ڪي ماڻهو انهن جي دلالي ڪري رهيا آهن. پر سنڌ اجان گيدڙن نہ ڪاڏي آهي. ڪي اجان بہ مرد مٽير هن ڌرتيءَ تي موجود آهن. جن سان تو جهڙيون ڪيئي نوريون انهن جو ساٿ ڏيئي رهيون آهن. ۽ انهن پڪو پهہ ڪيو آهي تہ پنهنجي سفيد پوتين ۽ پٽڪن کي ريٽي رت سان رنگي آزادي جو ڳاڙهو پرچم ٺاهي مٿي اپاري ڇڏيندا.‘

*

ملهار کي درد جي شديد سَٽ ٻيهر اُڀري تہ ڪجهہ دير سوچن جا سلسلا ٽٽي پيس. اکيون بند ڪري ڏند پيڪوڙي سور جي شدت گهٽ ٿيڻ جو انتظار ڪيائين تہ سور جو سَٽڪو ٻيهر سندس وجود ۾ ڪڙڪي پيو.

ملهار، تصوراتي طور وري نوريءَ جي نيڻ ۾ گم ٿيڻ لڳو. هن کي ياد آيو، ’هڪ ڏينهن نوري گهر جي پٺ ۾ ڪجين جي ڇڳن کي پيندِ هٽي ڏوڪا ڪيرائڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي. جڏهن هر ڦوڙ ناڪام تي واپس موٽيو پئي تہ هوءَ ڏاڍي ڏڪاري پئي ٿئي. ملهار کان اهو ڏٺو نہ ٿيو ۽ هن پراڻين ڪجين جي پُٽن چوڏن جي پرواهہ نہ ڪندي مٿي چڙهي ويو ۽ ڏنگ ڏوڪا پٽي نوريءَ کي آڏي ڏنائين. نوري خوش ٿيندي چيو، ”اڄ تہ قرب ڪري ڇڏيءَ.“

ان وقت نوريءَ جون ديدون دوناليون ٻڻجي ڇٽيون هيون. ۽ ملهار جي دل ۾ کُپي ويون هيون. هن جي ذهن جي پردي تي نوريءَ جي نشيلي جوانيءَ جا عڪس هڪٻئي پٺيان هلندا ٿي رهيا. هن کي ياد آيو، ’هڪ ڏينهن جڏهن ڪنهن ويجهي ساهيڙي جي شادي لاءِ شاپنگ ڪرڻ هئي تہ شادي وارين عورتن سان مرد جي حيثيت ۾ ملهار بازار ويو هو. بازار ۾ نوريءَ سَيُن جي پوري پليٽ ڪائي مٿان شربت جا بہ گلاس پي اوڳرائي ڏئي مشڪندي ملهار ڏي نهاريو هو. بازار جون سَيون نوريءَ کي ڏاڍو وڻنديون هيون. بازار ۾ گهمندي جڏهن هڪ هوٽل تي رڪارڊ وڄي رهيو هو،

جهڙو آهي تهڙو آهي
يار جو آ
چو ڍولڻ سان گلاڪيان.
مان تہ لک واري بسم الله الرحمٰن الرحيم ڪيان.

نوريءَ اهو گيت ٻڌي اکين جي اشاري سان ملهار جو ڌيان رڪارڊ طرف ڇڪايو هو. ان ڏينهن ڪانپوءِ ملهار نوريءَ جي عشق ۾ سمورين محرومين جي دلدل مان ٻاهر نڪري آيو هو.

*

ملهار جي تڪليف وري وڌي رهي هئي. هو سوچي رهيو هو، ’سمجهان ٿو هي منهنجي انتهائي ڏکي منزل آهي. مشڪل جون گهڙيون آهن. هن وقت منهنجي لاءِ فقط بہ رستا آهن، هڪ تہ درد وچان داڻهون ڪيان ۽ ٻيو نوريءَ جي يادن جي نديءَ ۾ ترندو رهان. داڻهن سان درد ڪونہ گهٽبو پر يار جي يادن کي سارينديءَ مَن جي مونجهہ گهٽجي ويندي.‘

هو فيصلو ڪري ٿو تہ موت جيستائين هن جي دل ۽ دماغ تي مڪمل قبضو ڪري ماري نٿو ڇڏي هو نوريءَ سان سلهاڙيل سڀ سمان ۽ ان لاءِ ڏٺل سڀ سپنا اندر جي پردي تي عيان ڪري ڏسندو رهندو. موت جيستائين ميساري ۽ يادن جو اکيون سگهہ وڃائين هن جي ذهن جي آسمان تي پيار جا پنڇي اُڏرندا رهندا. ڳاڙهي رت هن جي وجود تي پاتل ڪپڙن کي ريٽو ڪري ڇڏيو آهي. مٿان بيهي ڪوڏسي تہ ملهار جو وجود وطن جي نقشي جيان لڳندس جنهن جي امن پسندي کي رت سان وهنجاريو ويو آهي.

*

نوريءَ جي جواني جا گل جڏهن مڪمل ٽڙي ڇڪا تہ سندس ماءُ کي نوريءَ جي شاديءَ جو فڪر لڳو. نوري ۽ ملهار جون مائرون سڳيون سؤٽيون هيون. پر نوري ۽ ملهار جا پيءُ الڳ الڳ ذات جا هئا. ملهار جي پيءُ جڏهن نوريءَ جو سنگ گهريو تہ نوريءَ جي پيءُ موٽ ۾ ملهار جي ڀيڻ جو سنگ پنهنجي پٽ لاءِ گهريو. جنهن جو ملهار جي پيءُ انڪار ڪيو، ’اسان ٻئي ذات مان سنگ وٺندا تہ آهيون. پر ڏيندا ناهيون. منهنجا پائر برادري نارض ٿيندا.‘

اها ڳالهہ نوريءَ جي پيءُ کي نہ وڻي. ۽ هن نوريءَ جو ملهار وارن جي گهر اچڻ وڃڻ بہ بند ڪري ڇڏيو. نوريءَ جي پيءُ ڏاڍو ڏمريو ۽ ڏڪاٽو ٿيو. اچي بہ چونہ؟ ملهار جي پيءُ کي ڀيڻ جو سنگ ڏيندي نوريءَ جي پيءُ ذات پات تہ ڪونہ ڏٺي هئي. شهر جو ماحول هيو ڪير تو ذاتيون برادريون ڏسي؟ پر ملهار جي پيءُ کي ڳوٺ ۾ رهندڙ پنهنجا پائر ۽ برادري جي عزت ۽ شان هاڻي اچي ياد پيو هو. اهڙي سوچ نوريءَ جي پيءُ کي ميڄرائي وڌو.

*

نوري ملهار سان آخري دفعو ويجهن مائٽن جي هڪ شاديءَ ۾ رات جو ملي هئي، نوريءَ کي هلڪا نيرا ڪپڙا پاتل هئا. آڱر تي ڳاڙها گلم وچايل هئا. پٽين تي چوڏاري بلبڙيون ٻري رهيون هيون. نوري عورتن جي وچ تي ٽيپ هلائي پاڪستاني فلمي گاني جي ڌن تي ڊانس ڪري رهي هئي. ڪارن وارن ۾ پيلو ڪلپ لڳل هئس، پريل پوروبدن نيري جوڙي ۾ سون جيان جرڪي رهيو هو. پگهر جون سنهيون بوندون موتين جيان هن جي منهن تي چمڪي رهيون هيون. پيڏين کان مٿي ٽيل سلوار جا پانچا اگهاڙا پير ماس سان پريل پوريون ٽريڊنگ ٽيل پنيون مقناطيسي انداز ۾ حرڪت ڪري رهيون هيون. نوري جڏهن نچندي پوري بدن کي جنبش پئي ڏني تہ ملهار جي هانوَ ۾ چڪ پئي پيا. هن کي نوريءَ جي وڃائجي وڃڻ جو خوف پئي ٿيو. ملهار جڏهن هنڌن واري ڪمري ۾ وڃي وينو تہ نوري بہ اک بچائي هلي آيس. ۽ پهريون دفعو ملهار کي زور سان ياکر پاتائين. ۽ ملهار بہ نوريءَ کي ٻار جيان چنبڙي پيو.

هوءَ تہ ڪڏهن ڪڏهن اهڙي خواهشن تي بہ لچارو ٿي پوندو هو. پر ان وقت شرم ۽ حياءَ الائي ڪاڏي اُڏري ويا هئس. ملهار نوريءَ جي منهن تي ڪوڙ سارين چميون ڏيندو رهيو. نوريءَ ڪيس چيو، ”چاٻہ تي پئي مان تنهنجي رهنديس.“

نوريءَ جي وعدي تي ڪيس ويساهہ هو. ۽ پوءِ هو بي فڪرو ٿي وڌيڪ پڙهڻ لاءِ وڏي شهر هلي آيو جتي هن يونيورسٽي ۾ داخلا ورتي.

شهر ۾ تہ ماحول ئي ٻيو هو. هر طرف پٽين تي نعرا لکيل هئا،

هم سي جو ٽڪرائيگا
وه لال ٻتي جائيگا

عجيب ويڳاٽائپ ۽ خوف واري صورتحال هئي. پنهنجي ئي ڌرتي تي ڌارين جيان پاڻ کي محسوس پئي ڪيائين. وطن جي گاديءَ جو شهر جتي ماڻهن جي مستقبل ۽ حال جا فيصلا ٿيندا آهن اتي فقط نالي ۾ ڌرتي ڌڻين جي حيثيت هئي. پر حڪومت ڌارين جي هئي. وڏي ڪرسيءَ تي وينل تہ پنهنجو هو پر حڪم اصل ۾ ڌارين جي ڏڍنس ۽ ڏانڊلين جو هلندو هو. ملهار سان پڙهندڙ سميرا هڪ ڏينهن لان تي ويٺي ملهار کي چيو،

”توهان جا ماڻهو عورتن کي ڪاريون ڪري چو مارينڊا آهن؟ اُهي عورتن کي هڪ جيترا حق چونہ ٿا ڏين؟ توهان جون عورتون ڊپريشن جو شڪار چو آهن؟“

ملهار، سميرا کي سمجهائيندي ٻڌايو، ’اهو تاثر غلط آهي اهو فقط اسان جي ماڻهن کي دنيا آڏو ظالم ۽ جاهل پيش ڪري هنن جي آواز کي دٻائي حق ڪسڻ جي سازشي پروپگينڊا آهي. ملهار ڪيس لطيف جي سورمين موهن جي دڙي جي مورتي، مومل ۽ ماروي جا قصا ٻڌايا.‘

پر سميرا منهن تي بچان آڻيندي ڪيس چيو،

”اهي تہ اڳ هونديون. پر هاڻي اوهان ڇا آهيو؟ خبرون جيڪي اخبارن جي سرخين ۾ لڳن ٿيون ڇا تون اُنهن کان انڪار ڪندين؟ ڪنڊ ڪپيل، گهوگها ڏٺل مارين جون تصويرون ڪوڙيون آهن؟ جيڪي توهان جي اخبارن ۾ ڇپجن ٿيون.“

ملهار ڪيس چيو، ’اسين عظيم تهذيب جا وارث آهيون جنهن کي دنيا مڃي ٿي. وقت جي دُز ان کي ماٺو ڪيو آهي. پر ميساري نٿي سگهي.‘

سميرا اٿي بيٺي. ۽ ويندي ويندي ڪيس چيائين،

”رڳو اسٽيجن تي اهڙيون تقريرون ڪري دلجايون ڪندا رهجو. ۽ اجرڪ ٽوپيون پائي هو جمالو ڪندا رهجو. هڪ ڏينهن اهو ايندو جو ان ورثي کي رکڻ لاءِ ميوزيم جيتري جاءِ بہ نہ ملندوَ!!“

ڪجهہ ئي عرصي ۾ ڌرتيءَ کي بہ اڌ ڪرڻ جون ڳالهيون ٿيڻ لڳيون. ملهار جيڪو نوريءَ جي نيڻن جي ڍنڍ جون خوبصورتيون اندر ۾ سمائي پئي گهميو سومونجهارن ۾ مبتلا ٿي ويو. ڌرتيءَ کي بہ اڌ ٿيڻ جو ٻڌي سندس اندر وڍجڻ لڳو. ملهار جي تاريخ ۽ تهذيب جي قطب خانن کي ساڙيو ٿي ويو. ماڻهن جي من ۽ تن تي تصوف جي رنگ تي چٽرون ٿي ڪيون ويون. هو جيڪو گوتم جي مرڪ منهن تي سجائي گهمندڙ ماڻهو هو سو اڄ موهن جي دڙي تي ماتم ڪري رهيو هو. هن جو وجود جيڪو نوريءَ جي امانت هو تنهن ۾ ڌرتي ماءُ سماجئي وئي. نوريءَ جي محبت وطن جي لازوال محبت

جو روپ ڌاري ورتو. ملهار فيصلو ڪيو تہ وطن لاءِ وڙهبو. ملهار وطن جي بقاءَ لاءِ وڙهندڙ تنظيم جوائن ڪئي. ۽ عوام کي انهن خلاف ٿيندڙ سازشن بابت جاڳرتا مهم ۾ ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. انهيءَ ڪم ۾ هو اهڙو لڳي ويو جو نوريءَ کي ئي وساري ويٺو.

*

تنظيم جي هاءِ ڪمانڊ مان ملهار کي حڪم مليو تہ سازشي ٽولي جي هڪ خاص ڪردار کي جهنم رسيد ڪرڻو آهي. ملهار ٻہ ساٿي ساڻ ڪري ٻڌايل نقشي موجب دشمن جي گهر ۾ گهڙي پيو. ۽ ڪيس ٻہ اڌ ڪري ڏيکاريندڙ نقشي تي سمهاري گوليون هڻي ماري ڇڏيو. انهيءَ ويڙهاند ۾ ملهار جا ٻہ ساٿي شهيد ٿيا ۽ پاڻ سخت زخمي ٿي پيو. ملهار رڙندي رڙندي روڊ جي پرسان مانجهانڌڙي جي گهاٽن وڻن ۽ پرپاسي وارن ٻوڙن ۾ هڪ نالي ۾ وڃي پناھ ورتي. سور جيئن تڏو تئي ٿيو تيئن سندس تڪليف ۾ وڌيڪ آڌار بہ پيدا ٿيو. سور جي شدت کي جهڪي ڪرڻ لاءِ هن پنهنجو رومال وات ۾ وجهي ڇڏيو. ۽ سندس هلڪا سلڪا ساھ واٺهڙن جي قدمن جي آوازن ۾ شامل ٿي وڃن ٿا. هو اجان هوش ۾ هو. هن اکيون کولي ڏٺو تہ جينز پاتل نقاب پوش ڪجھ ڇوڪريون هٿن ۾ آٽوميٽڪ هٿيار ڪنيون اچي ملهار جي مٿان بيهي رهيون. هڪ ڇوڪريءَ پٽ تي ويهندي ملهار جي مٿي کي پنهنجي هنج ۾ لاڙي ڇڏيو. ملهار ان ڇوڪريءَ جي شفقت واري رويي تي سڪون محسوس ڪيو. ۽ اکيون کولي سندس منهن ۾ ڏسڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو.

”وڌيڪ ڌڪ تہ نہ لڳا آهن، ڪامريڊ؟“ نقاب پوش ڇوڪري ملهار کان پڇيو.

”نہ نہ، بس رڳو گوڏي ۾ گولي ڪُپي ويئي آهي.“

”خير آهي. ان جو بہ انتظام ڪيون ٿا.“ ڇوڪريءَ چيو.

”هي ٻيون ڇوڪريون ڪير آهن؟“ ملهار پڇيو.

”هي تنظيم جي عورتاڻي ونگ جون ڪارڪن آهن.“ ڇوڪريءَ وراڻيو.

”هتي اوهين ڪيئن پهتا؟“

”اسان کي خبر هئي تہ اوهين معرڪي تي ويل آهيو. اها اسان جي ڊيوٽي هئي تہ تنظيم کي اوهان جي ڪارڪردگي بابت فيڊبيڪ ڏنو وڃي.“ ڇوڪريءَ وراڻيو.

ملهار سڄي ڳالھ سمجهي ويو. ۽ سندس زخمن جا تاب جهڪا ٿيڻ لڳا.

”لڳي ٿو اوهان کي جهجها زخم رسيا آهن؟“ نقاب پوش ڇوڪريءَ منهن تان نقاب هٽائي ملهار جي پيلي ڇهري کي پاٻوھ مان ڏٺو. ۽ سندس اکين مان لڙڪ لڙي پيا، جن ملهار جي ڇهري کي پسائي ڇڏيو.

ملهار ڇوڪريءَ جي گوڏي تان ڪنڌ ڪٽندي نيم بيهوشي جي حالت ۾ جڏهن تنظيم جي ڪارڪن ڇوڪريءَ ڏانهن نهاريو تہ خوشيءَ مان ڪائونس رڙ نڪري وئي، ’اڙي نوري تون!!‘

۽ پوءِ ملهار جا ترسيل نيڻ نوريءَ جي نيڻن سان ملي وڃن ٿا. ■

پير صاحب جو معمول هو تہ هو فجر جي نماز ۽ ذڪر کان واندو ٿي علائقي جي مشهور خانقاھ جي ڪم ڪارجي انتظام ۾ مصروف ٿي ويندو هو. علائقي جي سڀني عالمن ۾ هن جو هڪ مقام هو ۽ ماڻهن ۾ هن جي روحانيت جي هاڪ هئي. هن جي گهر جي دروازي جي پرسان ڪجيءَ جو هڪ ننڍڙو وڻ هو، جنهن کي هن پنهنجن هٿن سان پوکيو هو. سج اڀرن کان اڳ هو وڻ کي پاڻ پاڻي ڏيندو هو.

روز جيان هو پاڻي ڏئي اندر وڃڻ لڳو تہ هن ڏٺو ڪجھ ماڻهو ان ڏانهن اچي رهيا آهن. جڏهن هو ويجهو پهتا تہ هن کي هو سڀ نهايت مظلوم ۽ پريشان نظر آيا. ويجهو پهچي انهن پير صاحب کي سلام ڪيو، پير صاحب جواب ڏئي صبح ويلي اچڻ جو سبب پڇيو. انهن مان هڪ شخص اڳتي وڌي پير صاحب جي پيرن تي ڪري پيو ۽ التجا ڪيائين، ”الله جا ولي اسان ڏاڍي مصيبت ۾ گرفتار آهيون۽ اوهان جي ذات با برڪات کان سوائي ڪوبہ ناهي جيڪو اسان کي هن مشڪل مان ڪڍي سگهي، منهنجي زال صفا مرڻ جهڙي ٿي پئي آهي پر اوهان جي دم ڪرڻ سان هوءَ ضرور نيڪ ٿي ويندي.

”هوءَ آهي ڪٿي؟“ پير صاحب بي نيازيءَ سان پڇيو.

”ويجهوئي ڳوٺ ۾، سواري تيار آهي.“ هن ميڙ جي پٺيان بيٺل ٻن گڏهن ڏانهن اشارو ڪندي وراڻيو.

”چڱو مان توهان سان گڏ هلان ٿو. پر مان گهروارن ۽ مريدن کي ٻڌاءَ ڇڏيان!“

”وقت ڏاڍو نازڪ آهي.“ سڀني هڪ زبان ٿي چيو. ”مائي پوين پساهن ۾ آهي. شايد اسان جي پهچندي پهچندي ختم ٿي وڃي. ٿورو ڪري اوهان ان وقت ئي هلو. ڳوٺ ويجهو ئي آهي، منجهند تائين اسان موٽي ايندا سين.“

”چڱو تہ پوءِ اسان کي دير نہ ڪرڻ گهرجي.“ پير صاحب ميڙ جي لاڳيتي اصرار ڪرڻ تي مجبور ٿي چيو ۽ گڏهن ڏانهن وڌيو. هڪ گڏھ تي پاڻ ۽ ٻئي تي مائيءَ جو مڙس سوار ٿيو. ڪيترائي ڪلاڪ انهن کي ائين ئي سفر ڪندي گذري ويا. پير صاحب جي پڇڻ تي تہ ڳوٺ اجان ڪيترو پري آهي، تہ مڙس جو اهوئي جواب هو تہ ”اجهو بس پهچڻ ئي وارا آهيون.“ ائين ڪندي ڪندي منجهند مهل انهن کي ڳوٺ نظر آيو. جڏهن ڳوٺ ۾ داخل ٿيا تہ ڳوٺ وارن پير صاحب جي پرجوش آجيان ڪئي ۽ هن کي گهر جي وڏي ڪمري ۾ وٺي ويا، جتي کٽ تي هڪ عورت ليٽيل هئي. جنهن جون بي نور اکيون ڇت ڏانهن نهاري رهيون هيون. پير صاحب ٻانھ کان جهلي مائي کي ڌوڏاڙيو پر مائي ڪوبہ ردِعمل نہ ڏنو. ڄڻ هو موت جي دروازي کي کڙڪائي رهي هجي. پير صاحب دم درود شروع ڪيو. هن پنهنجو عمل اجان ختم ئي نہ ڪيو هو تہ مائي هڪ ڊگهو ساھ کنيو ۽ سڏڪا ڀري روئڻ لڳي. تنهن تي پير صاحب کي لڳو تہ مائيءَ جو روح نڪرڻ وارو آهي.

ايتري ۾ مائي پنهنجيون اکيون کوليون ۽ حيرانيءَ سان سڀني ڏانهن نهاريو ۽ ڀٽڪندي چيو.

”مان ڪٿي آهيان؟“

”تون پنهنجي گهر ۾ آهين.“ پير صاحب حيران ٿي جواب ڏنو.

”مونکي پاڻي پياريو.“

”پاڻي ڪٿي اچو.“ مائي جي مٿن مائٽن رڙ ڪئي.

ڪو ڀڄندو پاڻيءَ جو جڳ ڀري آيو. جنهن مان مائيءَ خوب دل ڀري پاڻي پيتو ۽ پوءِ هڪ ڊگهي اوڳرائي ڏنائين ۽ چوڻ لڳي. ”ڪائڻ لاءِ ڪجھ ناهي؟ مونکي بک پئي ٿي لڳي.“ هن جو ايترو چوڻ هو تہ گهر وارن مان ڪو ماني ڪنيو پئي آيو تہ ڪو ٻوڙ تہ ڪو آچار. ڏسندي ئي ڏسندي هوءَ سڀ ڪجھ هضم ڪري وئي، پوءِ کٽ تان اٿي جئين چڱي ڀلي هجي ۽ ڄڻ ڪڏهن بہ بيمار نہ ٿي هجي.

اهو معجزو ڏسي گهر وارا ادب سان جهڪي پيا. ڪنهن پير صاحب جا هٿ تي چميا تہ ڪنهن پير. پوءِ انهن مان هڪ پيرسن شخص چوڻ لڳو. ”اي الله جا ولي. اوهان جي دعا جي برڪت سان مائيءَ جي جان بچي وئي آهي، ان ڪري اسان سڀ دل جي اونهائين سان اوهان جا ٿورائتا آهيون. توهان پاڻ ٻڌايو تہ هن نيڪيءَ جي صلي ۾ اوهان جي ڪهڙي خدمت ڪيون؟“

”مون تہ اهڙي ڪا نيڪي ناهي ڪئي جنهن جي صلي جو آئون پاڻ کي مستحق سمجهان.“ پير صاحب پاڻ هن غير معمولي واقعي تي پريشان هو.

”هي سڀ الله جي قدرت سان ٿيو آهي. باقي اوهان جيڪي چئو چئي سگهو ٿا.“ پير صاحب جي سمجھ ۾ پاڻ نہ پئي آيو تہ هي معجزو ڪئين ٿيو آهي.

مائيءَ جو مڙس چوڻ لڳو. ”اي الله جا سچا ولي! بحرحال هي ڪنهن معجزي کان گهٽ ناهي جيڪو الله سائينءَ اوهان جي هٿن سان سر انجام ڏنو آهي. اوهان جهڙي مقدس هستيءَ جو اسان جي گهر ۾ اچڻ اسان لاءِ باعثِ عزت آهي ۽ اسان کي پنهنجي خوش بختيءَ تي

ناز آهي. اوهان اسان کي اجازت ڏيو ته اسان پنهنجي حالات ۽ علائقي جي رواج مطابق اوهان جي مهمان نوازي ۽ جو شرف حاصل ڪيون.”

هن گهرجو هڪ خاص ڪمرو پير صاحب لاءِ خالي ڪرڻ جو حڪم ڏنو، جنهن ۾ هن کي ترسايو ويو. جڏهن به پير صاحب هن کان وڃن جي اجازت گهرندو هو ته هو چوندو هو ته “ان معزز هستي ۽ کي جنهن منهنجي زال جي جان بچائي آهي ،ٽن ڏينهن کان اڳ ڪئين ٿو وڃڻ ڏئي سگهان. ٽي ڏينهن اوهان جهڙي عظيم محسن جي خدمت ڪرڻ لاءِ تمام گهٽ آهن.”

ان عرصي ۾ هو پير صاحب سان وڏي عزت و احترام سان پيش آيو ۽ خدمت گزاري ۽ ۾ ڪابه گهٽتائي نه ڪيائين. جڏهن ٽي ڏينهن گذري ويا ته هن هڪ گڏهه تي سوڪڙيون،ان، داليون،ڪڪڙيون ۽ بيضا رکرايا ۽ پنجن ڊالرن جو هڪ نوٽ بطور نذرانو پيش ڪيو ۽ گهر جي دروازي تائين ڇڏڻ هليو. پير صاحب کي وڏي مشڪل سان گڏهه تي سوار ڪرايو ويو . ايتري ۾ هڪ نوجوان پڄندو آيو ۽ پير صاحب جا پير جهلي چوڻ لڳو. “ اوهان جي ڪرامت جي واڪاڻ هتان جي هر ڳوٺ ۾ ڦيلجي وئي آهي. مان به اهوئي ٻڌي حاضر ٿيو آهيان، منهنجو چاچو پي ءُ جي جاءِ تي آهي ۽ هو ويچارو به پوين پساهن ۾ آهي، هن جي خواهش آهي ته هو اوهان جو نياز حاصل ڪري. خدا جي واسطي مرڻ کان اڳ هن جي اها آرزو پوري ڪريو.”

“پر منهنجا پٽ، ڏس ته سهي، مان ته اڳئي پنهنجي گهر وڃن لاءِ تيار بيٺو آهيان.” پير صاحب هن نوجوان کي چيو.

“جيسيتائين اوهان منهنجي چاچي کي نٿا ڏسي وٺو ،مان اوهان کي هرگز وڃڻ نه ڏيندس. اسان اوهان جو گهڻو وقت نه وٺنداسون.” نوجوان گڏهه جي واڳ جهلي هڪ پاسي هلڻ لڳو.

“تنهنجو چاچو آهي ڪٿي؟” پير صاحب پڇيو.

“بلڪل ويجهو، بس ڪجهه منٽن جي مفاصلي تي.” پير صاحب وٽ سواءِ مڃن جي ٻي ڪابه واٽ ڪونه هئي. ڪلاڪ ڪن سفر کان پوءِ هو ٻئي ڳوٺ پهتا ،جتي اڳين مائي وانگر هڪ پوڙهو شخص کٽ تي ليٽيل هو، پير صاحب کي ڏسي گهر وارن جي چهري تي اميد چمڪڻ لڳي. پير صاحب جئين ئي دم درود ڪرڻ شروع ڪيو پوڙهو شخص کٽ تان اٿيو ۽ اٿي ڪائڻ پئڻ لاءِ گهرڻ لڳو. هن معجزي کي ڏسي ڏسندڙ حيران ٿي ويا . ۽ قسم ڪنيائون ته پير صاحب جي هن احسان جي بدلي ۾ پير صاحب کي گهٽ ۾ گهٽ ٽي ڏينهن پنهنجو مهمان ضرورر ڪنداسين.

اهي ٽي ڏينهن ڏاڍي مزي ۾ گذريا. پير صاحب جي ڏاڍي خدمت چاڪري ڪئي وئي، پوءِ اتان واپسي ۽ تي ڳوٺ وارن جون نذر ڪيل سوڪڙيون ڪٺي گڏهه تي سوار تي سوار ٿيوئي هو ته ٽئين ڳوٺ مان هڪ اجنبي شخص آيو ۽ پير صاحب کي پنهنجي ڳوٺ هلڻ جي دعوت ڏنائين. “ڀلي چند لمحن لاءِ ئي سهي ،پر پنهنجي بابرڪت وجود سان اسان جي ڳوٺ کي به عزت بخشيو.” پير صاحب وٽ هن اجنبي شخص کي انڪار ڪرڻ جو ڪو رستو ئي نه هو. اجنبي شخص گڏهه کي واڳ کان جهليو ۽ هڪ پاسي روانو ٿيو. آخرڪار هن

پير صاحب کي هڪ گهر جي دروازي تي پهچايو. جتي پير صاحب جي سامهون هڪ پير کان منڊي چوڪر کي پيش ڪيو ويو. پير صاحب جي هٿ لاهڻ جي دير هئي ،هو منڊو چوڪر چڱو ڀلو ٿي ويو ۽ هلڻ ۽ ڊڪڻ لڳو. جنهن کي ڏسي ڳوٺ جو هر ماڻهو خوشي ۽ ۾ تاڙيون وڄائڻ لڳو. انهئي ڳوٺ وارن به پيرصاحب کي پاڻ وٽ ٽن ڏينهن لاءِ مهمان رکڻ جو فيصلو ڪيو. جڏهن ٽي ڏينهن گذريا ،هن ڳوٺ وارن به پنهنجيون سوڪڙيون پير صاحب جي نذر ڪيون. جن کي پير صاحب قبول ڪيوءِ چيائين ته هو هن کي هن جي ڳوٺ تائين ڇڏي اچن. ڳوٺ وارا اهو چئي هن سان گڏ ٿيا . “اسان جي جان به اوهان جهڙي هستي ۽ تي نثار آهي. اسان اوهان کي اوهان جي گهر وارن جي حوالي ڪري ئي موٽنداسون. اسان لاءِ اوهان جي جان ڏاڍي قيمتي آهي.”

“مان توهان کي تڪليف ان ڪري ڏيان پيو جو، جئين ته اوهان کي خبر آهي ته اڄ ڪلهه رستا غير محفوظ آهن ۽ سفر ۾ راهزنن جي هٿان لٽجي وڃڻ جو ڀوءُ آهي ئي آهي. پير صاحب سبب ٻڌائيندي چيو.

“اوهان سچ ٿا چئو. ماڻهو اغوا ٿيو وڃن. حڪومت به هن وبا جي تدارڪ ڪرڻ ۾ بي وس ٿي ڏسجي.” پير صاحب فرمائڻ لڳو. “مونکي خبر پئي آهي انهن رستن تي ڏاڙيلن جا ٽولا بسن ،لارين کي روڪي امير مسافرن کي اغوا ڪندا آهن، پوءِ انهن جي مٽن مائٽن کان ڳريون رقمون گهرندا آهن. هڪ ڀيري ڏاڙيلن هڪ بس جنهن ۾ به پوليس وارا به سفر ڪري رهيا هيا کي روڪي هڪ شاهوڪار مسافر کي بس مان لهڻ لاءِ چيائون. جڏهن هن پوليس وارن کان مدد جي درخواست ڪئي ته خبر اٿوَ ته انهن پوليس وارن ڇا چيو؟ انهن چيو. “دفع ٿي.”

ميڙ ڪلڻ لڳو ۽ پير صاحب کي تسلي ڏيندي چيائون، “فڪر نه ڪريو توهان اسان سان گڏ آهيو، اسان توهان کي تڏهن ئي زمين تي پير رکڻ ڏينداسين جڏهن اوهان جو خانقاهه اچي ويندي..”

“مونکي شناس آهي ته توهان ڏاڍا بهادر ماڻهو آهيو. اوهان منهنجو ڏاڍو قدر ڪيو آهي ۽ مون سان ڏاڍي فياضي ۽ سخاوت سان پيش آيا آهيو.”

“ائين نه چئو اوهان اسان کي جان کان به وڌيڪ عزيز آهيو.” هو پير صاحب جي شان ۾ قصيدا پڙهندا ۽ ڪرامتن کي ساراهيندا رهيا.

“بيشڪ پوئين ڏينهن ۾ ،جيڪو به مون کان ٿيو آهي غير معمولي نوعيت جو حامل آهي، پر ڇا اهو ممڪن آهي ته هي سڀ ڪجهه محض منهنجي ئي ڪري ٿيو آهي؟”

“ڇا اوهان کي هن ۾ ڪو شڪ آهي؟”

“مان ڪو پيغمبر ته ناهيان جو هڪ هفتي ۾ ايترو باڪمال ٿي ويس. هي اوهان جي برڪت آهي جو مونکان اهڙيون ڪرامتون ٿيون آهن.

“ان ڳالهه مان اوهان جو ڇا مطلب آهي؟”

“اهوئي ته اوهان ڳوٺ وارا ئي ان جو واحد سبب آهيو.

“اوهان کي اهو ڪنهن ٻڌايو؟” هو هڪ ٻئي ڏانهن نهاري پٽڪيا.

“اهو سڀ اوهان جي اعتقاد جي ڪري ئي ٿيو آهي.” پير صاحب ڏاڍي اعتماد سان تقرير ڪندي

چيو “اعتقاد جي ئي ڪري اوهان اهو سڀ ڪجهه حاصل ڪري سگهيا آهيو. اوهان کي خبر ناهي ته هڪ مومن جي سيني ۾ ڪيڏي وڏي طاقت پوشيده هوندي آهي. عقيدو هڪ طاقت آهي. منهنجا عزيزو ڪرامتون ته توهان جي سيني ۾ پوشيده آهن، جئين پاٽي پهاڙن ۾، ۽ عقيدي جي ڪري ئي هو چشمي جي صورت ۾ وهي سگهي ٿو. پير صاحب پنهنجي تقرير زور و شور سان جاري رکي ۽ ٻڌندڙ پنهنجا مٿا ڌوڙيندا رهيا. پير صاحب پنهنجي تقرير ۾ جذباتي ٿيندو ويو ۽ هن اهو محسوس ئي ڪو نه ڪيو ته هن سان گڏ ايندڙ هڪ هڪ ڪري هن جو ساٿ ڇڏيندا رهيا آهن. هن کي ته تڏهن خبر پئي جڏهن هو خانقاهه جي حد ۾ داخل ٿيو ۽ گڏهه تان لهي زمين تي پير رکيائين. جئين ئي هو ڳوٺ وارن کي شڪريو ادا ڪرڻ لاءِ مڙيو ته هتي ڪنهن به ڳوٺاڻي کي موجود نه ڏسي حيران رهجي ويو.

هن جي حيرت ان وقت ختم ٿي جڏهن هن پاڻ کي گهر وارن ۽ مريدن جي گهيري ۾ ڏٺو. هن جا مريد هن جا هٿ چمڻ لڳا، انهن جي اکين مان شڪر جا لڙڪ وهي رهيا هيا. انهن مان هڪ پير سن پير صاحب کي پاڻ سان چنبڙائيندي چيو. “شڪر آ، اوهان خيرن سان واپس اچي ويا آهيو. انهن پنهنجو وعدو پورو ڪيو. انهن اوهان جي بدلي ۾ جيڪا رقم ورتي آهي، ان کي ته ڪڏ ۾ وجهو. اوهان اسان جي لاءِ هر مال و دولت کان وڌيڪ آهيو.

رقم جي لفظ تي پير صاحب چرڪيو ۽ پڇيائين، “ڪهڙي رقم؟”

“جيڪا اسان ڏاڙيلن کي ڏني آهي.”

“ڪهڙا ڏاڙيل؟”

“جن اوهان کي اغوا ڪيو هوا ڳ ۾ ته هو ڏهن هزار پوندن کان گهٽ وٺن تي راضي ئي نٿي ٿيا، چون پيا ته اوهان ته سون ۾ تورڻ لائق آهيو. آخر ڏاڍي منٿن کان پوءِ اڌ رقم تي راضي ٿيا. اسان پنج هزا پوند اوهان جي عيوض ۾ ادا ڪيا آهن.

“پنج هزار پوند !. . . .” پير صاحب حيران ٿي رڙ ڪئي. “۽ اهو به منهنجي عيوض ۾؟ انهن اوهان کي ٻڌايو هو ته مونکي اغوا ڪيو ويو آهي؟”

“ها اوهان جي غائب ٿين ٽن ڏينهن کان پوءِ ڪجهه ماڻهو آيا ،۽ چيائون ته ڏاڙيلن جي هڪ ٽولي اوهان کي اغوا ڪيو آهي. انهن ڌمڪي ڏني ته جيڪر اوهان جي عيوض ۾ رقم نه ڏني وئي ته هواوهان کي ماري ڇڏيندا. باقي ڏيڻ جي صورت ۾ اوهان کي سلامتي ۽ سان موٽائي ڏيندا.

پير صاحب انهن لفظن تي غور ڪيو ته سڄو واقعو هن جي اڏو فلم وانگر هلڻ لڳو.

“ها. سڀ واقعات گواهي ڏئي رهيا آهن. پير صاحب پٽڪيو. “هوپوين پساهن ۾ مائي ۽ پوڙهو، هو منڊو چوڪر، جيڪي منهنجي عمل سان نيڪ ٿيا هيا. ڏاڍا ڪي چالاڪ هيا هو ڳوٺاڻان.”

“الله جو شڪر آهي ته اوهان خيرن سان واپس آيا آهيو. انهن اوهان کي ڪا تڪليف ته ڪونه ڏني؟”

“نه ،تڪليف ته ڪابه نه ڏنائون بلڪ انهن ته منهنجي هٿان اهڙيون ڪرامتون ڪرايون آهن. اهڙيون ڪرامتون جيڪي ڏاڍيون مهانگيون پيون آهن.” ■

ڪاواڪچ

شبنم شميم

هو پاورٽي تي سندس دوست کان ڪلاس وٺڻ لاءِ اسڪائپ تي آن لائين ٿي، ان کان اڳ جو سندس دوست آن لائن ٿئي، سندس چيٽ اسڪرين تي اسلام عليڪم جا لفظ نمودار ٿيا. نظرون، موڪلڻ واري جي نانءُ تي پيس تہ حيرت ٿيس، سلام موڪلڻ وارو امر هيو، چار مهينن بعد آن لائن ٿيو هيو. شروع جي ڏينهن ۾ جڏهن آن لائن ٿيڻ بند ٿيو هيو، تہ هو ڪي ڏينهن پريشان ٿي هَئي، الاءِ ڇا ٿيو هوندو، جو امر آن لائن نہ پيو ٿئي، ڪٿي پرديس ۾ بيمار تہ نہ ٿي پيو آهي؟، وغيره وغيره، پر پوءِ جو آفيس جي ڪمن ۾ مصروف ٿي، تہ وسري ويس جو هو آن لائن نہ پيو ٿئي، پر اڄ چار مهينن بعد آن لائن ٿيو، تہ کيس خوشي ٿي، جواب ۾ بجاءِ وعليڪم سلام چوڻ جي مٿس چڙهت ڪيائين .

”زنده آهين، مون سمجهيو پئي تہ شايد مري ويو هوندين؟“

”ها تو تہ دعائون پي گهريون هونديون تہ شل مري، ائين نہ؟“

”مرڻ جي دعائن لاءِ فرصت نہ هيم، پر شڪر ضرور ڪيم تہ جان ڇٽي.“

”دل ٽوڙي ڇڏيئي ظالم.“

”...“

”مان اڃان تائين انتظار ۾ آهيان، گل.“

”ڇا جي انتظار ۾؟.“

”تنهنجي جواب جي انتظار ۾.“

”اڇا ڇا پئي ڪيئي هيترا ڏينهن، نہ دعا نہ سلام، ياد بہ نہ ڪيئي؟“

”ڪوڙ ناهي. جتي هيس اتي جاءِ هئي نہ پکي جي، نہ پرندي جي، نہ وري رابطي جي گنجائش ۽ ياد تہ اتي سواءِ خدا جي ذات جي ٻيو ڪير بہ نہ هو.“

”نہ سمجهيس.“

”خلائي شٽل تي هئس يار.“

”چرچا نہ ڪر.“

”ڳالهہ نہ ٽار نہ، جواب ڏي مان ڪڏهن کان انتظار ۾ آهيان. تو وٽ رحم نالي جي ڪا شي آهي بہ يا نہ؟ ڪٿي سيني ۾ دل بجاءِ پٿر رکيو تہ نہ پئي هلين؟“

”جيئن سمجهہ، باقي ڇو اڃي مون پٺيان پيو آهين؟“

”يار پٺيان کهڙو پيس، تو اڳيان سڌي ڳالهہ رکي اٿم شادي جي.“

”ڇو پنهنجي برادري ۾ ڇوڪريون کٽيون اٿئي جو مون پٺيان هٿ ڌوئي پيو آهين.“

”بس دل جو توتي آئي آهي نہ.“

”نہ ٿو ڇپيم گهر ۾ مڙس جو بار کڻڻ.“

”زن مريد ٿيندو مان.“

”سڀ مرد شادي کان اڳ ائين ئي چوندا آهيو، هيڏانهن شادي ٿي نہ هوڏانهن اکيون ڦيرڻ ۾ ويرم ئي ڪانہ.“

”ڇڏي وٽ پلي، ميمڻ مڙس زن مريد هوندا اٿئي، هاڻ تہ ها ڪر پلا پيرين پوانءِ.“

”نہ، نہ نہ، روح جي آسمان تان بادل اٿندي محسوس ڪيائين، تہ نڙاڪ سان سائن آئوٽ ٿي، مٿو ٽيبل تي رکي سڏڪن ۾ پئجي وئي، ’امر، معاف ڪجانءِ مون کي منهنجي انڪار تي.‘ پر توکي ڪيئن ٻڌايان، تہ پنهنجي ٻارنهن سالن جي ڪيريئر ۾ اموشنس Emotions ۽ پيار جي نانءُ تي مون ايترا تہ دوکا کاڌا آهن، جو روح جي سرزمين تان ويساهہ جو وڻ سڪڻ لڳو آهي، توکي انڪار ڪري گهٽ ۾ گهٽ خوشفهمي جي دوکي ۾ ئي سهي، مان ويساهہ جي سڪندڙ وڻ کي وري ريج ڏيڻ گهران ٿي، ان اميد تي، تہ ٻيائي جي هن جهان ۾ اڃان ڪوئي تہ آهي، جيڪو اڄ بہ ڪائي ڪچ بدران پيار جا سچا موتي آچي پيو.“ ■

مور مغيري

نيڻ برسات وانگي وسن ڏوليا
راهہ تنهنجي پيا ٿا ڏس ڏوليا
ياد آئي پراڻي وري رات سا
چنڊ تارن سان هو جو مگن ڏوليا
هير ٿڌڙي پرهہ جو پهر بانورا
ها اچي ڪر سڄو تر چمن ڏوليا
ڪاش رونق وري ساڳي موٽي اچي
شال اوطاقون ٻيهر مچن ڏوليا
دل چوي ٿي سڄو جڳ مهڪي پوي
دوست انسان ٿي سڀ رهن ڏوليا
’مور‘ ماکي مکڻ، ڪير جت کٽ ملي
سنڌ اهڙو هجي ڪو وطن ڏوليا. ■

امين پٽو

نہ مينهون، نہ ميهار ويران ٻيلو
مهاڻيون، سڪل نئي، ٻنا ۽ ٻتيلو
هليو تنهنجي ويندس شهر مان پرينڙا
اڪيلو اڪيلو، اويلو اويلو
ڇٽيل پن هوا تي پيا گيت ڳائين
پريان کو وڃي پيو اڪيلو اڪيلو
پرين هڪڙي پاسي اسان ٻيئي آهيون
۽ ٻي پاسي آهي سمورو قبيلو

*

تو بہ نهاريو ڪون دري مان ڇا جي لئہ
گذران ها پوءِ آئون گهٽي مان ڇا جي لئہ
ڪو بہ ستارو هاڻي پنهنجو ناهي رهيو
نڪري ٻاهر چنڊ ندي مان ڇا جي لئہ
پوپٽ آهن پاگل تن کي کهڙي سُڌ
خوشبو ڪيڏانهن ويندي ڪلي مان ڇا جي لئہ
هڪڙي وڻ سان آهي پکيءَ جو ياراڻو
وڻ ٿيندو بيزار پکيءَ مان ڇا جي لئہ
هڪڙو هو سانول سو بہ رٺل رٺل آهي
وار ڪيان آزاد سڳيءَ مان ڇا جي لئہ؟

*

جتي پي ٿيو ڪٺ ندين جو قصو
اتي ٿيندو تنهنجي اکين جو قصو
نٿن کي وساري وڃي جنگ جوٽيو
ڇڏيو يار هاڻي سڳين جو قصو
شهر جي پريان ڳوٺ هو زندگي
نہ ڇيڙيو وڻن ۽ پکين جو قصو
نوان ساز ڇيڙيو، نوان گيت پڻ
پراڻو ويو ٿي پرين جو قصو
هو رولاڪ راتيون ڪهاڻيون ٻٽيون
ويو رهجي آ ڪٽ ڳلين جو قصو.

*

جڏهن آئون گذريس ٿي گهٽي مان
دوناليون تو هٽي ڪيون دري مان
ويو هو رات ڏاري چنڊ هاري
اسان چورائي چانڊوڪي ندي مان
مسافر ڏينهن ٺاري وڻ ڇڏي ويو
ائين ويندو رهيو هو زندگي مان
جڏهن کان ڇوڪري تنها ڪيو اٿس
هلي رونق وئي آ ڇوڪريءَ مان
بدن مان چانڊني چمڪي رهي آ
وري وهنجي آ نڪتي روشني مان. ■

حسيب ڪانڀيو

ڪراچي

هُوءَ سمونڊ جي ڪناري تي ويٺي آهي ۽ سمونڊ کي ڏسي رهي آهي. هن جون اکيون اٿاهه سمونڊ ۾ ڪتل آهن. هُوءَ ڏاڍي اداس آهي، هُوءَ ڏاڍي نراس آهي. مايوسي وچان هن جا ڳوڙها ڳڙي رهيا آهن. هُوءَ روئي رهي آهي.

گهڻو عرصو اڳي، هُوءَ سمونڊ جي ڪناري تي اچي ويٺي هئي. هون کي سمونڊ سان چاهه ٿي ويو هو. هُن ننڍڙي لاءِ کان ئي پنهنجيون اکيون سمونڊ سان ئي اٽڪائي ڇڏيون هيون، ۽ اتي ئي ديرو ڄمائي ڇڏيو هو. هُوءَ ڏاڍي معصوم هئي. هُوءَ ڏاڍي امن پسند هئي. پکي، امن جي نشاني ٿيندا آهن، سو شروع کان وٺي هن کي پکين سان ڏاڍي پريت هئي. هُوءَ روز پکين کي داڻا ڏيندي هئي. پکي روز ايندا هئا ۽ داڻا ڪائيندا هئا، هيءَ امن جي پکين کي ڏسي ڏاڍي خوش ٿيندي هئي. اهو سندس روز جو معمول هوندو هو.

اهو معمول ڪجهه عرصو هلندو رهيو، پر پوءِ اوچتو ڪي اهڙا ڏينهن آيا، جو آهستي آهستي ٿيندا سڀ پکي غائب ٿي ويا. هُن کي اها ڳالهه سمجهه ۾ ئي نه آئي ته، پکين کي آخر ڇا ٿي ويو ۽ اهي ڪيڏانهن غائب ٿي ويا! جيئن جيئن پکي گهٽبا ٿي ويا، تيئن تيئن هُوءَ اداس ٿيندي ٿي وئي. نيٺ هڪ ڏينهن اهڙو به آيو جو هُن وٽ ڪو به پکي نه آيو. هُن کي ويتر اداسي ورائي وئي. هُن داڻا پکيڙي دير تائين پکين جو انتظار ڪيو. پر ڪافي دير تائين ڪو به پکي نه آيو. هُوءَ ڏاڍي اُٻاڻڪي، ڏاڍي اداس ٿي وئي. نيٺ هن جي ڪنن تي اها خبر پهتي ته ڪو وڏو مانگر مڇ نروار ٿيو آهي، جيڪو ڏينهون ڏينهن ماڻهن کي ڳڙڪائيندو ٿو وڃي! انهي مانگر مڇ جي دهشت جي ڪري معصوم پکي ڏور اڏامي ويا آهن. هن جڏهن اها افسوس جهڙي ڳالهه ٻُڌي ته هن جي لاءِ امن جا پکي خواب بڻجي ويا! هن جڏهن مانگر مڇ جي وحشت ۽ دهشت جون ڳالهيون ٻُڌيون ته کيس به خوف ورائي ويو. هُوءَ هاڻي سوچڻ لڳي ته هاڻي ڪير انهي خونخوار وحشي مانگر مڇ کي ماريندو! جو روز معصوم ماڻهن کي ڳڙڪائيندو ٿو وڃي! ڪير انهي وحشي جي ڦهلايل دهشت کي ختم ڪندو، جو امن جا اڏامي ويل پکي وري واپس هتي مون وٽ موٽي ايندا ۽ اچي منهنجا ڇٽيل داڻا چُڳندا! هُوءَ ڏاڍي حسرت وچان انهن داڻن ڏي ڏسي رهي هئي، جيڪي هن امن جي پکين جي لاءِ اڇلايا هئا! انهن داڻن ڏي ڏسندي ڏسندي هن جون معصوم ۽ اداس اکيون پرجي آيون هيون. هن جا ڳوڙها اڃان ڳڙڻ وارا ئي هئا، پر هن جي ڳوڙهن جي ڳڙڻ کان اڳ هڪ شخص وٽس آيو ۽ هن جي مٿي تي پنهنجو شفقت ڀريو هٿ ڦيري وراڻيو، "تون اداس نه ٿيءُ! ؟ آئون انهي مانگر مڇ کي ماري ڇڏيندس. آئون انهي وحشي مانگر مڇ جي ڦهلايل دهشت کي ختم ڪري ڇڏيندس." انهي بهادر ۽ بُردبار شخص کيس چيو، "تون گهبراءِ نه. امن جا اهي پکي وري تو وٽ موٽي ايندا. ۽ تنهنجا هي اڇلايل داڻا اچي چُڳندا."

اهو ٻُڌي، هُن جا ڳوڙها، ڳڙڻ کان اڳ ئي اگهجي ويا. هُن اکيون مٿي کڻي انهي شفيق شخص ڏانهن نهاريو.

"آئون مورڙو مير بحر آهيان." انهي غيرتمند ۽ حوصلامند شخص وراڻيو، "اهو مانگر مڇ، روز منهنجا ئي ڀاءُ ڳرڪائيندو ٿو وڃي."

هُن پنهنجو لٽل منهن پنهنجي گوڏن تي رکيل ٻانهن تي رکي ڇڏيو ۽ پنهنجيون اکيون اڇلايل داڻن ۾ کُپائي ڇڏيون.

مورڙو مير بحر هليو ويو. ۽ وڃي انهي وحشي مانگر مڇ کي مارڻ جي لاءِ اٽڪلون سوچڻ لڳو. مورڙو ميربحر ڄاڻندو هو ته انهي خونخوار مانگر مڇ جي ٻاهرين کل ڏاڍي سخت ٿيندي آهي، سو انهي تي هن جو ڪو به ڏڪ اثر ڪونه ڪندو! هن وٽ ڪو به اهڙو اوزار، هٿيار اهڙو نه هو، جنهن سان هُو انهي مانگر مڇ کي ٻاهر کان ئي ماري سگهي ها! اهو سوچي سوچي پوءِ نيٺ هُن اهو ڄاتو ته، انهي مانگر مڇ کي اندر کان ئي ختم ڪرڻو پوندو! ٻي صورت ۾ اهو ڪڏهن به ختم ٿي نه سگهندو ۽ جيڪڏهن انهي مانگر مڇ کي ختم نه ڪيو ويو ته اهو هڪ هڪ ڪري اسان سڀني کي ئي کائي ختم ڪري ڇڏيندو! مانگر مڇ کي اندر کان ئي مارڻ جو طئه ڪري هُن ڇا ڪيو جو هڪڙو لوهي سيخن وارو پڃرو جوڙايو، جنهن جي چوڌاري لوهي ڪُنڊا لڳل هئا. پوءِ هن انهي لوهي پڃري سان هڪڙي ڊگهي سنگهر ٻڌي ۽ پاڻ انهي پڃري جي اندر ويهي رهيو! پوءِ هن ٻين کي چيو ته، "هاڻي اوهان مون کي پاڻي جي اندر مانگر مڇ ڏي اڇلايو، ۽ پوءِ آئون جڏهن هن سنگهر کي لُڏايان، ته پوءِ اوهان هڪدم ڇڪي ٻاهر ڪيجو."

اهڙي طرح مورڙي مير بحر پنهنجي جان جي بازي لڳائي ۽ مانگر مڇ جي وات منجهه هليو ويو. مانگرمڇ مورڙي ميربحر کي پنهنجو شڪار سمجهي، سندس ڀيرين پائرن جيان کيس به ڳڙڪائي ويو. مانگر مڇ جي پيٽ ۾ وڃي مورڙي مير بحر، سنگهر کي لوڏيو. سگهر جي لُڏڻ تي ٻاهرين کيس وڏي طاقت سان ڇڪي ڪِهلي ٻاهر ڪيو! اهڙي طرح مورڙي مير بحر سان گڏ اهو وحشي مانگر مڇ به ٻاهر ڪِهلجي آيو ۽ پوءِ آساني سان مارجي ويو.

منگرمڇ جو مئو، ته انهي جي وحشت ۽ دهشت به انهي سان گڏ ئي مري وئي. ۽ هوءِ، جيڪا ڪافي دير کان امن جي پکين جي انتظار ۾ پنهنجيون اداس اکيون اڇلايل داڻن ۾ کُپائي ويٺي هئي، تنهن ڏٺو ته پکي وري وري آيا، ۽ سندس اڇلايل داڻا چُڳڻ لڳا. هن جڏهن پکين کي وري داڻا چُڳندي ڏٺو ته باغ بهار ٿي پيئي. هن جي مُنتظر اکين جا سارا تڪ لهي ويا. هُن جي اداس چهري تي مُرڪون موٽي آيون. هن زندگي جي معراج جهڙو مُسڪرايو ۽ پوءِ وري سمونڊ جي اٿاهه گهرين ڇولين ۾ وڃائجي وئي. اها تڏهن جي ڳالهه آهي، جڏهن هُوءَ تمام ننڍڙي هئي. اهو سندس ننڍپڻ جو واقعو آهي.

هُن کي سمونڊ سان ازلي عشق هو، سو وقت گذرندو رهيو ۽ وقت سان گڏوگڏ هُن جو چاهه به چوٽ چڙهندو ويو. سمونڊ سان سندس عشق، جڏهن آهستي آهستي عروج تي پهچي ويو، تڏهن اهو سمونڊ به ڇٽڪ سندس سيني ۾ سمائجي ويو. هُوءَ سمونڊ جي ڪناري تي ويٺي ويٺي، سمونڊ جي اٿاهه گهراين کي گهوريندي گهوريندي پاڻ به سمونڊ ٿي وئي. هُوءَ سمونڊ جي ڪناري تي هڪ ٻيو سمونڊ بڻجي پئي. ۽ اهڙي طرح سمونڊ، سمونڊ سان روبرو ٿي ويو. سمونڊ، سمونڊ سان دوبدو ٿي ويو! سمونڊ، سمونڊ کي گهورڻ لڳو.

هُوءَ جوان ٿي ته ٻيهرين کان به وڌيڪ حسين ٿي پئي! هُوءَ جوان ٿي ته ٻيهرين کان به وڌيڪ معصوم ٿي پئي. پر سندس بدقسمتي اها، جو هُوءَ جيئن ئي جوان ٿي، ۽ سندس حُسن نکريو، تيئن انهن ئي ڏينهن ۾ هڪ ڀيرو وري آهستي آهستي تي اهي پکي غائب ٿيڻ لڳا، جن کي هو روز داڻا اڇلائي ڏيندي هئي: ۽ اهي روز سندس داڻا چُڳندا هئا. انهي ڳالهه تي هُوءَ هڪ ڀيرو وري ڏاڍي اداس ٿي وئي. پريشان ٿي وئي. آهستي آهستي ٿي جڏهن هڪ به پکي باقي نه رهيو ۽ هُوءَ جڏهن پکين جو انتظار ڪري ڪري ٿڪجي پيئي ته کيس اهو ئي پنهنجي ننڍپڻ وارو واقعو ياد اچي ويو ۽ کيس ٻنا ٻُڌائڻ جي ئي خبر پئجي وئي ته، وري ڪو وڏو مانگر مڇ نروار ٿيو آهي، جيڪو ڏينهون ڏينهن ماڻهو ڳڙڪائيندو ٿو وڃي. انهي ئي وحشي مانگر مڇ جي دهشت جيڪري امن جا پکي وري ڏور اڏامي ويا آهن. پوءِ کيس انهي ئي ياد سان سلهاڙيل اهو مورڙو ميربحر به ياد اچي ويو، جنهن پنهنجي جان جي بازي لڳائي، انهي وحشي ۽ خونخوار مانگر مڇ کي ان جي اندر کان قابو ڪري، ان کي ماري مات ڪري ڇڏيو هو. ۽ پوءِ انهي وحشي جي دهشت ختم ٿي وئي هئي. ۽ امن جا پکي وري وٽس موٽي آيا هئا ۽ داڻا چُڳڻ لڳا هئا. اهو سڀ ڪجهه ياد ايندي ئي کيس هڪڙي اميد پيدا ٿي ته اهو مورڙو ميربحر وري اجهو ايندو، هُو سندس مٿي تي پنهنجو شفقت ڀريو هٿ ڦيريندو ۽ آٿت ڏيندو ۽ پوءِ انهي مانگرمڇ کي ماري مات ڪري ڇڏيندو. اهڙي طرح، انهي وحشي جي دهشت ختم ٿي ويندي، امن جا پکي وري واپس موٽي ايندا ۽ اچي اڇلايل داڻا چُڳندا.

پر هاڻي هُن جي اها آس نراس ٿي رهي آهي. هُن جي اها اميد اجهامي رهي آهي، ڇاڪاڻ ته هُن جون اکيون هڪ وقت کان اداس آهن، هُن جو منهن هڪ مُدت کان لٽل آهي، هن جا ڳوڙها ڳڙي پيا آهن. هُن جو منهن پنهنجي گوڏن تي رکيل ٻانهن تي پيل آهي، هُوءَ ڪافي وقت کان پنهنجي اڇلايل داڻن ڏي ڏاڍي حسرت وچان گهوري رهي آهي، هن کي ڏاڍي شدت سان مورڙي ميربحر جو انتظار آهي، پر ڪافي وقت گذري وڃڻ جي باوجود به اڃان تائين مورڙو ميربحر نه آيو آهي.

سمونڊ جي ڪناري تي ويٺل، مورڙي مير بحر جي مُنتظر انهي معصوم، حسين، اداس ۽ غمگين ڳوڙها ڳاڙيندڙ جل پري جو نالو آهي، ڪراچي. ■

شعبان وسطڙو

نستا هٿ ۽ ٽٽل تارون...

تنبوري جي تار تي جڏهن فقيرن پٺائي سائين جا سُر آلاپيا، تڏهن من اندر عجيب قسم جي ڪيفيت طاري ٿي هئي ۽ فقيرن جو دلسوز آواز، 'اَلا... هو... اَلا هو... هو هو... اَلا...' پٺائي جي روضي سان ٽڪرائي ڪنن ۾ گونجار ڪندو رهيو. جهڙو فقيرن جي مڌ سان ڀريل سوز واري مٺي آواز تي منهنجا نيڻ ننڊاڪري ٿيندا ويا. ۽ آءٌ پٺائي جي آڳنڊ ۾ ٿنڀ کي ٽيڪ ڏيو ڪنهن مست مدهوش جيان فقيرن جي ڳايل ڪلام کي اندر منجهه اوتيندو رهيس. ۽ جڏهن انهن تنبوري جي تارن کي پنهنجين آڱرين سان جادوئي انداز آلاپيندا رهيا،

ٻَڌو ڪنهن ٻنڌاڻ، هِئڙو هوتائيءَ سين
ڪا جا پِيسَ ڪاڻِ، نبيريانس نہ نِبرِي.

ان وقت منهَنجي سامهون موهن جي دڙي جي ناچڻي ڏاڍي من موهيندڙ جلوي سان ظاهر ٿي جنهن جي پيرن ۾ نهايت ئي خوبصورت ڇير ٻڌل هئي. جڏهن هوءَ پنهنجا نرم ۽ نازڪ پدم جهڙا پير ڪٽيندي، وک وک سان ملائي سامهون ايندي رهي تڏهن سندس ڇيرجي ڇن ڇن جهڙي مڌر آواز تي آءٌ سڄو سراپجي ويس. هوءَ موهن جي دڙي جي گهٽين مان ٿيندي سامهون اسٽوپا واري دڙي تي چڙهي شاهه صاحب جي فقيرن جي ڳايل ڪلام ۽ سرندي جي سرن ۽ تنبوري جي تارن جي مدهوش آواز تي پنهنجي خوبصورت ۽ سندر جسم کي ور وڪڙ ڏيندي رهي،

ڪندا مون پيرين ۾، توڻي لک لڳن
اڱُر آڱوٺي نہ مِڙي، ڇپون، پير ڇنن
ويندي ڏانهن پرين، جتي جات نہ پائيان.

شاهه صاحب جي رَاڳين جي ڳايل ڪلام تي ناچڻي جي ساندهه ناچ مونکي جهڙو گهر ۾ سوگهو ڪري وڌو. پر هوءَ شاهه سائين جي سرن تي اهڙو تہ بي خود ۽ مست ٿي پئي جو ڪيس وقت ۽ ٽڪ جي ڪا لڪائي نہ رهي. آڪاش تي چمڪندڙ چوڏهين جي چندرما هُن جي جسم کي چاندي جي چمڪ ۽ ڪپهه جهڙي نزاڪت ڏئي ڇڏي هئي. ۽ هوءَ مسلسل وروڪڙ ڪائيندي رهي. هن جي ورن وڪڙن ۽ ڇيرجي ڇمڪي ۽ فقيرن جي دلسوز سُرن ۽ آلاپن ۾ موهن جو دڙو ٻَرڻ ۽ ٻُرڻ لڳو. آڪاش تي چنڊ جي چانڊاڻ ۽ ستارن جي جهرمر ناچڻي کي فوڪس ڪيو بيٺي هئي ۽ اهڙي منظر سڄي وايومنڊل کي مُنڊي وڌو هو.

ناچڻي جي ناچ تي ڪارونجهر جي ڪور ڪان سون جي تعداد ۾ آيل مور رقص ۾ شامل ٿي ويا. مورن پنهنجن سندر ۽ سهڻن پرن سان ناچ نچي اهڙو من موهيندڙ ماحول سجائي ڇڏيو، جنهن سموري محفل کي روشنيءَ جي ڇار ۾ ويڙهي ڇڏيو.

فقيرن جي سُرن ۽ مورن جي ٺهوڪڙن ناچڻي جي ناچ ۽ وڏيڪ حسن ۽ جمال ڀري ڇڏيو هو. سڄي محفل من کي سُرور ڏيندڙ ڪيفيت واري موسيقي سان سرشار ڪندي رهي. ناچڻي جي رقص جي وَرَن ۽ وراڪن ستن آسمانن جي تهن کي بہ ڌوڏي ڇڏيو. ۽ انهي جوش ۾ فقيرن بہ تنبوري جي تارن تي پنهنجي گرفت تيز ڪري ڇڏي. ۽ قدرت انهي منظر ۾ سمورا اندلثي رنگ ڀري ڇڏيا.

ڪن پل جي ساعت ۾ آڪاش بادلن سان جنجهي ويو. وڄ وراڪا ڪندي رهي. ڪنوڻ جي ڪڙڪاٽ ۽ گجگوڙ سموري وايومنڊل کي جهڙو سڪتي ۾ آڻي ڇڏيو. ۽ اوچتو هڪ دل ڌوڏيندڙ ڇيخ جيڪا آسمان جي ستن ئي پرندن کي ڇيريندي من کي ٽڪرا ٽڪرا ڪندي دور دور اماوس رات ۾ ڪاراڻ جي پولارن ۾ وڪرندي وئي. اهڙي آواز تي سڄي سنسار ۾ سڪتو ڇانئجي ويو. ۽ جنهن هر شيءِ کي مات ڏئي ڇڏي جنهن ۾ فقيرن جي تنبورن جو تارون ٽٽي پيون. مورن جا ٺهوڪڙا روڄ راڙي ۾ مٽجي ويا. ڪير جهڙي سفيد ناچڻي جي ٻانهن جي عاج وارا چوڙا ٽٽي پيا. ۽ پيرن ۾ ٻڌل گهنگهرو داڻو داڻو ٿي واءُ ۾ وکري پنهنجي سر ۽ آواز کي وڃائي ڇڏيو. ۽ موهن جي دڙي جي حسين ناچڻي جي سونهن ۽ سوڀيا مٽجڻ لڳي. ۽ سندس سهڻو جسم ڪاراڻ مائل ٿيندو رهيو. ڄڻ هوءَ زنگجي وئي هجي جهڙي ڪن پل ۾ ائين لڳو تہ هوءَ موهن جي دڙي واري اسٽوپا ۾ ڦاسي پئي هجي. سندس ساهه جي ڪُري نزديڪي سان ٻڌڻ ۾ پئي آئي. ڄڻ ڪو سندس گلو گهٽيندو هجي. ۽ هوءَ آخري هڏڪين ۾ هجي. ڪارونجهر ڪان آيل مور مرندا رهيا. ڄڻ ڪو هٿن سان سير وجهندو هجين ۽ موهن جي دڙي جي مٽي ۾ ڦٿڪندا رهيا. سندن سونهري ۽ رنگارنگي پر ۽ ڪنڀ آسمان تي اڏرندا رهيا. ڪين ڪو بہ بچائڻ لاءِ اڳتي وڌندي نہ ڏنم. تڏهن ڊوڙ پائي مون وڌڻ جي ڪوشش ڪئي. مورن جي سِسين مان ڦوهارا ڪري وهندڙ رت ناچڻي جي جسم کي ريٽو ڪندو رهيو.

آءٌ ڇرڪ ڀري تڏهن اٿيس. جڏهن امان جي هٿن مان شيشي جو گلاس ڇڏائجي فرش تي ڪري ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويو. تڏهن امڙ لائونج ۾ T.V ڏسندي رڙ ڪندي چيو، 'ظالمن وري ظلم ڪري وڌو ۽ سنڌين جي امن قافلي **سنڌ محبت ريلي** تي حملو ڪيو آهي.' امڙ جي آواز تي منهنجو ڏيل ڏڪڻ لڳو. تڏهن وڏي وڃي امڙ کي پاڪر ۾ ڀريم. سڄي نستي ۽ ساڻي ٿي پئي هئي. امان جي حالت خراب ڏسي مٿي تي هٿ رکي ڏنومانس جهڙي برف. ڪلهن ڪان ڌونڌاڙي ڇيومانس، 'امان، امان...'

نيم بيهوشي ۾ صرف اهو ڀڻڪندي رهي، "هي ڪانئر سڄڻ نہ ٿيندا. منهنجي ناچڻي کي رت ريٽو ڪري وڌو اٿن. منهنجا سمورا مور ڪهي ڇڏيا... اَلا ڇا ڪريان؟"

امڙ جي انهن لفظن منهنجي پوري وجود کي ڏڪائي وڌو. اکين کي مهٽيندي وري امڙ ڏانهن نهارڻ لڳس، "هي ڇا امڙ جيڪي ڳالهيون ڪري پئي سي تہ آءٌ..!!"

امڙ کي رڳي اهو چئي تسلي ڏنم، "امان ائين ڪونهي تون ٿورو هوش ڪان ڪم وٺ." ۽ ڇِرڪي وٺي ٻاهر ڀڳس. تڏهن در جي چوانئٽ ٽپنديَ امان کي ڳالهائيندي ٻڌو، "ڏس، پٺائي جي تنبوري جي تار بہ ٽٽي پئي اٿئي. ۽ فقيرن جا هٿ رت ۾ رنگجي ويا اٿئي."

آءٌ امان کي گهر ۾ اڪيلو ڇڏي لياري جي گهٽين ۾ پيرن اگهاڙو بي ڏوهي ۽ معصوم سنڌين جي لاشن کي لتاڙيندو اڳتي وڌندو رهيس. گولين جي برسات، هر طرف مسڪين ۽ غريب سنڌين جون آنهون ۽ دانهون ۽ هوڏانهن ظالمين جو ظلم. آئون اڳتي وڌندو رهيس. پر نڄاڻ ڇو منهنجا قدم ڳرا ٿي ويا. ۽ ڪن پل ۾ آئون هڪ هنڌ پنڊ پهڻ بنجي بيهي رهيس. جڏهن ڪرندڙ لاشن جي ڍير مان موهن جي دڙي جي ناچڻي هٿ ڪٽي مون کي الوداع چوندي هجي. ۽ آئون بيحال ۽ وائڙو ٿي يڪ ٽڪ انهي هٿ کي تڪيندو رهيس. نئين مان نيرن جا بند وهي پيا. بارود جي ڌپ ۽ گولين جي گوڙ ۽ ماڻهن جي دل ڏاڙيندڙ رڙين ۾ انهي اُين هٿن جي ٻانهہ ۾ پيل عاج جي چوڙين کي غور سان تڪيندو رهيس. ۽ تڏهن ڇرڪي ويس جڏهن پڪ ٿيم تہ اهو هٿ منهنجي ڀيڻ جو هو. ۽ مون اڳتي وڌڻ جي ڪوشش ڪئي. تڏهن لياري جي گولين جي گجگوڙ ۽ دونهين ورتل گهٽين ۾ شاهه جي فقيرن جو آواز ڪنين پيم،

اوهين سرتيون وڃون ڙي وڃولا...
منهنجو ڙي پيچ پنهون سين...

انهي آواز تي ڀيڻ جي ڪنيل هٿ تي نظر وڌم تہ اهو هٿ نبل، نستو ۽ ساڻو ٿي ڍرڪي ڌرتيءَ تي پٿارجي ويو هو. ■



رئوف ڪوسو

پاڙو

زندگي جي روماني تصور کي ياد ڪندي ڪڏهن ڪڏهن ، انسان زندگي کان وحشت ڪرڻ لڳندو آهي. مان پنهنجي آفيس چوهتر بيڊن روڊ کان لهي لڪشمي چونڪ ڏانهن ايندي اهو سوچي رهيو هئس، تہ اوچتو پٺيان ڪنهن گاڏي اچي مون کي ٽڪر هنيو، مان خالص شڪارپوري انداز ۾، رڙ ڪئي، ’ابوڙي.‘ ۽ انڪانپوءِ مون کي ڪوبہ، هوش نہ رهيو ۽ پوءِ جڏهن هوش آيو، تہ پاڻ کي اسپتال جي سفيد (اڇي) بستري تي ستل ڏٺم، مون ڏٺو منهنجي ٻانهن ۽ مٿي تي اڇيون پٽيون ٻڌل آهن، مون پنهنجي سامهون ڏٺو تہ هڪ سانوري رنگ جي، اڌ عمر واري نرس بيٺي آهي. مون هٿ جي اشاري سان انکي پاڻ ڏانهن، گهرائي پڇيو،

”سسٽر مان ڪاٿي آهيان ؟“

سانوري رنگ واري موٽيل عمر جي نرس مرڪي چوڻ لڳي، ”برادر، هن وقت توهين سروسز اسپتال لاهور جي سرجيڪل وارڊ ۾ داخل آهيو، ۽ توهان فڪر نہ ڪريو، معمولي زخم آهن، توهان سگهو نوبنو ٿي ويندا.“

”سسٽر، مون کي هتي ڪير ڪٺي آيو.“ مون سوال ڪيو.

”توهان کي هتي مشهور ڳائڻي زيبا ڪٺي هئي. هينئر اها جالب صاحب کي پڇڻ ويئي آهي. جو تہ جالب صاحب بہ سروسز اسپتال ۾ ئي داخل آهي، ۽ ميڊم زيبا سندس فين آهي.“ سانوري نرس وراڻيو.

مون کي ياد پيو تہ هوٽل مان نڪري لڪشمي چئونڪ ڏانهن ايندي ڪنهن گاڏي پٺيان، مون کي ٽڪر هنيو هو.

٭

شام جو هڪ ليڊي ڊاڪٽر سان گڏ هڪ اجنبي عورت، جنهن جي عمر ٽيهن- پنجٽيهہ سالن جي درميان هئي. منهنجي بستري ڏانهن آئي ۽ مون کي سلام ڪيائين، انڪانپوءِ ليڊي ڊاڪٽر مون کي تپاسڻ لڳي ۽ تپاسڻ ڪانپوءِ ان عورت کي مخاطب ٿيندي چيائين،

”مئڊم، نوجوان کي معمولي زخم آيا آهن، پر هن کي آرام جي سخت ضرورت آهي.“

ائين چئي ڊاڪٽر صاحبہ تہ هلي ويئي

اها عورت مون ڏانهن متوجه ٿي ۽ چوڻ لڳي،

”منهنجو نالو زيبا آهي مان فنڪاره ۽ رقاصہ آهيان، صبح بيڊن روڊ کان لڪشمي چونڪ ڏانهن اچي رهي هئس تہ منهنجي ڪار جا بريڪ فيل ٿي ويا ۽ گاڏي توهان کي اچي لڳي، مان توهان کي هتي ڪٺي اچي داخل ڪرايو ۽ پوءِ عوامي شاعر حبيب جالب کان پڇڻ ويئي هئس، جو تہ هو بہ هتي پرواري وارڊ ۾ داخل آهي.“

هن جو آواز ڏاڍو مٺو ۽ شڪل تمام خوبصورت هئس، هوءَ مهاندن ۾ اداڪاره انجمن جهڙي هئي. ان وقت منهنجي عمر هئي. هوءَ منهنجي ساهہ ۾ ٽنگجي وئي.

پوءِ هن مون کي اسپتال مان فارغ ڪرائي، پاڻ سان گڏ هلڻ لاءِ چيو.

ٽن ڏينهن ڪانپوءِ منهنجو پٽيون ڪليون تہ هوءَ منهنجي بيڊ جي پرسان اسٽول تي ويٺي رهي. هن جي ساهن جي سرهاڻ منهنجي وجود کي جڪڙي ڇڏيو هو. هن جي موجودگي منهنجي لاءِ پيار جي ڏڍ جو وڏو اتساهيندڙ جذبو جاڳي پيو هو. ۽ مون پاڻ کي عرش جي اتاهين تي محسوس پئي ڪيو.

”هلو، اسان وٽ هلو.“ هن وڏي پاپوهہ سان چيو.

”معنيٰ؟“ مون خوشي گاڏڙ حيران سان پڇيو.

”معنيٰ بعنيٰ ڪجهہ بہ نہ. اوهان کي مون سان گڏجي هلڻو پوندو. منهنجي چوڏاري چڻ ڪنٽهار ڪڙي پيا.

٭

آئون سندس نزاڪتن ۽ خوشبو بدن جي حصار ۾ هن جي وڏي ڪورولا گاڏي ۾ سوار ٿيس.

”اوهان پنهنجو نالو تہ ٻڌايو ئي ڪونہ؟“ هن نفيس ۽ مشاق نموني گاڏي هلائيندي مون کان پڇيو.

”شاهد.“ مون مختصر جواب ڏنو.

”ڳوٺ؟“

”آءٌ شڪارپور سنڌ جو آهيان.“

”اڙي واهہ. اوهين تہ ويجها ۽ پنهنجا نڪتا؟“

”سو ڪيئن؟“

”سنڌي ماڻهو ڏاڍا ملوڪ ۽ اندر جا اجرا. ۽ وفادار هوندا آهن؟“

”لاهور ۾ ڪيئن اچڻ ٿيو؟“

”هڪ انقلابي گروپ ۾ ڪل وقتي ڪارڪن آهيان.“

”چئبو تہ ادرشي آهيو؟“

”...“

”فائين آرٽ سان ضرور لاڳاپو هوندو؟“

”ڪي قدر.“ مون وراڻيو.

”آرٽ منهنجي پيدائشي ڪمزوري آهي،“

پوءِ هن ڪنڌ ڦيرائي مون ڏانهن ڏٺو ۽ اک هڻندي ۽ مرڪندي چيائين، ”خوب مستيون ڪنداسين هاڻ.“

ڪجهہ ڏينهن هن جي گهر ۾ آرام ڪرڻ ڪانپوءِ آءٌ پنهنجي نڪاڻي تي هليو ويس..“

هوءَ موبائيل فون تي مون سان لڳاتار رابطي ۾ هئي.

هڪ رات هن مونکي گهر گهرايو، هن مونکي پنهنجي ڪمري ۾ ويهاريو. هن جا وار آلہ هئا اڪيون خماريل ۽ ٽيبل تي قيمتي شراب جي بوتل پئي هئي. ان وقت هو پي رهي هئي.

هن هڪ وڏيڪ پيگ مون لاءِ ٺاهيو، پيئندي پيئندي هو بيخودي ڏانهن وڌندي ويئي.

”اوهان کي خبر آهي؟“ هن تڙڪندڙ چپن سان سوال ڪيو.

”ڪهڙي ڳالهہ جي؟“

”حادثي واري!!“

”نہ، نہ. ٻنهہ نہ؟“

”اوهان جنهن هوٽل مان ٻاهر نڪرڻ مهل لائونج ۾ ڪنهن ماڻهوءَ سان ڳالهايو پئي...“ هن هڏڪي ڏني. ۽ ڳالهہ اڌ ۾ ڪٽجي ويئي.

”...“

”ان وقت اوهانجي شخصيت ۽ گفتگو جو انداز منهنجي هانءَ ۾ پيهي ويو.“ هن جي زبان وڏيڪ ترڪڻ لڳي هئي.

”زيبا، آئون ايترو تہ...“

”هيري جي خبر جوهريءَ کي هوندي آهي. ڪاڻ ۾ پيل ڪوئلو، ٻاهر نڪرڻ ڪانپوءِ ئي پنهنجو اگهہ لڳرائي سگهندو آهي.“

”آئون تہ معمولي ماڻهو آهيان. هيءَ اوهانجي مهرباني ۽ نظر جو ڪرم آهي جو...“

”بس، بس.“ هن پنهنجو نازڪ هٿ منهنجي چپن تي ڏيئي ڇڏيو.

هن جي نازڪ ۽ خوشبودار نفيس هٿ منهنجي وجود ۾ بجليءَ جو ڪرنٽ ڊوڙائي ڇڏيو.

آئون پياڪ تہ هوس ئي ڪونہ. ٽن پئگن ۾ ئي آءٌ ٻاتاڙجي ويس. ۽ هن اهڙي بيخودي واري حالت ۾ منهنجي وجود ۾ جوالامکي پڙڪائي لذتن جي ڪائنات سان هم آغوش ڪري ڇڏيو.

زيبا جو مجرو ٻڌڻ لاءِ ڪيترائي ماڻهو ايندڙ هئا. پر مون محسوس ڪيو سواءِ منهنجي ٻئي هر ماڻهو جي اهميت زيبا جي ڪوٺي تي پئسن جي ڪري هئي.

جيستائين جنهن گراهڪ وٽ پئسا هوندا اوستائين سندس اهميت هوندي. هن جي ڪوٺي تي ڪيترن ئي قسمن جا ماڻهو ايندا هئاجن ۾ امير غريب سيني مذهبن سان لاڳاپيل سيٺ، زميندار، آفيسر مطلب تہ هر قسم جا، هر عمر جا ماڻهو ايندا هئا انهن ڏينهن ۾ اڪمل نالي هڪ منهنجي عمر جو نوجوان زيبا جي ڪوٺي تي اچڻ لڳو، هو زيبا جي ننڍي ڀيڻ نيلي جو عاشق هو.

اڪمل نوٽن جا ٿيلا ڀري ايندو هو تہ نيلي وڏي ناز ۽ انداز سان اڪمل سان پيش ايندي هئي. ۽ جڏهن پئسا ختم ٿيندا هئس تہ اڪمل سان دلبرا نہ انداز م غربت جا قصا ڇيڙيندي هئي. اڪمل بيقرار ٿي ڳوٺ ويندو هو ۽ ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ وري نوٽن جا ٿيلا ڪٺي ايندو هو. ڪوٺي تي ايندي اڪمل جي مون سان دوستي ٿي ويئي.

هو ڏکڻ پنجاب جي هڪ زميندار گهراڻي جو اڪيلو پٽ هو ۽ طبيعت ۾ انتهائي مهربان ۽ فضيلت وارو نوجوان هو. هڪ ڀيري اڪمل ضد ڪري مونکي پنهنجي ڳوٺ وٺي ويو.

ڪجهہ ڏينهن مان سندس اوطاق تي رهيس. هڪ ڏينهن صبح جي ٽائيم، جڏهن اڪمل ڪنهن ڪم سان ويل هو. تہ حويلي مان سفيد لباس پاتل هڪ وڏي عمر جي عورت نڪري سڌو مون ڏانهن آئي. ۽ منهنجي سامهون ڪرسي تي ويهي چوڻ لڳي،

”پٽ شاهد، مان اڪمل جي ماءَ آهيان.“

”...“

”پٽ، اڪمل گهڻو خراب ٿي ويو آهي. ٻڌو اٿم لاهور ۾ ڪنهن عورت جي چڪر ۾ اڙجي پيو آهي. ۽ زمينون وڪڻي نوٽن جا ٿيلا ڀري لاهور اچي وڃي ٿو. ۽ اتي سڀ پئسہ ڪپائي، وري زمينون وڪڻڻ ڳوٺ اچي ٿو. ۽ زمينون ڪپائي وري لاهور اچي ٿو. سو پٽ توهان دوست آهيوس. ڪيس سمجهايو.“

مان اڪمل جي ماءَ جي ڳالهہ ٻڌي خاموش رهيس.

پوءِ جڏهين اسان لاهور موٽي آياسين تہ، مون نيلم بجاءِ زيبا سان ڳالهائڻ جو فيصلو ڪيو ۽ هڪ رات جڏهين

اسين ٻئي هڪ پلنگ تي گڏ ستا پيا هئاسين . تہ مون زيباجو دلبري وارو موڊ ڏسي اڪمل جي ڳالهہ چوري ۽ چيومانس،

”اڪمل ماءَ جو اڪيلو پٽ آ ۽ چوروپار آ، هو زمينون وڪڻندو ۽ تباه ٿيندو پيو وڃي، تون ان کي روڪ تہ ڪوني تي نہ اچي، ”منهنجي ائين چوڻ تي ڇڻ زيبا کي وڇئون ڏنگ هنيو هجي. هو سٽ ڏيئي پلنگ تي اٿي ويٺي ۽ چوڻ لڳي،

”ڪوٺو اسان جو دڪان آ، ۽ هتي ايندڙ هر ماڻهو اسان جو گراهڪ آهي پئسہ ڏي ٿو جسم وٺي ٿو، جيستائين پئسہ هوندس، اڪمل ايندو پئسہ ختم ٿيس هن جو ڪوٺي تي اچڻ پنهنجو پاڻ بند ٿي ويندو ۽ توسان دل جو سودو آهي. تون جواني ڏين ٿو، مان توکي جسم ڏيان ٿي.“ ائين چئي هو منهن ٻئي طرف ڪري ڇڏيو.

مان صبح جو سوير جڏهن زيبا جي ڪوٺي تان واپس وڃي رهيو هئس، تہ هيرا منڊي جي ڪوس گهر وٽ هڪ وڏن مڇن ۽ سخت منهن وارو ڪاسائي هڪ ننڍڙي پاڏي کي ڪهي رهيو هو. پاڏي جي گچي تي ڪاتي وهندي ڏسي مون پاڻ کي ۽ اڪمل کي ڪاتي هيٺيان آيل پاڏو ئي سمجهيو. ■

شير هاليپوٽو

نظم

هتي بي حسي جو بٽيو راڄ آهي
پڇين ٿو زمانا تڏهن ٿو ٻڌايان
هتي ئي اڪيلا بٽيا ٺهڪ آهن
سڄا ڳوٺ سڏڪن ۾ ساٽا ٿيا
شرافت جو اوڇڻ ٿيو ليڙ ليڙ
جي آڳر ۾ پن ڇن جي موسم وري
تہ نفرت ئي ماٺيو عروج
سڪونن ۾ خلل ڇڇورا وجهن ٿا
غزل شاعرن کي لکڻ کان ٿا روڪن
۽ مٽي چمڻ کان ٿا روڪين
چون ٿا خيالي اهي ٺهڪ آهن
حقيقت بهارن سندا رنگ آٽي تي نيٺ
وڇن ديس ساڻ پاڙي ڇڏي تي
نوان حوصلا دل تہ ماٺي ڇڏي تي
۽ وک وک تي خشبو وکيري ڇڏي تي
امن ۽ پيار جو ڪو نياپو نرالو ٿي ارپي
سچي سونهن جو ڪو نياپو ٿي ارپي
اجاڙيل مهاندن تي مرڪون نچن ٿيون. ■

رئوف ڪوسو

مست توڪلي ماڻهو...

ان وقت مان، سبيءَ ۾ ڪنهن ترقياتي اداري ۾ ڪم ڪندو هئس. هڪ ڏينهن اوچتو اداري جي مرڪزي ڪو آرڊينيٽر جو لاهور مان اي ميل آيو، جنهن ۾ لکيل هو، ”مان جلدي لاهور پهچان ۽ اتان هڪ يونان جو ٻہ رڪني وفد ساڻ ڪٺي بلوچستان اچان، جن کي بلوچستان اندر هڪ ضروري اسٽڊي ڪرڻي هئي.“

تڪڙ ۾ سبي کان ڪوئٽا ايئرپورٽ آيس. اتان باءِ ائير، ڪراچي واري رستي، لاهور پهتس. جتي حبيب ميموريل بلڊنگ ۾ عرفان ٻن غير ملڪي مهمانن، مسٽر ٿامسِ ۽ ليزلي سوڌو منهنجو منتظر هو. ٿامس ۽ ليزلي تقريباً هم عمر هئا. هنن جي عمر چاليهن سالن جي لڳ ڀڳ هئي. رات جي ماني تي عرفان، ٿامس ۽ ليزلي جو مون سان تعارف ڪرائيندي چيو،

”مير شهڪ.“

هن چيو، ”ٿامس ۽ ليزلي سائوٿ ايشيا ۾ رهندڙ نسلن جي مذهب متعلق روين تي هڪ اسٽڊي ڪري رهيا آهن. ايران کان ٿيندا هتي اسان وٽ پهتا آهن. بلوچستان ۾ هي ڪوئٽا ۽ ڪولهو ڪاهان جا علائقا ڏسڻ چاهين ٿا ۽ اتان جي ماڻهن سان ملڻ چاهين ٿا. توهان کي اسان بلوچستان ۾ ٿامس ۽ ليزلي جو ميزبان چونڊيو آهي.“

”بلوچستان ۾ ڪجھ عرصي کان حالتون خراب آهن.“ مون عرفان سامهون ساڳي ڳالهہ رکي. پر ٿامس ۽ ليزلي ذهني طور تي بلوچستان اچڻ جو فيصلو ڪري چڪا هئا. ٻئي ڏينهن تي هوائي جهاز جي ذريعي ليزلي، ٿامس ۽ مان ڪوئٽا پهتاسين. جتي لياقت مارڪيٽ ۾ اسان ڪنهن هوٽل ۾ رهياسين.

ٻئي ڏينهن ناشتي جي ميز تي جيئن ئي مان ٿامس ۽ ليزلي آياسين تہا خبار ۾ دل کي ڏاريندڙ هڪ خبر اسان جي منتظر هئي، ’ايران کان موٽندڙ زائرين جي بس تي هڪ خودڪش حملو ڪيو ويو. جنهن ۾ ڪوئٽا جي حدن ۾ سترنهن عقيدتمند مسافر مارجي ويا.‘ خبر پڙهڻ کان پوءِ ليزلي ۽ ٿامسن هڪ لمحو مون ڏي ڏٺو ۽ ٿامسن چوڻ لڳو، ’توهان کي اندازو آهي تہ اها دهشتگردي ڪير ڪري رهيو آهي؟‘

چيومانس، ”بهتر ٿيندو تہ اها ڳالهہ توهان هتان جي ماڻهن کان پڇو؟“

ان ڪانپوءِ جيئن ئي اسان ميزان چؤنڪ وٽ آياسين تہ اوچتو اوپر واري پاسي کان ڪجھ ماڻهن تي فائرنگ ٿي جنهن ۾ ٻہ نوجوان مارجي ويا. جنهن جي سجاٽپ هجوم وارن هزاره نوجوانن طور ڪئي. ٿوري دير کان پوءِ اسان ڪوئٽا پريس ڪلب آياسين جتي ٿامسن هڪ مشهور صحافي کان ساڳيو سوال ڪيو،

”دهشتگردي ڪير ڪري رهيا آهن ۽ ڇو ٿي رهي آهي؟“

صحافيءَ وراڻيو، ”هتي ٻہ وڏا فرقا رهن ٿا جيڪي هڪٻئي کي ڪافر چون ٿا. ۽ هڪٻئي تي جاني حملا ڪن ٿا.“

واپس هوٽل تي ايندي ليزلي هڪ سوار فروش تسبيح پڙهندڙ ڪراڙي کان منهنجي معرفت هزاره نوجوانن جي مرڻ تي تبصري لاءِ چيو تہ ان تسبيح پڙهندڙ ڪراڙي خار مان ٿامسن ۽ ليزلي ڏي ڏٺو ۽ مختصر تبصرو ڪندي چيو،

”ڪافر، ڪافر ٿيندو آهي. ڪافر کي مارڻ ثواب آهي ۽ جهاد جو حصو آهي.“

مون تسبيح پڙهندڙ ڪراڙي جو جواب، ليزلي ۽ ٿامسن کي ترجمو ڪري ٻڌايو. ليزلي ۽ ٿامسن جواب ٻڌي پريشان نظرن سان هڪٻئي ڏي ڏسڻ لڳا.

ان ڪانپوءِ اسان سڀ هوٽل آياسين. ٻئي ڏينهن صبح سوير اسان ٽيڪسي ڪرائي. ٽيڪسي واري کي ڪولهو ڪاهان، مست توڪلي جي مزار تي هلڻ جو چيو. ٽيڪسي جو هزاره ڊرائيور وڏي رفتار سان ڪولهو ڪاهان ڏي هلڻ لڳو. شام تائين ڪار مست توڪلي جي مزار تائين پهچي چڪي هئي. اتي پهچڻ کان پوءِ، ٿامسن هڪ دفعو وري مون کان مست توڪلي، متعلق پڇڻ لڳو. ٻڌايومانس،

”مست توڪلي بلوچن جو عوامي شاعر آهي. جنهن هڪ مري قبيلي جي ٻروچاڻي جي عشق ۾ بزرگ جي منزل ماڻي.“

ان دوران سانجهي جي نماز جو ٽائيم ٿي ويو. هزاره ٽيڪسي ڊرائيور، مون کي چيو، ”سائين، مان نماز پڙهي اچان.“

چيومانس، ”ڀلي پڙهي اچ.“

پوءِ هزاره ٽيڪسي ڊرائيور، درگاهہ جي سامهون واري مسجد جي چوگان ۾ ٻين جماعتن سان گڏ، هٿ کولي نماز پڙهڻ لڳو. ليزلي هزاره ڊرائيور ۽ ٻين جماعتن کي غور سان نماز پڙهندو ڏسندي رهي ۽ ٿامسن کي يوناني ٻولي ۾ ڪجھ ٻڌائيندي رهي ۽ ٻئي ڄڻا ڄڻ ڪجھ خوف زده ٿي ويا هئا.

۽ پوءِ جڏهن نماز پوري ڪرڻ ڪانپوءِ هزاره ڊرائيور موٽي آيو تہ ليزلي ۽ ٿامسن هڪ وقت مون کان پڇيو،

”هن ڊرائيور نماز هٿ کولي پڙهي؟ ۽ باقي ٻيا هٿ ٻڌي پڙهي رهيا هئا؟“

مون سندس ڪيل سوال ورائي پر ۾ ويٺل هڪ وڏيل ڏاڙهي ۽ وڏيل مڇن واري وڏو پٽڪو ٻڌل ٻروچ کان ڪيو.

هن وراڻيو، ”ڪو هٿ کولي نماز پڙهي يا ٻڌي نماز پڙهي. سڀ مسلمان آهن. شايد آيل مهمان ڊرائيور جو طريقو مختلف آهي.“

مون پٽڪي ٻڌل ٻروچ جو جواب ترجمو ڪري ٿامسن ۽ ليزلي کي ٻڌايو.

ليزلي ۽ ٿامسن پُرُ خيال انداز ۾ جواب ٻڌي مٿو لوڏيو. ۽ ليزلي چوڻ لڳي،

”ان جو مطلب آهي، بلوچ سهپ وارا آهن.“

چيومانس، ”بلڪل ساهُو.“

پوءِ ٿامسن مرڪي مون کي چوڻ لڳو،

”تون ٻہ تہ بلوچ آهين نہ؟“

چيومانس، ”ها.“

پوءِ چوڻ لڳو، ”بلاشڪ بلوچ سٺا ماڻهو آهين.“

ان کان پوءِ وڏي اسان سڀ مست توڪلي جي درگاهہ ڏانهن آياسين، جتي ڪيترائي مري، بلوچ، ٻار، ٻُڍا، عورتون ۽ ٻين قبيلن جا بلوچ سندس چائنٽ کي چُميون ڏيئي رهيا هئا. ■

انصاف احمد ساهڙ

پوندو...

ميڊيڪل جو شاگرد آهيان. اڃا ڊاڪٽر ناهيان ٿيو. ماڻهو مون کي هينئر کان ئي ڊاڪٽر ڪوٺين ٿا. هتي ڊريسر ۽ ڪمپائونڊر به پاڻ کي ڊاڪٽر چوائين ٿا. ۽ مون به هاڻي کان ئي اسپتال کولي ڇڏي آهي. ماڻهن کي سُيون هڻي ڪانئن پڇندو آهيان.

"سُور ته نٿو ٿئي؟"

مهينو ڏيڍ اڳ جمعي جي نماز تي ويو هئس. اسان وٽ اڪثر مسلمان جمعي وارا مسلمان ٿيندا آهن. جامع مسجد ۾ ڏاڍي رش هئي. اصلي پير رکڻ جي به جاءِ نه. ماڻهو ماڪوڙين وانگر ٿي چُريا. جيڪي پهرين آيا سي وڃي اندر ويٺا. ڪجهه وراندي ۾ ۽ جيڪي مون وانگر آخر ۾ آيا سي وري نٽهڻ اُس ۾ مسجد جي اڱر تي.

ممبر تي مُلان سبحان بخش ويٺو هو جنهن کي اندريان توڙي ٻاهريان ڏسي توڙي ٻڌي ٿي سگهيا. لائوڊ اسپيڪر لڳل هو.

ملان سبحان بخش فرض نماز ۾ اڪثر "سوره التين" پڙهندو آهي. انسان جي، 'احسن تقويم' هئڻ تي فخر ڪندو آهي. پر ڇَنو ٻالي کان پنج فٽ پري بيهندو آهي ٻالا نماز ناهن پڙهندا. چاڪاڻ ته ٻالا مسلمان ناهن. اهي مندر ۾ پوڄا لاءِ به ناهن ويندا. هندو ڌرم ۾ به انهن لاءِ آساميون خالي ناهن. ٻالا ڪو مذهب ناهن قبوليندا ۽ نه ئي ڪو مذهب ٻالن کي قبوليندو آهي.

ان ڏينهن مُلان سبحان بخش وعظ ڪندي چيو،

"بابا، نياڻيون اَٿو ربَ جي رحمت. پر ياد رکو، اهي توهان تي بار به اٿو. جيئن ئي سمجهو ته گهڙو ڪچ تي ڪٽڻ جيتري سگهه اچي وئي اٿن ته ڪين اٿاري ڇڏيو. بابا دين ۾ ته ايڏو تاڪيد ٿيل آهي ته جيڪڏهن نياڻي لاءِ ڪو ماڻهو نه مليوَ ته ڪيس جهنگ جي ڪنهن جانور جي پٺيان لڳائي ڇڏيو."

"بي شڪ سائين."

"سبحان الله.."

"آهه، ها ها."

ماڻهو ڳالهه سمجهن نه سمجهن، ملان جي هر ڳالهه تي، 'بي شڪ'، 'سبحان الله' يا 'واهه واهه' ڪرڻ بنه ناهن وساريندا.

ڪنهن سان ڳالهه نه ڪجو. مُلان سبحان بخش جي پنهنجي گهر ۾ ئي جوان نياڻيون ويٺيون آهن. جانور ته ڇڏيو هو پنهنجي ڀائيٽين کي به انهن جو سنگ نٿو ڏئي. چوين ٿو،

"بابا پهريان نوڪري وٺو، پوءِ ڇوڪري."

*

مان جڏهن کان سمجهه سان ٿيو آهيان. ماستراعظم کي جيئن جو تيئن ئي ڏسندو اچان. اڇي ڏاڙهي، مٿي تي پَٽڪو. منهن ۾ رعب. شاگرد ڏسندس ته اصلي ڏڳ ئي مٿائي ويندا.

چوٿين ڪلاس کي پڙهائيندو آهي. وقت جو پابند. صبح جو سوير جيڪو نه ايندو ان کي پورو ڪلاڪ اس تي ڪڪڙ ڪري بيهاريندو. منهنجو ننڍو ڀاءُ، صدام به سندس شاگرد آهي. مان سندس چال چلت معلوم ڪرڻ لاءِ ماستر اعظم جي ڪلاس ۾ ويو هئس. ڏاڍي قرب منجهان مونسان مليو. ۽ چيائين،

"توهان هن ڪرسي تي ويهو، مان ٿورو پڙهائي وٺان. پوءِ ڳالهايون ٿا." مون هاڪار ۾ ڪنڌ لوڏيو ۽ ڪلاس جي ڏاکڻي دري کان رکيل ڪرسيءَ تي ويهي رهيس.

"بابا هاڻي غور سان ٻڌو." ماستر اعظم شاگردن سان مخاطب ٿيندي چيو،

"ٻاڙو نبين کي به پيارو ٿيندو آهي."

"..."

"ڇَتي جا پٽ، هاڻي تون چئہ جيڪو مون چيو."

ماستراعظم، زيد ڏانهن آڱر جو اشارو ڪندي چيو.

زيد (ڇتي جي پٽ) ساڳي سٽ دهرائي.

"ٻاڙو نبين کي به پيارو ٿيندو آهي."

"شاباس."

هاڻي ٻڌو، "ٻاڙي ۾ اگر ڪنهن تي ڏکيو وقت اچي ته ان جي دل سان مدد ڪجي. اصلي اڪيون بوٽي بيهي نه رهجي."

"هاڻي سڀ اهو چئو."

سيني ٻارن ساڳي نصيحت دهرائي.

"ٻاڙي ۾ اگر..."

"ڪڏهن به زبان مان گار گند نه ڪڍڻ گهرجي."

"..."

"سڀ چپ ڪيو." ماستراعظم ڪنڌ ۾ ويٺل وريام ڏي آڱر سان اشارو ڪندي چيو، "غلامونءَ جا پٽ، تون هاڻي اهو اسان سيني کي چئي ٻڌاءِ..."

"ٻاڙي ۾ اگر..."

اتي ئي ماستراعظم جو ننڍو ڀاءُ معظم پڄندو آيو،

"ادا، ادا... شَمو وارن جو مال اسان جي سارين ۾ پيو آهي." معظم سهڪندي چيو.

ماستراعظم جو اهو ٻڌڻ ۽ اچي گاريون جا وسڪارا لاٿائين،

"اهو پيڻ جو... انهي جي ماءُ کي... ان کي اڄ نه ڇڏيندس. انهي ڪتي جي... کي." ائين چئي هو ڪلاس مان ويندو رهيو.

پويان وريام ڪجهه هبڪندڙ آواز سان چوندو رهيو،

"ڪڏهن به زبان مان گار گند نه ڪڍڻ گهرجي."

*

ويهارو کن ڏينهن ٿيا آهن. سُتا پيا هئاسون جو در ڪڙڪيو. رامونءَ ايندو آهي ته فون ڪندو آهي. پر ڪا فون نه آئي. در ايڏو زور سان پئي ڪڙڪيو جو سوچيم اگر نه کوليم ته دروازو ڀڄي پوندو. مان اٿيس. اڃان ڪٽ تان لهي جُتي مس پاتم ته وچين پٽ کان منڊي ڪڍي ڏنوءَ رڙ ڪئي،

"اڙي راجو، ٻتي وسائي سُمهه، ٻڌو آهي ته پار جي پرڙي لاءِ ڪا چوري ڀڳي آهي. چوي ٿي پناهه ڏيو. بابا پناهه ڏيڻ وارو منهنجو رب آهي پاڻ ڪنهن کي ڇا پناهه ڏينداسين."

ڇوڪريءَ شايد اهو سڀ ٻڌي ورتو. در ڪڙڪڻ بند ٿي ويو. ڏنو ٻيٽ تان لٿو. مون ٻتي وسائي. ۽ واپس اچي ساڳي کٽ تي ليٽي پيس. رات جي ڪارنهن منهنجو منهن ڪارو ڪيو.

*

اسان جي گهر جي پاسي ۾ وڪيل صاحب رهندو آهي. مون کي اڪثر انسانيت جا درس ڏيندو آهي،

"پٽ، ماڻهو ڊاڪٽر ٿئي. ڪاسائي نه."

هڪ ڏينهن ان جي آفيس ۾ ويٺو هئس جو هڪ پوڙهي عورت سهڪندي آئي. مٿي تي قرآن، ڪپڙا ڦاٽل، اکين ۾ ٽَڪ، اوجاڳو ۽ نه بيهندڙ لُڙڪ.

"او سائين، منهنجو ٻچو ماريو اٿئون. جوان نياڻي به ڪٽي ويا آهن. ڪو وڪيل منهنجو پاسو نه ٿو ڪٽي، ٻيلي تون ڪا واهر ڪر." پوڙهي عورت ائين چئي، پنهنجي پوتي لاهي وڪيل صاحب جي پيرن ڏانهن وڌائي.

ڪرسي تي ويٺل وڪيل جي دوست ڪيس روڪي ورتو. وڪيل چشمو ٿورو هيٺ ڪندي چيو،

"مائي ڏس، ڪورٽون پئسا ٿيون گهرن. ائين بيگر ۾ ته پراوا جهيڙا پنهنجي ڳچي ۾ نه وجهبا نه؟"

مون ٿورو ڊڄندي وڪيل صاحب کي چيو،

"سائين، امڙ جو جائز مسئلو آهي. ٻيو ته پاڪ ڪتاب به ساڻ ڪٽي اچي نڪتي آهي. مدد ڪيوس نه."

وڪيل صاحب ڪجهه تيز ٿيندي چيو،

"هر ماڻهو قرآن ڪٽي ايندو آهي. هر ماڻهو جو ڪم جائز ناهي ٿيندو. يو وري سڄي دنيا جو ٺيڪو مون ته ناهي ڪنيو. ائين ڪيم ته پوءِ مون کي پنهنجا ٻچا ڍڪ تي ڏيڻا پوندا."

اسان جي ننڍڙي ڳوٺ ۾ ڪرياني جو هڪڙو ئي دڪان آهي، جيڪو آهي سيٺ پوري مل جو. ڊڪٽن جي ٻاڙي کان ٿيندو ماڻهو جيئن ئي چونڪ تي پهچندو ته بلڪل ڪاٻي طرف دڪانن جي قطار جي قطار سيٺ پوري مل جي ملڪيت آهي جن مان ڪجهه دوڪان بند آهن. ڪنهن ۾ ڪَٽي آهي ته ڪنهن ۾ وري ذخيرو ڪيل اناج.

وٽس جڏهن به ويندو آهيان ته مون کي وڏو ڀاڪر پائي، بينچ تي ويهڻ لاءِ چوندو. ۽ پوءِ پاڻ مٿين جاري مان وڏي برني لاهي مون کي پَڪي مٺائيءَ جو ٽڪرو ڪڍي ڏيندو آهي.

ڪچهري ڪندي مون کي هر دفعي اهائي نصيحت ڪندو آهي،

"شائين، ائين نه ٿئي جو شياڻي ڳوٺ واشين کي وشارين. ٻيلي غريبن شان غريب ٿي هلجانءِ."

باقي سيٺ پوري مل جي ڳوٺ ۾ وڏي هاڪ آهي. ڪير هڪ ڏينهن جي اوڌر گهريس ته قسم-وسيلا ۽ ماءُ پيڻ هڪ ڪري ڏيندو اٿس.

*

ڪجهه ڏينهن اڳ انور جي جوان جماڻ ڌيءُ نوري گذاري ويئي. شايد هيپاٽائيٽس سي جو شڪار هئي. سڄي ٻاڙي ۾ روڄ راڙو مچي ويو،

"امڙ تون مون کي ڇڏي ڇو وئين؟ ماڻهس پار ٿي ڪيڍيا، جيجان جيڪر مان مران ها... هاءِ هاءِ..."

سڀ ڳوناٽا اچي گڏيا. اپ ڏاريندڙ رڙيون شروع ٿي ويون. روئڻ ڪانپوءِ ٿيون نيڪيون. ان وچ ۾ رکي رکي سڏڪا وري روڄ ۽ بالآخر ٽڏا ساهه نوري جو پيءُ انور، سال کن اڳ ئي فوت ٿي ويو هو. سندس ڀائر اڃان ننڍا هئا تنهن ڪري هو سڀ پنهنجي چاچي جي گهر ۾ ئي رهڻ لڳا هئا.

جڏهن ڪفن دفن جي ڳالهه آئي ته نوري ماءُ پنهنجي ڏيرياڻي ڏي وئي،

”ادي، ڪفن دفن جو ڪيئن ٿيندو؟“

”ادي، اهو مڙدن جو ڪم آ، تون رڳو ڏوڪڙ ڏين. پاڻ ئي وجي ڪندا.“

”پر ادي، منهنجو حال ته توکي معلوم آهي.“

”ڏس ادي، مون وٽ به ٽڪو ئي ڪونهي. هجي هان ڊشوءَ پيءُ نه ڪٽي گهرانس هان. اهو به سعودي ويو آهي ته پوئتي جي چنتا ئي ناهيس.“

ايتري ۾ مير محمد به اچي گهر رسيو،

”مامي، او مامي...“ مير محمد نوريءَ ماءُ کي سڏ ڪيو.

ٻئي ڏيرياٽيون ٻاهر نڪتيون.

”مامي، ڏي ڏوڪڙ ته ڪفن گهرايون.“

”...“

اسان ڪڏ تي پيل نوريءَ جي لاش جي چوڌاري ويٺا هئاسين.

مير محمد وري چيس،

”مامي ڏوڪڙ؟“

نوريءَ ماءُ ڪنڌ هيٺ ڪري چيس، ”ابا، ڪونهن.“

مون سڏڪو ٻڌو.

ان ويل مون کي ائين لڳو ڄڻ نوري اُٿي آئي. ملان سبحان بخش جي سامهون ويهي ڪيس دين جا خطبا ياد ڏيارياٸين. ماستر اعظم کي سندس ئي پڙهايل سبق ياد ڏيارياٸين،

”پاڙو نبين کي به پيارو ٿيندو آهي.“

”پاڙي ۾ اگر ڪنهن تي ڏکيو وقت اچي ته ان جي دل سان مدد ڪجي، اصلي اڪيون ڀوڻي ويهي نه رهجي.“

وڪيل کي انسانيت جا درس ڏئي نوري سيٺ پوري مل کي چيو،

”شائين ائين نه ٿئي جو شيپاٽي ڳوٺ واشين کي وشارين، ٻيلي غريبن شان غريب ٿي هلجانءِ.“

سيني جا ڪنڌ شرم کان جهڪندا ويا. آخر ۾ نوري مون ڏانهن آئي. مون تي ڪلهن کان جهلي جهنجهوڙي چيائين،

”ماڻهو ڊاڪٽر ٿي، ڪاسائي نه.“

مون ڇرڪ ڀريو. ڏٺم نوريءَ ماءُ سندس لاش تي اچي چادر وجهي سندس منهن ڍڪيو. ۽ پاڻ سندس پيرن ۾ منهن لڪائي روئڻ لڳي.

ڪنوڻ جو وڏو چمڪاٽ ٿيو.

مون کي لڳو، قدرت اسان کي گهروڙي پوندو ڏيندو هجي. ■



مختيار سهتي جا غزل



ڳاڙهو جوڙو ملبوس ڪيو ٿئي
گل گل کي ڪيئن مايوس ڪيو ٿئي
ڇو ڀاڳ اسان جو ڊال رکيئي
ڪانڊيرن کي ناموس ڪيو ٿئي
ٿيون ڳيروئن جي ننڊ اُڏائين
ڇا يادن کي جاسوس ڪيو ٿئي
سڀ بهارن کي ياد ڏياريئي
پاڻ کي اهڙو فانوس ڪيو ٿئي

*

قديم توڙي جديد رشتو
اوهان سان آهي شديد رشتو
ڏنو نه ان جي هو پيار کي ڪنهن
ڪيو ويو سو خريد رشتو
لڳي ٿو اُن کي صديون سُڃاڻان
وئي ڳنڍي جا ته ديد رشتو
سدا نگاهون ڪٽي جُهڪائين
جڙيو نه تنهن سان مزيد رشتو
ٻلي نه منهنجو ڇئو سڏائي
ڪري نه دل جو شهيد رشتو

*

احساس جدائي جو
راڪاس جدائي جو
مان ته ڪڪر جي ٽڪري
آڪاس جدائي جو
موت اچڻ تائين آ
بنواس جدائي جو
مرڻا پرڻا مون لئه
اتهاس جدائي جو
هُن سان هوندي ٻي ڇو
هيراس جدائي جو
تازي قبر تي گلڙا
اپياس جدائي جو

*

اک ۾ آهن علاج کي چوڙيون
ٿي ڪپيون ڪنهن جي ڏاج کي چوڙيون
تو وجي ڪائي وياج چوڙين کي
ڪون ڪائين وياج کي چوڙيون
ڪيئن آهن وفاقي پارايون
سنڌ تنهنجي سماج کي چوڙيون
پيٽ پارائي ڄڻ ڇڏيون آهن
عاشقي جي مزاج کي چوڙيون
چنڊ کي سج ئي ٿو چمڪائي
سون کي سونهن عاج کي چوڙيون

ٿي روز ٻي آ بو نه مچيوسين
ڏاڍي کي گابو نه مچيوسين
ٿوهر جيئن صحرا ۾ سڙندي
وقتي ڪو بابو نه مچيوسين
اڳتي هلي جو وياج گهري
سو سک ستابو نه مچيوسين
روز جيئڻ جا ڍنگ تلاشيا
جڳ ٻي اعرابو نه مچيوسين
پنهنجي اونداهه هُئي پاڻ سان
توکي ٻي تابو نه مچيوسين
پئي غيرن تي روز چڙياسين
پنهنجو ته خرابو نه مچيوسين

*

هٿ پنهنجا صليب پنهنجو هو
سنڌ وانگر نصيب پنهنجو هو
گهاوَ سيني کي پنهنجا پنهنجا ها
پاڻ هر ڪو طبيب پنهنجو هو
غير جي دشمني سڌي سولي
چپ رهياسين عجيب پنهنجو هو
زندگي موت جي ڪشمڪش ۾
پئي لڳو هر رقيب پنهنجو هو.

*

دوستن سان حساب ڪير ڪري
پنهنجو ئي احتساب ڪير ڪري
روز ٿي حادثن منجهان گذري
دل ڇري کي نواب ڪير ڪري
هر حقيقت سزا جيان آهي
ڪو اچي ڪيس خواب ڪير ڪري
موتيو ڳاڙهو نه مُور ٿي سگهندو
ڪو ٻلي پي ته ڇا به ڪير ڪري
رنجشون ئي ڪٽي ملون ٿا ڇو
هي ڪٽي بند باب ڪير ڪري
دل فقيري گُهري وتي آهي
عاشقي انتخاب ڪير ڪري
مان وساري ڇڏيانس پر يارو
پر ڪنڊي کي گلاب ڪير ڪري
ڇوڪري ٿي پنو پنو آهي
ڪيس هاڻي ڪتاب ڪير ڪري
هر گهڙي ٿي ڪري سُوال نوان
عمر کي لاجواب ڪير ڪري

*

سجاد مهر

چٽ

ميندي رتن هٿن سان ساهيڙين جي وچ ۾ ويٺل بختاور ائين لڳي رهي هئي جيئن ڪا اپسرا. ونواهه جي آخري ڏينهن جو احساس ۽ لانون لهڻ واري گهڙيءَ جو بي صبريءَ سان انتظار ڪندڙ هن حسين ڇوڪري جي اکين ۾ اُٿيل آئيندي جا خواب ڪوڙ حسرتون ۽ ارمان من جي مهراڻ ۾ ڇڻ تہ ڇوليون هڻي رهيا هئا. سندس وَرُ توڙي جو مائٽن جي مرضيءَ سان مليو هئس تڏهن بہ هوءَ نهايت سڀاجهڙي ۽ سلڇڻي ڇوڪري ان ارينج ميريج کي بہ ڄڻ تہ لَوَ ميريج جيان محسوس ڪري رهي هئي. ننڍڙي هوندي نالي ڪرڻ وارو اسان جو ڳوٺاڻو ڪلچر ئي حقيقت ۾ بختاور جي بدبختيءَ جو سبب بڻيو. پر هوءَ نهايت نماڻي نياڻي پيءُ ماءَ جي فيصلي تي ڪنڌ جهڪائي جهڙي تهڙي وَرَ کي ئي پنهنجو لائيف پارٽنر طور قبول ڪيو.

چوڌاري ساهيڙين جي ميڙ ۾ ويٺل بختاور پاڻ کي اڪيلو ڀانئي ڄڻ تہ ڪنهن ٻي دنيا ۾ هلي وئي هئي. زندگي جي هن انوکيءَ راند ۾ هوءَ گهٻرائجي وئي. هئي، هونءَ نہ تہ اڳ ڪاليج جي ڪيترن ئي ساليانی فنڪشنن ۾ جڏهن بہ ميدان ۾ لٿي هئي تہ ڪنهن بہ هجوم کان گهٻرايو ڪونہ هئائين هن ڪيترائي ايوارڊ ۽ تمغا ڊگهيءَ ڊوڙ ۽ لانگ جمپ جي مقابلن ۾ کٽيا ۽ ائين ساهيڙين ۾ سرخرو ٿي. پر هن ايونٽ ڪي شايد مختلف ٿي ڀانيائين جو خوش هوندي بہ خاموش هئي.

پنهنجي تر ۽ گهر ڇڏڻ جو عجيب احساس بہ ڪڏهن ڪڏهن من ۾ ڇهنڊڙيون پائي رهيو هوس تہ ڪڏهن وري وَرَ سان وڃڻ ۽ نئين دنيا وسائڻ جي خوبصورت خوابن ڪيس اڻ تڻ ۾ وجهي ڇڏيو هو.

لانون ۾ اڃا ڪي ڪلاڪ باقي هئا تيستائين گهر ۾ ٻارن جي ڪيهٽ، عورتن جي رڙين، ساهيڙين جي ٽٿن مٺن جملن هن کي ڄڻ تہ پاڻيءَ مان ئي ڪڍي ڇڏيو هو ضبط جي اهڙي عجيب ڪيفيت ۾ هوءَ سيني سان ڳالهائيندي، شرمائيندي ڪڏهن مٿي تان سُرڪي ويل لٽو ورائيندي تہ ڪڏهن پيرن کي پاچن ۾ لڪائيندي اهو محسوس ڪرائي رهي هئي ڄڻ تہ هوءَ ڪنهن وڏي ويل ۾ هجي.

نيٺ لانون جا لمحہ بہ آيا. در تي دهل جو ڏڏڪو شرنائين جو شور خدو لنگهي جي ڦوڪ سان نڪتل پريشر تي پوپليءَ جو ڪن چيريندڙ آواز، عورتن جي تاڙين جا تڙڪا، سهرن جا ابتا سبتا سُرَ ۽ لاڏن جو لُڙُ ويو تي وڏندو.

گهوٽيتن پاران آيل عورتن مان هڪ جهونڙيءَ جوانڙين کي دابو ڏيندي چنڊ پٽي، ”چوريون ڇا ٿي ويو اٿوَ. هلو ڪڍو ڪو پلو سهرو. وات ۾ مگ پيا اٿوَ ڇا. ڇيڳرين چورين سهرا ڳايو.“

”ٻاريو ٻاريو بجليون، ٻاريو شمعدان.“ ڇوڪريون نئون سهرو آلاپيو.

سهرن سان سُرندي سموري ڄڃَ اڃي ان چائٺ تي پهتي جتي گهوٽَ جون ساليون ڏانوڻ ڏائڻ لاءِ اڳواٽ ئي ڏاڳا ناهيون بيٺيون هيون. وري ڏماڇوڪڙي مَچي نئين سهري سان، ”ٻهادر خيال ڪجانءِ ساليون ڪيڏڻ آيون ٿي. ساليون ڪيڏڻ آيون ٿي، مَتان راند هارائي ٿِي.“

ٻهادر قد جو هلڪو پر بت ۾ پريل، وڏي تُري سان پٽڪو پاتل، اڇو وڳو، هَٿ ۾ ترار جهڙو تکو خنجر، منهن تي شهپرن جو ڇڏيل گهاٽو جهنگ، سُرمي سان پريل ڊور جيڏيون اکيون، هَٿن تي ٿڦيل ميندي ۽ ٻانهن ۾ ٻڌل ڳانو. سيني ڪٽي گهوٽ جي پَرجهلي. دَرجي چائنٺ تي هن جيئن ئي سڄي پير مان ڇٻو لاٿو تہ آنر اڳتي اڃي ٻهادر کي ٽيڪو ڏنو. ساليءَ سندس سَڄي پيرَ جي آڱوٺي ۾ ڌاڳو اٽڪائي مٿي هٿ جي آڱوٺي مان پار ڪري ڪيس جڪڙڻ جي ڪوشش ڪئي تہ گهوٽ جون پينرُ ڏانوڻ جو سَهرو ڳائڻ لڳيون،

پَٽَ جو ڏانوڻ ڏاياڻءِ منهنجا راٺل رهہ راڄ ۾،
رَهہُ راڄَ ۾، تنبو ڪوڙياڻءِ باغ ۾.

ڪن شرارتي ڇوڪرن گهوٽ کي ڪلهي تي کنيو تہ جيئن گهوٽ جو قد وڏي وڃي. ۽ ساليءَ کي ڌاڳي جا چڪر ورائڻ ۾ تڪليف ٿي. ساليءَ جهپڙ ڏئي هِن جي آڱوٺي ڪان ڌاڳو پار ڦيرايو تہ ڄڻ بازي هارائجي وئي.

ڌاڳي جي زنجير ۾ ويڙهيل ٻهادر سالين جي فرمائش کي پوري ڪرڻ کان پوءِ آجپو ماڻيو.

لانوان ڏنيون ويون. گهوٽ ڪنوار کي ڪير پياريو ويو. آئيني جي اوٽ مان گهوٽ ڪنوار کي هڪ ٻئي جو منهن ڏيکاريو ويو. ڪنوار جي مُٺِ بند ڪرائي گهوٽ کي کولڻ جو چيو ويو. ٻهادر پنهنجي پوري مڙسيءَ سان ڪنوار جي مٺ کولي نہ سگهيو تہ پر ۾ ويٺل ڪراڙيءَ ڪنوار جي ڪک ۾ نوٽ هڻي چيو، ’مائي مڙس ٿي. لڄ رکيس. کول ڪٽي مٺ کي.‘ ۽ ائين بَختاوِر ٻهادر جي مڙسي جاچڻ ڪانپوءِ پنهنجي مرضيءَ سان مٺ کولي ڇڏي. ان مهل ائين محسوس ٿيو، ”عورت جيڪڏهن پنهنجي مٺ بند رکڻ چاهي تہ دنيا جي ڪابہ طاقت ان جو توازن بگاڙي نہ ٿي سگهي.“

رات گهڻي گذري چڪي هئي. رسمون بہ پوريون ٿي چڪيون هيون. ڪنوار جي ڪمري مان چاچين کي وڏي منٺ ميڙ ڪان پوءِ ڪڍيو ويو. ٻهادر ڪمرو خالي ٿيندي ئي اندريان ڪُنڊي لڳائي سک جو ساهہ کنيو.

هو ويجهو اچي بختاور جي پر ۾ ويٺو تہ هوءَ ٽڏي ٿيندي وئي. ڪنهن سمجهايو هوس، ”ٻهادر بيوقوف نہ ٿجانءِ. پڙهيل لکيل وني ملي ٿي. پيش اچڻ وقت کي چڱيون ڳالهيون ڪجانس.“ سو هي اڻ پڙهيو، بي.اي پاس بختاور کي پنهنجي پَرَ ۾ پڙهائڻ لڳو، ”سس سهري جو خيال ڪجانءِ. ڏيرن ۽ ڏيرياڻين جي دل وٺجانءِ. انهن جو خيال ڪَيُءِ سمجهہ منهنجو ڪَيُءِ.“ ٻهادر بختاور جي ويجهو ٿيندو ويو. ڇپن جي ڇُرُپُرُ هاٺي اکر آکڻ کان اڳتي وڌي. ساهن جا سلسلا ويا ٿي وڌندا. رات جي پوئين پهر تائين هو هن جي جسم سان بي خوف کيڏندو رهيو. پر هوءَ صرف پاڻ سنڀالڻ ۽ پنهنجن حواسن تي ڪنٽرول ڪرڻ جي چڪر ۾ رهي.

ٻهادر، بختاور کي ماٺي فاتحانہ انداز ۾ اٿيو تہ مسيت مان الله اڪبر جو آواز بلند ٿيو. هن آواز ٻڌي ’سچا سڏ رسول‘ جا ڇئي ڪمري جون اجهاٽيل ٻتيون ٻاريون. ۽ بختاور کي بستري تان هٽائيندي بي صبريءَ سان ڪجهہ ڳولهڻ لڳو.

هن جا تارا پٿجي ويا ۽ ساهہ کڻڻ جي رفتار بہ معمول کان وڌي ويس.

بختاور مڙس جي اهڙي حالت ڏسندي پڇيس،

”ڇا ٿا ڳولهيو. ڪا خاص شيءِ وڃائجي وئي اٿوَ ڇا؟“

هن غصي وِاري حالت ۾ حقارت سان اکيون هن جي اکين ۾ وجهي گُهوريو ۽ پوءِ وچڙندڙ لفظن ۾ چيو،

”هَئُو، تو واري لڄ ٿو ڳولهيان جيڪا هن چادر ۾ گم ٿي وئي آ.“

هوءَ هن جي تلخ لهجي کي سمجهي نہ سگهي ۽ ڪجهہ لمحن لاءِ خاموشيءَ جي پاتال ۾ لهي وئي.

ٻهادر چرين وانگر چادر کي اٿلائي پٿلائي بختاور جي عصمت جا اهڃاڻ ڳولهڻ لڳو. اڃي چادر هن جي اندر ۾ وڍ وجهي رهي هئي. اکين ۾ رت لهي آيس. بيچڙي انداز ۾ بختاور ڏانهن تکيندي چيائين،

”سچي ڪر ڪنهن سان ڪريل آن؟“

هوءَ هڪي ٻڪي ٿي وئي سماعتن تان اعتبار کڄڻ لڳس. لفظ نڙيءَ جي لنگهہ ۾ اٽڪي پيس پنهنجي پاڪ دامنيءَ جو کهڙو ثبوت ڏئي ٿي سگهي.

ٻهادر چرين وانگر چادر ۾ ويڙهجي ويو. وڏي آواز ۾ چيائين،

”ڪاٿي هن رت جا ڇُٽا چادر تي؟“ چادر اڃي آهي. مانا تون اڇراف ناهين، ڪميني! مون کي تنهنجي ڇرافت تي ڇڪ اڳ ئي هو جڏي تون ڪاليج ۾ پڙهدي هئين تون پنهنجو مُنهن ڪارو اتي ئي ڪرايو ۽ هاڻي اچي منهنجي عزت خراب ڪئي ٿي...“

بختاور کي ڳالهہ سمجهہ ۾ اچي وئي تہ هو (Hyman) هاءِ مين جي ڊيميج ٿيڻ کان پوءِ بليڊنگ نہ ٿيڻ ڪري مڙس آپي مان نڪري ويو آهي. هن کي هڪ لمحي لاءِ پنهنجي آڱوٺي ڇاپ مڙسالي تي منيان آئي. پر هوءَ سمورو سور پي وئي ۽ ڊڄندي ڊڄندي هن موڳي ڏاند کي ڏاوڻ وجهڻ جي ڪوشش ڪئي،

”ٻهادر، ڏاهو ٿيءُ. جيئن تون سمجهين پيو ائين هرگز بہ ڪونهي. منهنجي لڄ سلامت آهي. اهو عورتاڻو نازڪ پردو ڪيترين ئي سببن جي ڪري سالم ناهي رهندو. ڪاليج دوران مون راندين ۾ حصو ورتو. ڊگهي ڊوڙ ۽ لانگ جمپ مقابلن ۾ مون ڪيترائي ميڊل کُٽيا. اسان کي ميڊيڪل جي پروفيسرن پڙهايو هو تہ اهو عورتاڻو پردو جنهن کي ’هاءِ مين‘ چيو وڃي ٿو سو راند روند، جمپ وغيره يا ڪن حالتن ۾ ڇوڪريءَ جو وزن وڌڻ ڪري بہ ٽٽي پوندو آهي. تون يقين ڪر مون تي. مان پاڪ صاف آهيان. منهنجي عصمت سلامت آهي. ممڪن آهي تہ لانگ جمپ سبب اهو سڀ ڪجهہ...“

هوءَ اڃان گهڻو ڪجهہ چوڻ پئي چاهي. پر ٻهادر وڏي رَڙِ ڪندي چيس،

”بَس ڪر ڪميني، مونکي ٿي پڙهائين؟“ ٻهادر ائين چئي غصي مان دَرُ کولي ٻاهر نڪري ويو.

ڪجهہ ئي لمحن ۾ هو واپس آيو تہ سندس هٿ ۾ مائوزر هو. هن مائوزر جو گهوڙو چاڙهيو. ۽ بختاور جي سيني ۾ سڌو فائر ڪيو. رَت سان اڇي چادر لال ٿي وئي. ■

پاتم جهاتي جهان ۾...



شيام ڪمار

هتي، پاڪستان جي جنم جي شروعاتي ڏينهن کان، رمزيہ ۽ ڪنائيہ انداز ۾ سهپ، شانتي، فرد جي آزادي، اظهار جي آزادي، ۽ قوميتن جي حقن کي ڳالهہ ٻولهہ ذريعي حل ڪرڻ بجاءِ بسمارڪ جي متي، (هر سياسي، سماجي ۽ معاشي وادوواد يا مسئلي جو حل تقرير، تحرير يا اڪثريتي راءِ يا ووٽ وسيلي ڪين ٿي سگهي ٿو، صرف ۽ صرف ان جو فيصلو 'گولي' ۽ 'رت وهائڻ جي ٻولي' ذريعي ئي ممڪن آهي.) سان، عملي طور، واڳيل پسي سگهجي ٿو. هتي اصل ۾ جاگيردار طبقو حقيقي حاڪم آهي جنهنجي ڪک مان فوج ۽ نوڪرشاهي جو سٽيو ۽ ظالم حاڪم طبقو پيدا ٿيندو رهي ٿو. 'عام ماڻهو' جو ان سرڪل ۾ گذر بسر ڇڻ ممنوع ٿيل آهي.

اڃان تائين پاڪستان جي ننڍين ۽ آزاريل قوميتن ۾ گهربل ساڃهہ، شعور پوريءَ طرح ڪين اڀريو آهي جنهن ذريعي مشترڪ دشمن ۽ پيڙيندڙ 'چتر' شڪتي يعني 'وڏي ڀاءُ' سان مهاڏو اٽڪائڻ لاءِ پاڻ ۾ ايڪو پيدا ڪري سگهن. انهن قوميتن جي 'مشترڪ ۽ گڏيل مقصد' اندر اها 'چتر' شڪتي ماضي جي سامراجي حڪومتن جيان ٻيائي جا ٻج ڇٽڻ ۾ ڪافي حد تائين ڪامياب ڏيکارجي ٿي. جيڪا ڪين (ننڍين قوميتن) وڌيڪ گهري ٻوهي ۾ وجهي سگهي ٿي. ان صورت حال کي ڏسي ڪري مون آڏو سن 1848ع جي 'آسٽرين شهنشاهيت' جي تصوير اڀري آئي آهي. ان 'بيٺڪي راڄ' پنهنجي مقصدن جي حصول لاءِ ميگائر (Magyars) ۽ سلاوَ (Slavs) قوميتن جي ننڍڙين رقابتن جو فائدو وٺي ڪين پاڻ ۾ 'اٽڪايو' هو. جرمن نسلي اڪائي کي زيڪ (Zecks) ثقافتي ڏر سان 'اڙائي' رکڻ ۾ ڪامياب ٿي هئي. جرمني ۽ اٽلي جي انقلابين جي شعوري ڪمزوري جو فائدو بہ پوريءَ طرح حاصل ڪيو هئائين. ان ڪارڻ ننڍين قوميتن جي ڇوٽڪاري، آجڪائي ۽ نجات جو مقصد في الحال مستحڪم نٿو ڏيکارجي. هتي مزيني ۽ گيريبالڊي (Garibaldi) جهڙن اورچ ۽ مخلص رهبرن جي ترت تانگهہ آهي.

اٺاهين صدي عيوسي ۾ جرمني جي بادشاهہ فريڊرڪ دي گريٽ (والٽيئر، ڊيڊرو، روس جي ڪيٿرائين دي گريٽ جو گهرو دوست) جيان انگلئنڊ جو بادشاهہ هينري اٺون (1547-1491ع) پنهنجي اڪٿ ڄاڻ (فلسفو، فن، ادب جي ميدانن ۾) جي باوجود بي پناهہ ظلم، بي شمار جنسي فتوحات ۽ پورالي مزاج سبب ان ملڪ جي تاريخ ۾ يڪتا حيثيت جو مالڪ ليکيو ويندو هيو. پر، سندس بنيادي ۽ بي مثال شهرت ڪيٿولڪ فرقي جي هڪ هٽي کي ختم ڪري انگلئنڊ جي چرچ کي سندس ڊگهي ۽ ظالماڻا جڪڙ ۽ پڪڙ کان آزادي ڏياري ان جي الڳ ٿلڳ حيثيت جو بنياد وڌو.

تاري جي هر مو تي جتي 'رياست' ۽ 'مذهب' جو هڪ ٻئي سان اپوتر دوستاڻو سنبنڌ رهيو هو اُتي 'عام ماڻهو' گهاٽي جي ڏاند جيان پيڙبو رهيو ۽ ملڪ جي سيني ادارن جون پاڙون کوکليون ٿينديون رهيون هيون. پاڪستان ۽ اسرائيل (دنيا اندر) اهڙي ڪرپائتي سنبنڌ جا روشن مثال آهن.

هنڌڙي ان تلخ حقيقت جو ورجاءُ نامناسب ڪونہ ٿيندو تہ تاريخي تناظر ۾ مذهب ۽ سياست سدا هڪٻئي جا ويري رهيا آهن. ظاهري طور ٿورڙي عرصي لاءِ انهن جو 'ميلاپ' صحيح رخ ڏانهن وڌندو نظر ايندو رهيو هو. پر جلد ئي ان غير مقدس ميلاپ سبب عيسائيت، اسلام ۽ هندو ۽ ٻوڌي متن اندر خوفناڪ ۽ اُگرا نتيجا نڪرندا رهيا. بلڪ اڄوڪي وقتن ۾ بہ اهو 'خوني منظرنامو' ڇٽائي سان پسي سگهجي ٿو. پاڪستان ان 'ڪڌي ميلاپ' جو روشن مثال آهي. انهن ٻنهي اڪاين جي دنيا ۽ راڄ هڪٻئي کان بلڪل جدا ۽ مختلف آهي. هتي 'سياست' هڪ سخت، چيندڙ ۽ ٻچڙي حقيقت قرار ڏيئي سگهجي ٿي. پر، هڪ مڪتبہ فڪر موجب، 'مذهب' کي پوتر ۽ جذباتي 'ساپيا' ڄاڻائي سگهجي ٿو جنهن جون پاڙون اسان جي خواهشن، ڀو، ڏندڪٿائي داستانن، بي تڪي وهمن وسوسن اندر اونهيون ڪتل آهن. انهن ٻنهي 'اڪاين' جي هڪٻئي کان جدائي انسان ذات لاءِ خوشي، شانتي ۽ سک جو ساهہ آڻي سگهي ٿي. پر، انهن جو هڪٻئي سان اَپوتر ۽ غير مقدس سنگم سموري سنسار ۾ انسان ذات لاءِ، يقيني طور تباهي، خونريزي ۽ اَڪٿ پوڳٽائن جو باعث بڻبو.

پاڪستان اندر، ان اپوتر سنگم ڪارڻ، اقليتن لاءِ 'انساني اظهار' يا انسانيت جي ڇاهہ لاءِ ڪا جڳهہ، گنجائش ڪونهي. مٿي ڄاڻايل هاڪاري 'انساني رويو' صرف شفاف جمهوري سرشتي اندر واڌ حاصل ڪندو آهي. هن ملڪ اندر جمهوريت اڃان تائين پاڻ کي اندرين ۽ ٻاهرين تاناشاهي کان ڇوٽڪارو ڏيارڻ ۾ ڪامياب ڪونہ ٿي سگهي آهي.

بادشاهہ هينسري وارو، رياست کي مذهب (ڪيٿولڪ متو) کان جدا ڪرڻ جو عمل ساراهہ جوڳو ۽ بهادراڻو قدم ليکجي ٿو. پر، هن حاڪم رياست ۽ مذهب (پرچ آف انگلئينڊ) جو گڏيل انتظام پنهنجي هٿ هيٺ رکي پنهنجي هاڪاري عمل کي داغدار بڻائي ڇڏيو هو.

انگريز، پورچوگيز، ڊچ، اطالوي قومن ۽ سندن رهبرن جي سوچ ۽ عمل جي برعڪس ارڙهين ۽ اوڻويهين صدي جي فرانسسي مفڪرن، اديبن، دانشورن، روسو، مانٽيسڪو، والٽيئر ۽ انسائيڪلوپيڊيا ئي ليکڪ 'بيٺڪيتي راڄ' جي سخت خلاف هئا. (جيئن پاڪستان اندر ننڍين پرڳڻن سنڌ، بلوچستان وغيره جا دانشور ۽ عام ماڻهو، هن ملڪ جي جنم کان وٺي، وڏي ڀاءُ 'پنجاب ۽ فوج' جي 'بيٺڪيتي ذهنيت' جي سخت خلاف رهندا آيا آهن.) ۽ اڪثر ڪري عام فرانسسي سندن ان راءِ سان متفق ڏيکاري ڏيندو هو. روسو درديلي آواز ۾ چيو هو، "معصوم وحشي جو ڇا ٿيندو؟ ڇا ڪيس پنهنجي طور طريقي سان زنده رهڻ

جو حق ڪونهي؟“

مانٽيسڪو شهنشاهيت کي ننديندي چيو، ’اهڙو نظام هڪ تناور، ڦهليل وڻ جيان ٿئي ٿو. ان جون ڏور ڏور تائين ڦهليل شاخون سندس ٿڙ مان خوراڪ حاصل ڪنديون رهن ٿيون. ساڳي طور انسان جتي جنمي ٿو ڪيس ان ڌرتي تي ئي رهڻ جڳائي. ٻيءَ صورت ۾ اڻ چاتل آب ۽ هوا سندس صحت کي هاڃو رسائيندي.“

والٽيئر آمريڪا ۾ يورپي قومن جي ارهه زوراين ۽ ظلمن کي ڪڙي لفظن ۾ ننديندي چيو هو،

”فرانس ڪيوبيڪ (ڪئناڊا جو صوبو) کان سواءِ به خوش رهي سگهي ٿو.“ انسائيڪلوپيڊيا ئي اديبن (ڊيڊرو، ڊي المبرٽ وغيره) جو بينڪيت خلاف ساڳيو مخالفاڻا لهجو ۽ رخ هيو.

پاڪستان جي سرزمين هزارن سالن کان موهن جو دڙو، هڙاپا، مهرڳڙهه جي عظيم شهري جمهوري سڀيتا سان واڳيل آهي. هتان جي تاناشاهه حڪومتن، نوڪرشاهي، جاگيرداري، فوجي ٽولن ۽ مذهبي ڪٽرپنتي ملائيت جي ملي ڀڳت سان شروع کان ئي (سن 1947ع) ان کي موهن جو دڙو جي ’ريپبليڪي سڀيتا‘ کان ڇنڻ ۽ جدا ڪرڻ ۾ وسان ڪين گهٽايو آهي. پر عوام جي رت اندر ان سونهري ۽ انسان دوست تهذيب جا جينس (Genes) گردش ڪندا رهن ٿا. ۽ هن پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ شرط قيمتي جانين جون قربانيون ڏيئي سندن ان پليد ’ڳٽ جوڙي‘ عمل کي اسرڻ کان روڪي رکيو آهي. دنيا جي تورين قومن جي رڳن اندر اهڙو ’پوتر جمهوري خون‘ گردش ڪندو هوندو جهڙو هتان جي عوام جي نسن ۾ روان دوان آهي.

اٺڪل ٽي صديون اڳ آمريڪا جي ساحل تي جارج واشنگٽن، فرنڪلين ۽ روزويلٽ جي اڳواڻي ۾ سچو ۽ صحيح جديد جمهوري نظام قائم ٿيو هو. پر، اهڙي نظام جي نافذ ٿيڻ بعد قانون کي ’جبلت‘ جو حصو بڻجڻ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ ڏيڍ صدي درڪار ٿئي ٿي.

اسان کي پنهنجا پاڙيسري ملڪ، جيڪو پڻ ’موهن جو دڙو، هڙاپا ۽ مهرڳڙهه‘ سڀيتا جي ڪک مان جنميو هيو. جي سهپ، ڪردار جي مضبوطي ۽ سيڪولر سوچ جهڙن ’جيوت عنصرن‘ جي سخت لوڙهه آهي. پراچين سڀيتا ئي ’جينز‘ اسان جي وجود ۾ صدين کان موجزن آهن. انهن سيني وستوئن جي ’مقدس ميلاپ‘ سان اسين مذهبي ڪٽرپٽي ۽ تاناشاهي جي هن ڪمزور ۽ پرندڙ پت کي ڪيرائڻ ۾ يقيني طور ڪامياب ٿينداسون. منهنجو ان فلسفي ۽ فڪر تي پڪو وشواس آهي.

بنيادي طور علامه اقبال ’پاڪستاني اسپرٽ‘ وارو شاعر هيو. ڪابي ڌر (فيض احمد فيض، سجاد ظهير ۽ ٻيا) پاران ڪيس، چند ڏيکاوي ٻولن سبب، انقلابي حيثيت سان پيش ڪرڻ پنجابي لابي (وڏو پاءُ) جو ڳُجهڙو ۽ ظاهري اظهار رهيو آهي. ’اسلامي دنيا‘ (Pan-Islamism) هن جي فلسفي جو بنيادي عنصر ۽ رڪن رهيو هو. شاهه لطيف ڀٽائي جي ’عالمي امن‘ جو متو هن جي سوچ ۽ فڪر جي بلڪل ابتڙ هيو.

ڪالهوڪي يگ جي نامور هندستاني دانشور، فن شناس، سونهن جي ديوي عورتازاد تحريڪ (feminist movement) جي سرگرم هستي عطيه فيضي (1877-1967ع) علامه اقبال ۽ علامه شبلي نعماني (سيرت النبي جو مصنف ۽ عالم) جي نه صرف گهري دوست هئي بلڪ ٻيئي سندس ذات، ذهانت، شخصيت جي سحر ۾ سونهن تي اڪن ڇڪن هوندا هئا. ’سيرت النبي‘ ڪتاب جي اشاعت تي ٿيل سمورو خرچ عطيه جي سفارش تي بيگم ڀوپال طرفان ڪيو ويو هو.

سن 1907ع ۾ لنڊن ۾ ڪنهن غير رسمي گڏجاڻي ۾ اقبال جو پهريون ڀيرو ساڻس تعارف ڪرايو ويو هو. ۽ ان ملاقات کان پوءِ هو ڪائنس ايڏو متاثر ٿيو جو ٻنهي جي وچ ۾ طويل علمي خطن جو سلسلو شروع ٿي ويو. اقبال پنهنجي اردو ۽ فارسي شاعري لاءِ سندس راءِ ۽ تنقيد کي سڀ کان وڌيڪ اهميت ڏيندو هو. اقبال جو استاد پروفيسر ارنولڊ پڻ عطيه جي مهربان دوستن مان هڪ هيو. ۽ سندس موجودگيءَ ۾ اقبال ۽ عطيه جي وچ ۾ جرمن فلسفي تي اڪثر گرماگرم مباحثا ٿيندا هئا.

انهن بحثن کان علاوه اقبال پنهنجي خطن ۾ ڪيس (عطيه) پنهنجي گهرو زندگي جي نا آسودگين ۽ بيزاري جي انتها بلڪ ڪڏهن ’خودڪشي‘ جو به ڪليل اظهار ڪندو رهيو هو. اقبال جي هندوستان واپسي بعد منجهس پستي ڏانهن مائل تبديلي تي اظهاريندي هڪ ڀيري عطيه پنهنجي خط ۾ لکيو هو،

”هينئر هو يورپ ۾ رهندڙ هئا انهن کي سندس خداداد صلاحيت ۽ ذهني بلوغيت جي پلي پت چاڙهئي. پر، هندوستان ڏانهن موٽڻ بعد سندس اها صلاحيت جڻ زنگجي وئي آهي. سمورو شعور ان ذهني پستي کان متاثر نظر اچي ٿو...“

پاڪستان قوم خاص طور ’وڏي پاءُ‘ واري سوچ سان لاڳاپيل دانشور ’مفڪر پاڪستان‘ ۽ عليه الرحمت جي سنگاسن تي ويهاريل علامه اقبال جي شان ۾ اهڙي گستاخي ۽ اها به ڪنهن عورت طرفان، ڪيئن برداشت ڪري سگهيا ٿي. انڪري هن عظيم انسان دوست موسيقي ۽ فن جي دلداده خاتون کي نظر انداز ڪيو ويو. ترڪي جي جڳ پرسڌ ترقي پسند ۽ عورتازاد تحريڪ سان اڻ سڌي طور واسطو رکندڙ اديبه خالده اديب به عطيه سان خاصي گهرائپ رکندڙ هئي ۽ ڪيس اقبال جي دوست جي حيثيت سان سڃاڻيندي هئي.

قرة العين حيدر به پنهنجي جيون ڪٿا ’ڪارِ جهان دراز هي‘ ۾ عطيه جو ذڪر مادام آزوري جي حوالي سان سندس ساراهه ڪندي ڪيو آهي. ڊاڪٽر رشيد جهان ۽ عصمت چغتائي پڻ ’عورتن جي آزادي‘ جو تحرڪ ۽ اتساهه عطيه فيضي جي فيض مان حاصل ڪيو هو.

هندوستان واپسي جي شروعاتي ورهين ۾ اقبال ڪافي مالي ۽ معاشي مشڪلن ۾ ڦاسي ويو هو ۽ سندس چوڻ ۽ اصرار تي عطيه حيدرآباد دکن جي مالي وزير سر اڪبر حيدر (عطيه جو سوٽ) لاءِ اقبال کي سفارشي خط به ڏنو هو. ان کان علاوه سندس ڦرٽي گهرٽي سڀاءَ بابت ڪيس (اقبال) سخت ملامتي خط به لکيو هئائين ۽ سندس ناراضگي کي اقبال ’عتابِ شيرين‘ قرار ڏنو هو. ۽ لکيو هئائين،

”منهنجي دل ۾ شاعري لاءِ ڪو جوش ۽ ولولو ڪونهي ۽ ان جي آمد جي ذميداري به تو مٿان عائد ٿئي ٿي...“

اقبال دلي طور ڪيس ٻي انتها چاهيندو هو پر، هوءَ ڪائنس ڪناره ڪش ٿي چڪي هئي. هڪ ڀيري ترنگ ۾ اچي لکيو هئائينس،

”تنهنجي سنگ ۾ گهاريل اهي ڏهاڙا جيڪي عدم ۾ گم ٿي چڪا آهن. پر، منهنجي دل جي اونهاين ۾ اڄ تائين پساهه کڻندا نظر اچن ٿا...“

سن 1911ع ۾ اقبال ڪيس پنهنجيون ڪجهه اڻ ڇپيل نظمون، جن ۾ ’نواءِ غم‘ نالي مشهور نظم به هئي، موڪليو ۽ اظهاريندي چيو هئائين ته هن بحر ۾ اڳ ڪڏهن طبع آزمائي ڪونه ڪئي هئي ۽ ان ترنم ۾ ڪاش تو کي روبرو ٻڌائي سگهان...“

اقبال جيڪو شاعري کان بيزار هوندو هو ڪجهه عرصي بعد شاعرِ مشرق بڻجي ويو. پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ کان اڳ بمبئي ۾ عطيه جي پاڙيسري محمد علي جناح به ڪيس پاڪستان اچڻ جي دعوت ڏيندي آکيو هو ته هتي اچي مسلمان عورتن جي ترقي ۽ فن جي مختلف صورتن کي اوسر بخشڻ لاءِ ڪيس ضرور آدم وٺائڻ جڳائي وغيره. پر، هتي اچڻ بعد ’اقبال پرست‘ ذهن ڪيس (عطيه کي) ان ڏوهه کان ڪڏهن معافي ڪين ڏني جو هن سندس خط شايع ڪري ’شاعرِ مشرق‘ کي هڪ گوشت پوست جو انسان ظاهر ڪيو هو جو ان وقت تائين هو مفڪر پاڪستان ۽ نيم مذهبي شخصيت ۾ تبديل ٿي چڪو هو.

هي اهو اقبال هو جنهن ڪنهن وقت عطيه کي ’بانگِ درا‘ ۾ سليم جي ناءُ سان ياد ڪيو هو ۽ ٻئي هنڌ سندس لاءِ چيو هئائين:

جستجو جس گل کی تڑپاتی تھی اے بلبل مجھے
خوبی قسمت سے آخر مل گیا وہ گل مجھے

اسلام جي تاريخ نويس علامه شبلي نعماني سندس لاءِ هيءُ مصرعو چيو هو:

”عطیہ تم کو یاد لکھنو ہوگی، تو کیوں نہ ہوگی۔“

پاڪستان ۾ ’اقبال پرست‘ ذهن، ’نظريه ساز‘ رجعتي سوچ ۽ ’وڏي پاءُ‘ جي بينڪيت واري عمل پاران هن عظيم خاتون سان ٿيل ڏولاب ۽ زيادتي تي سوچيندي هينيون شعر ٻڌندو ترندو يادن مان اڀري ايندو اٿم:

”نہ سنو میری داستان، نہ سنو سر گذشتِ بلاکشان نہ سنو۔“

*

ڪڏهن ڪڏهن الائجي چو غربت جي ڏيڻ ۾ ٿاڦوڙا هڻندڙ، پوَ ۽ پوڳٽائن ۾ ڪوڙيل ٻالڪپڻ جي سار ۽ تاس، ستائيندي اٿم. (هينئر ان نتيجي تي به پهتو آهيان ته اهي ٻئي احساس- پوَ ۽ پوڳٽا- اس ۾ هلندڙ ڇاپي جيان عارضي به هوندا آهن.) حالانڪ هاڻي به ساڳيءَ ڏيڻ جي يڪ تي ئي ته ٻيٺل آهيان. لڳي ٿو ته منهنجي سموري حسيت جو گهاڙيٽو وقت جي انهن وٿين ۾ ئي جڙي راس ٿيو هو جڏهن امڙ لاءِ عجب آدر چاهت ۽ ڌرتي ماتا جهڙن نفيس سون ورني احساسن جنم ورتو هو. جيڪي عدم ڏانهن ويندڙ هن مهل به روح تي چنڊ جي ليائيندڙ داغ جيان چهٽيل آهن. هينئر جڏهن به انهن تي نظر ڪُپي ويندي اٿم ته نمرتا احسانمندي ۽ سندس اڻ مئي پيار سڀان سندس چرنن تي سيس ۽ آتما نمي

وينديون اٿم. پر ضمير اندر ’لاپرواهه ڪوتاهي‘ جنهن ڪي پاپ چئجي ته نامناسب ڪين ٿيندو. جو ڇهڪ گهرو محسوس ڪندو آهيان ته سندس ڏوجهرن هيٺ دٻيل ۽ ڪُٻي ٿيندڙ هستي لاءِ آخري ويل تائين ڪجهه ڪين ڪري سگهيو هئس. اگر ڪا ’ماورائي قوت‘ آهي ته ڊانٽي واري دوزخ جي آتش ئي منهنجو مقدر بڻبي (سندس انمول علامتي قدر بار بار منهنجي سار ۾ تاس ۾ ايرندو رهندو.) پاپي ضمير ڪي اعتراف ڪرڻ ۾ هٻڪ محسوس ڪرڻ نه جڳائي. فني، ادبي شاهڪار به ته اعتراف ئي هوندو آهي. انهن ڏهاڙن ۾ سٽيپي ستابي گهراڻن جي سوچ جيئن اُپ مون لاءِ فطرت جي اضافي سوغات ڪونه هو. پر اهو هڪ حقيقي بي انت مشفق ڇت ۽ ڇانوري وانگر هو. غريبي جي انهن ڏهاڙن اندر ڏرتي ڏڪاٽيلن سان گڏ گهاريندي ڪنهن حد تائين سُڌِ پئي هئم ۽ احساس ٿيو هئم ته زندگي جو مفهوم ۽ اهميت ڪهڙي ۽ ڇا هئي؟ ۽ اڃان تائين اهو احساس پساهه ڪٽندو محسوس ڪيان ٿو. ڪو ادبي فني شاهڪار ان جو بدل نٿو ٿي سگهي. ننڍپڻ جي ڪجهه بزدلي ۽ ڪم همٿي جي واقعن تي ويچاريندي شرمساري به محسوس ٿيندي اٿم. شايد، منهنجي ذات ۾ اڃايو جوش، توانائي ۽ ڪڏهن ٿهر جي محور تان ٿڙڻ جو ڪارڻ به ٻالڪپڻي جي ان ناڪاري احساس ۾ ڪُتل آهي. غربت جي دنيا محدود هوندي به لامحدود آهي ۽ بي انت انساني سماج اندر ننڍن وڏن ٻيٽن ۽ ٻيٽارين جيان حدِ نظر تائين ڪوڙهه جي داغن جيان پکڙيل آهي. ڪڏهن ڪٿي ڪو اسيسي، مارڪس جهڙو سنت ۽ ڏاهو پيدا ٿي ڪري انهن ڪي نابود ڪرڻ ۾ جٽيل ڏيکارجندو رهي ٿو. ان اندر گهاريندي ڪڏهن رابنسن ڪروسو بجاءِ رابن هُڊ بڻجڻ جا سپنا پنبڻين تان لهي من ۽ ذهن ۾ باڪونن وارو انارڪي مانڊاڻ مچائي ڇڏيندا هئا ۽ تنهن مهل ڪو راڏا جهڙو ماڪي ۽ ڪير ۾ ڏوتل چهرو پرگهٽ ٿي آکيندو هئم، ’هِتي نه، هُتي غوطو هڻي مٽيا ماٽي سگهندين.‘ هڪ چوٽي موجب اسين غربت بيماري ۽ اڪيلائپ (جنهن جا پڳهه اونهائي ۾ ڪتل رهن ٿا) ۾ ئي پنهنجي قدر، جوهر ۽ اهميت کان آگاهه ٿيندا آهيون. جيڪو انسان ’حال‘ ۾ جيئي ٿو ان ڪي ئي صحيح ڄاڻ آهي ته دوزخ ڪيئن هوندو؟

ڪڏهن فطرت جي بي پناهه حسن ۽ بدن جي سحر ۾ وڪوڙيل سونهن ۽ سڳند پسي اکيون ۽ روح پيڙت ٿيندا آهن ڇو جو اها سموري سندرتا سهڻ ۽ ماڻڻ کان ڏورانهين ٿئي ٿي. ۽ نتيجي ۾ اسان ڪي ڪنهن دائمي مايوسي ۾ ويڙهيو ڇڏي ٿي. ڪڏهن ڪڏهن اهڙي مهل انهن دائمي اداسين جي ڪڪ مان اسان جي خوشين جا پل به جهرٽي جيان ان احساس سان ڦٽي آڏو اچيو بيهندا آهن ته اسين هڪ وساريل مخلوق آهيون. هونءَ به خوشي پاڻ مٿان ڪهل جي احساس واري ناخوشي جي ڄاڻ منجهان ئي ته پلئه پوندي آهي!! اهڙو احساس غربت جي سٽ ۾ آيل وجود اندر شدت سان ايرندو آهي. قدرت ’پاڻ تي ڪهل‘ واري جذبي ڪي مايوسي جو سنگ ائين عطا ڪيو ٿو ڏسجي جيئن بيماري جو ساٿ ڇوٽڪاري سان سلهاڙيل هوندو آهي.

خواهش ايرندي رهندي هئي ته پنهنجا پراوا پاٻوهه پيار ۽ دوستي جو ڳپل حصو مون لاءِ پاسي ڪري رکن. پر مايوسي ئي پلئه پئي ۽ هينئر سڪي ويو آهيان ته جيڪو ڪنهن کان ملڻ ڪپي ان کان به گهٽو گهٽو گهٽ جي اميد رکجي. هڪ قسم جو بي آواز ۽ ماٺ ۾ ويڙهيل نان ڪميٽيڊ ساٿ ۽ سنگ.

ڪڏهن ائين محسوس ٿيندو هئم ڄڻ ڪنهن گفا ۾ باندي بڻائي رکيو ويو آهيان ۽ ان اندران صرف دنيا جو ڏنڌلو پاڇو نظر ايندو هئم. ۽ هوا جي مرڪز اندر فقط ڪنبائيندڙ ولهه جو راڄ هو. ان ڪي ياد ڪندي ڪوئٽا جي يخ بستہ سردي ياد اچيم پئي جنهن جي ٿلهن تهن مان ڪڏهن ڪڏهن سج جي ڪمزور روشني اهنجائي سان ڇٽي ايندي آهي. مان ڪير هيس ۽ ڇا پئي ڪري سگهيس؟ پاڻ ڪي ڦولهڻ جي جتن ۾ محسوس ٿيو هيم ته ان هلڪي سنهي ۽ ڪمزور وجود واري روشني ۾ ئي ته منهنجي سڃاڻپ ۽ وجود رليل هو. جڏهن مون دنيا جي گپت وجود ۾ سمايل سواد ڪي سمجهڻ ۽ ذائقو وٺڻ چاهيو ته ان مهل انڪشاف ٿيو هو ته مان ئي ڪائنات جي مرڪز تي موجود هئس. شدت ۾ ٻڏل ان احساس ئي مون ڪي پنهنجي وايومنڊل کان ڇوٽڪارو ڏياريو. ساڳئي وقت منهنجو ڏيان ’ماٺهن‘ ۽ ’ٻين شين‘ ڏانهن پڻ ڪڇي ويو. ان مهل ئي مون وقت جي بي حساب ٿانَ مان ڪجهه ساعتن جو ٽڪرو ائين ڪٿي محفوظ ڪيو هو جيئن ماڻهو ڪتابن ۾ گل رکندا آهن. ان اندر اهي جيوَ اهڙي ياد ڪي سموئيندا آهن جيڪا محبت جي غير فاني ڇُهاءُ سان ٻن فاني جيئڙن جي ڪجهه ڪنيل گڏيل قدمن مان مهڪندي رهي ٿي. هتڙي ’ڪ‘ جو ڇُهاءُ اُپ جي اپار وسعتن ڪي ڇهندو محسوس پيو ٿئيم. هن مختصر زندگي ۾ وقت ڪي آڳرين جي وٿين مان اڃايو وهڻ نه ڏجي. اهو ويچاريندي منهنجو چنچل من سدا ’پاڻ سان‘ ملڻ لاءِ اتاولو پيو ڏيکاربو آهي.

منهنجي حيات وانگر هڪ اڪيلو، ويڳاڻو بادل اُپ تان هوريان هوريان هلندو ڏيکارجي ٿو. ۽ ان ئي مهل ڄڻ وقت جو ’پل‘ به پيلاڻ ۾ ورتل پسجي ٿو. ۽ مان پاڻ ڪي وسامندو، پڇاڙي جي اوڏو محسوس ڪيان ٿو. اها حقيقت آهي ته مون پنهنجي سانير ڪان پئي لوڙيو آهي. ۽ اها به ڪڙي حقيقت آهي ته مان زندگي جي ڊراپ سين مهل به لوڙيندو رهان ٿو. هينئر مون ڪي خوشي جي لوڙهه قطعي ڪونهي. هاڻي مون ڪي صرف ڄاڻ، علم لاءِ اُڃ ستائيندي رهي ٿي. ممبئي ۾ جو هو بيچ تي اٿاهه سمنڊ ڪي پسندي من اندران هڪ سون ورنو احساس اُپري آيو هئم: پهريائين ائين محسوس ٿيو هئم ڄڻ مون پاڻ ڪي دنيا کان بيگانو ڪري ڇڏيو آهي. پر ان مهل ساحل تي مستي ۽ بيگانگي ۾ جهومندڙ ناريل جي وڻ ڪي پسي ۽ سج جي ڪرڻن ۾ چمڪندڙ سندر ۽ اڻ ڪٽ بيچ ڪي تڪيندي پاسيو هئم ته اهو جدائي جو طلسم رجندو عدم اندر الوپ ٿيندو پئي ويو. ان مهل سُڌ پئي هئي ته حيات جو هر پل پاڻ ۾ نه صرف ڪرشماتي قدر سمايو ويٺو آهي بلڪ ان اندر ابدي جمال جو سندر مُک به جهلڪا ڏيندو نظر آيو هئم.

ڪي ماڻهو حيات جي حسين ترغيبن ڪي تلانجلي ڏئي من جي اُڇل ڪي لڪٽي، يا فن پاري ذريعي آڪار بخشيندا آهن. ۽ سندن هر مايوسي، ناڪامي سندن لاءِ ڪنهن ادبي فني شاهڪار جي روپ ۾ سوغات آڇيندي رهندي آهي. اها سچي، يا ڪڏهن ڪڏهن تصوري تجسيم سندن زندگي جو ’نج سچ‘ اوڳاڇيندي رهندي آهي. منهنجي حيات به منڍ کان اڄ تائين ان ڪُنَ جهڙي موتمار چڪر ۾ گولاٽيون کائيندي رهي ٿي. اهڙي پوَ ۽ مايوسي کان آجڪائي لاءِ ئي ته خانه بدوش جيان ڏيهه ڏيهه رلندو رهان ٿو. حالانڪ اهو ڇوٽڪارو وقتي هوندو اٿم. ڪجهه سمئي بعد ساڳيو ’ندورُو پوَ‘ پرڏيهه ۾ به پنهنجو ڪرپ ڏياريندڙ منهن ڪڍندو آهي. ۽ اُمالڪ ڊُڪي واپس پنهنجي پراڻي ٿاڪ ۾ اچي پناهه وٺندو آهيان. ڪجهه مدت بعد اها پناهه به اُس ۾ پاڇي جيان ٻي ڪٿي بڻجيو ويندي آهي. حيات جو اهو رُخ به مٿي ڄاڻايل موتمار ڪُنائتي چڪر کان گهٽ پيڙا ڏيندڙ ڪونهي. پر، ان لاڳيتي ڊگهي رابنسن ڪروسو واري اڃ وِڄ وجود ڪي روح جي اونهاين تائين Porous بڻائي ڇڏيو آهي ۽ ڪنهن فطري منظر، سريلي آواز ۽ دلڪش مُکَ جو ’اڻ ڇهندڙ ڇُهاءُ‘ به سموري وجود اندر زنده هئڻ جون ڇوهيون لهرون پيدا ڪندو رهيو آهي. ۽ اهڙي نوراني روشني جي اکٺ پندار اندر ابديت جو اهڃاڻ محسوس ٿيندو اٿم. ان قسم جي پٽڪڻ اندر خوشي مزي ۽ سواد بجاءِ هڪ عجب قسم جي ماورائي ۽ محسوس ٿيندڙ روحانيت جو انڀؤ ٿيندو اٿم. جيڪڏهن مان ’ڪلچر‘ وسيلي پنهنجي وجود جي، لاشعور جي اونهاين ۾ جهاتي پائي ڏسان ٿو ته اظهار ۾ نه ايندڙ ’ابديت‘ ڄڻ ڪنهن اپسرائي روپ ۾ پنهنجي سمورين رعناين ۽ جلون سان سامهون اچيو بيهي ٿي. ’رولاڪ‘ بڻجڻ جي نتيجي ۾ ان نئين نڪور ’ڪلچر‘ سان به گهرو سنٻنڌ ٿي ويو اٿم. بلڪ ان چوڻ ۾ وڌاءُ ڪونهي ته ’رولو جيون‘ وسيلي ئي پنهنجي ذات جي ڀيدن ۽ اسرارن ڪي ڄاڻي سگهجي ٿو.

ننڍپڻ ۾ اڪثر وقت خالي ڪيسي واري حالت ۾ گذرندو هو ۽ اهوئي ڪارڻ هو جو مشڪل پسند بڻجڻ سان گڏ اڻ ڄاتل سندرتا ڪي پوپٽ جيان ڦاسائڻ جا ناڪام سعيا به ڪندو رهندو هئس ته جيئن پنهنجي پلڪن تي جميل سپنن ڪي خانه بدوشانه هلت وسيلي شايد حقيقت جو روپ بخشي سگهان ها. پر، ناڪامي جو نوشتو نرڙ تي ئي پڌرو ٿي پوندو هئم. اهڙي سوچ ڪي ’روحاني تڪبر‘ سان به تعبير ڪري سگهجي ٿو ته بنا ڏوڪڙ سپنن ڪي ساپيا به ڏئي سگهجي ٿي.

وقت نشانين ڇڏڻ بنان واريءَ جيان تڪڙو سرڪندو رهي ٿو. جوڀن ۽ دوستين وارا ڏهاڙا جيتوڻيڪ پرپور رسدار خواب آور ۽ نوراني هوندا آهن. پر، بدقسمتي سان ننڍا پتڪڙا ۽ مختصر ٿين ٿا. پر، حيات جي پوئين پهر جا ڏينهن اڪثر ڪري نماشام واري اداسي، مايوسي سان لبريز لڳندا آهن. ۽ انهن جا سنڌا ۽ نشان وڌيڪ واضح ۽ گهرا ٿين ٿا. ۽ انهن اندر موجود موت جو ڇٽو پسجندڙ چهرو زندگي جي ’جوڻا‘ ۽ ’سورهيائي‘ ٻنهي ڪي ساڳئي وقت صحيح مفهوم به بخشيندو ڏيکاربو آهي.

هڪ لڳا رسڪن جي دوست انگريز آرٽسٽ جي ايم ڊبليو ٽرنر جي چرڪائيندڙ پينٽنگ ’برفاني

بالڪپڻ ۾ بلوغت کان اڳ وارن ڏهاڙن ۾ شديد

طوفان' ڪي غور سان ڏسندي ڪوئٽا جا ڪجهه وڏيڪ چرڪائيندڙ 'وقتي ماپا' يادن مان نڪري آڏو اچي بيٺا هئم. پهاڙي مٽي گاڏڙ ۽ ساهه ٻوساٽيندڙ تيز طوفاني هوا ڪي مٿاين تان لهي هيٺائين ميداني دز سان ملي آسمان ڏانهن بانبڙا پائيندي ڏٺو هئم. بلوچ ۽ پٺاڻ روئي وانگر سرڪش ۽ بي ترس-روشن ڏينهن کي ميرانجهڙو بلڪ اونڌائو ڪندڙ! صرف ان منظر جو چتر چٽي ڪونه سگهيو هئم. ٻئي ڀيري دهلي جي لوڌي گارڊن اندر ڪيڏندڙ ٻارن جي هل هنگامي ڪي، هوريان هوريان ائين گم ٿيندو ڏٺو هئم جيئن ڦوڪٽي مان هوا نڪريو وڃي. ٻاهر واري سڙڪ تي (لوڌي روڊ ۽ امرتا شير گل سڙڪ جي جنڪشن لڳ) ساڙيندڙ گرمي جي بي پناهه تپش چپ جيان ٻوجهه ٻڌجي منهنجي وجود مٿان ڪري ساهه ٻوساٽيندي ٿي رهي. ان پلڪ ئي زبان تي بربادي ۽ موت جو ڪوڙو ذائقو محسوس ٿيو. چوڌس چڻ ڪنهن المئي جو وايومنڊل ڇانيل هو. چپن تان چاهت جي چاهنا جي آلاڻ الائجي ڪاڏي الوپ ٿي وئي هئي. چوطرف مايوسي ۽ اُداسي ڪنهن پشاچ جيان ڏند ٽيڙي مرڪي رهي هئي. پنهنجي ڪوتاهي ڪارڻ هيءُ چتر چٽڻ کان بہ محروم ٿي ويو هئس.

ڪرڪي گارڊ چواڻي، ”اسان جي پوڳٽائن جون پاڙون 'مشابهتن' جي تهہ ۾ ڪُتل ٿين ٿيون. ان حقيقت ۾ پختو ويساهه رکڻ جڳائي ۽ سورهيائي سان ساڳئي مهل 'ها' ۽ 'نہ' ٻنهي کي تسليم ڪرڻ کپي.“

پنهنجي ذات اندر هندو رشي (ڏاهي) ۽ مغربي سورهيہ يا سورمي جهڙا گڻ پيدا ڪرڻ کپن. هڪ ٻئي نڪتي موجب، 'جيڪڏهن مايوسي اڻ ٽر پاسي ٿي تہ پوءِ عمل ذريعي اميد جو ڪرٽو روشن رکي سگهجي تہ واهه واهه، ٻيءَ صورت ۾ آپگهات وسيلي ئي ڇوٽڪارو ملي ٿو، ڇو جو پوڳٽا سبب سڀ حق ڪسجيو وڃن ٿا.'

ماضي بعيد ۽ قريب اندر 'قوميتي شعور' جي بيداريءَ وسيع جاگرافيائي اڪاين ۽ عظيم حڪومتن جي وجود اندر ڏارون وجهي ڪين پٽ ڪيو هو: خلافت عثمانيہ، مقدس رومن امپائر، برٽش امپائر، سويت يونين وغيره چيدا مثال آهن. پر انسانيت جو جديد تصور مشرق ۽ مغرب جي وچ ۾ موجود دور ڪي گهٽائڻ جي جتن ۾ ڪنهن حد تائين سڦل ٿيندي نظر اچي ٿو.

تهذيب جي اوسر، گهٽ يا وڌ، نفاست ۽ عمدگي ڪارڻ ڪونہ ٿيندي آهي. ان جاڳرتا سبب ٿئي ٿي جيڪا سمورو عوام هڪٻئي سان ونڊي ورهائي ٿو. اها جاڳرتا نفيس ۽ دلڪش ڪونہ هوندي آهي بلڪ سادي ۽ شفاف ٿئي ٿي. پر، جيڪڏهن تهذيب کي مٿئين پد تي براجمان روشن 'خيال طبقات' (enlightened class) سان لاڳاپيو تہ پوءِ ان کي تمدن سان سلهاڙي سڃاڻپ بخشڻي پوندي. ۽ اهو عمل پهرين کان جدا ۽ مختلف آهي.

اسپينگر مطابق، 'تهذيب ڪلچر جو لازمي ۽ قطعي نتيجو ٿئي ٿي.' ٻئي طرف انگريز جاهه پسند سيسل روڊس چواڻي، 'سامراج واد کي ئي سچي ۽ غير تڪراري تهذيب ڪوٺي سگهجي ٿو. جنهن اندر توسيع پسندي جو عنصر نمايان هوندي آهي.' هڪ ٻئي روپ ۾ اهي عورتون جيڪي جسماني تر شنائن ۽ حواسن جي ارتعاشي عمل تي سڌانتن ۽ متن کي ترجيح ڏين ٿيون.

يعني برهموڪماري مت، انتهاپسند رومن ڪيٿولڪ چرچ، يا جيڪي برهم چاريہ فڪر سان لاڳاپيل آهن. انهن جو ڪلچر آدم ۽ حوا کي هڪٻئي کان جدا رکڻ واري ابتدائي سوچ سان ڪيڏو نہ قريب تر لڳي ٿو.

هونءَ بہ عورت لاءِ 'پيار' کان وانجهيل مرداڻو نرم سلوڪ بہ ڪيڏو نہ گهائيندڙ ٿئي ٿو. پر هتڙي تہ ڪاريءَ وارا ڪڪ ئي نظر اچن ٿا. گهٽي جي ڪنڊ تي بيٺل ڇيڳري عورت اجهل خواهش جو اُهو ڇيبون ڪيندڙ اُلو آهي جيڪو مرد جي نهائين ۾ سدا وڪوڙيو سڪوڙيو پسجي ٿو ۽ پاڻ کي هر دم هڪ قسم جي مانيٽي وحشي پٽي سان توسيع ڏيندو رهي ٿو.

اها ميجل حقيقت آهي تہ ڪلچر ئي تهذيب کي جنم بخشيندو آهي. ان ڪارڻ اٿينس پٺيان روم نمودار ٿيو. يعني يوناني 'آتما' ۽ رومي 'ذهانت' هڪ ڪٿ موجب ڪلاسيڪي دنيا اندر تمندن جي ڪک مان تهذيب چوٿين صدي عيسوي اندر وجود ۾ آئي. ۽ مغرب اندر اوڻويهين صدي ۾ جنم ورتو.

اسين سموري ڄمار پنهنجي شخصيت کي تاتڻ سڌارڻ ۽ نڪارڻ ۾ رُڌل رهون ٿا. پر، پاڻ ۾ جهاتي پائي پاڻ کي چڱيءَ طرح سڃاڻڻ جو جتن ڪريون تہ جيڪر هڪ پل بہ جيئرو رهڻ پسند نہ ڪريون.

منهنجي وجود اندران چلڪي نڪرندڙ سامونڊي ولوڙ وارو ديو مالائي حدون ڇهندڙ 'سچ' مون کان وڌيڪ جاننو ۽ سورهيائي جا ڪنارا ڇهندڙ آهي.

ڪڏهن پنهنجو رت، هوريان هوريان، ٻاروتڻ ۽ ٻالڪپٽي کان جواني جي چوٽي تي پهچي پنهنجي نج ۽ اصلي رنگت بدليو ڇڏيو ٿو. ان ڪؤڙي ۽ اُگري بدلاءُ جو احساس ان گهڙي اوچتو وڄ جي وراڪي جيان ظاهر ٿئي ٿو. جڏهن پاڻ کي ڪانئس اُتاهين چوٽي تان ان راڪشسي راند جو اڻ وسهندڙ لقاءُ پسڻ جو موقعو ملي ٿو. اهڙي ويل من مان شانتي سڪون پر ڪديو اُڏاميو وڃن ٿا. ۽ ان جي جاءِ تي 'اُبليسي فطرت' سان پاڻ کي بحالتِ مجبوري غير مقدس ناهه جي ٻنڌڻن ۾ جڪڙيل محسوس ڪجي ٿو. ان سمجهوتي ۾ دوستي واري چاهت بجاءِ دشمني واري گهاتڪ ڪيفيت ۽ رويو اڀڙڪا ڏيندو ڏيکاربو آهي.

وجئہ ۽ لڇمي جي وحشياڻا روئي کي پسي ان نڪتي ۽ ڏارا ڦاٽ ڪاڏو هو. هنن منهنجي (بلڪ اسانجي) معصوم چاهت ۽ آزادي سان ويساهه گهاتي ڪئي. هڪ جي ذات ۾ ميداني علائقي جي آلودگي ۽ ٻئي جي ٻڻ ۾ وارياسي ڏرتي جي منافقت ۽ دولاب شامل آهن. سندن پيشانين تي 'سزا' کي آڪار وٺندي ڏٺو اٿم.

پل پل جي ڏيکاءُ ۾ جيئڻ جو مطب آهي پنهنجي ذات سان، پنهنجي ئي هٿن ۽ ارادن ذريعي ٺڳي ۽ دوکو ڪرڻ. هونءَ ڇيو ويندو تہ پاڻ کي فقط پنهنجي پيارن آڏو 'ظاهر' ڪجي. ڪيڏي نہ تنگ نظر سوچ آهي. جڏهن عام طور سموري انسان ذات کي پنهنجو سمجهجهي ٿو تہ پوءِ لِڪَ لِڪاءُ عبث ٿيو پوي ٿو. ان طريقي سان پاڻ 'ظاهر' ڪرڻ بي مقصد ڪونہ هوندو آهي. بلڪ ڪجهه 'ڏيڻ' جي آرزو اچلون ڏيندي نظر ايندي آهي. ان عمل ذريعي ماڻهو جي سگهہ، قوتِ ارادي ۽ ڪپت سان مهاڏو اٽڪائڻ جو عزم بہ ٻکندو آهي.

جيڪو هر اوچي آفاقي قدر، آدرش ۽ حق جي حفاظت لاءِ ڪائناتي اصول ۽ عمل ليکيو وڃي ٿو. ۽ اهڙن ٻين ڪمزور 'پوڳٽا ۾ مبتلا روحن' لاءِ بہ اُتساهه جو باعث بڻجي سگهي ٿو.

مون زندگي ۾ 'اڪيلائپ' سبب گهڻو پوڳيو آهي. پر، پنهنجي 'ڳُجهہ' کي اندر ۾ ساندڻ سبب اڪيلاپ جي پوڳٽا يقيني طور پنهنجي شدت ۾ گهٽجي ضرور وئي هئي پر ڊيبل ۽ وڌندڙ اگهاپ جي صورت ۾ وجود کي اُڌوهي جيان لاڳيتو ڪائيندي، ڪوريندي بہ رهي آهي. هينئر ضروري آهي تہ 'پاڻ پلٽي' ان بيهودي چڪر کان 'نروان' حاصل ڪرڻ جو جتن ڪريان. هينئر مان هر حال ۾ 'اڪيلو يا نااڪيلو' پاڻ اٿلائيندو چوري وارن پساهن ڪٽڻ کان پاسو ڪري قلم جو ساٿ ۽ سنگ قائم رکڻ جو عزم ڪيو آهي. پوءِ نتيجو ڪهڙو بہ نڪري!! روشن ضميري ۽ زندگي لاءِ Thurst and Thirst (تاس ئي تاس) جي بہ تہ اهائي تقاضا آهي.

سري رامڪرشن پر مهنس موجب، 'سچو ڏاهو انسان ڪنهن لاءِ بہ نفرت جي ڀاوَنا ڪونہ رکندو آهي. ۽ پوترتا کي ڇسائپ سان سلهاڙجڻ جو جتن ڪڏهن نہ ڪرڻ جڳائي.'

ڏاهي انسانن بلڪ ديوتائن کي بہ جڏهن پنهنجن ۽ پراوَن کان رسيل ڇڪندڙ ڦٽ گهرا ٿي پيڙت ڪندا هئا، يا ويجهن کان پهتل رسوايون سندن آتمائن تي ناسورن وانگر ڇهٽي سمڻ لڳنديون هيون تہ آپي کان نڪري انهن جي 'محرڪن' جو اگر تگر ناس ڪرڻ ۾ ڪا ويرم ڪونہ وجهندا هئا. انهن مان ڪجهه ڀهه ڀهه ڪندڙ نانءُ هن ريت آهن: آسڪروائلڊ، سيفو، لينن، موپسان، بالزاڪ، گاتيئر، وسلر، گاگين، جارج سئنڊ، اندر ديوتا، درواسارشي، ڀڳوان پرسورام، پارگورشي، سري رامچندر جي، ڪرشن مهراج، زيوس، شِوَ، اپولو، ڪالي ديوي، ايفرو ڊائٽي وغيره. هينئر اڃوڪي ڏاهي انسان لاءِ دنيا مخفي يا اسرار جيان ڪونہ رهي آهي. پوءِ بہ الائي ڇو هُو پاڻي تي ڦوٽي مثل ابديت ۽ پر مهنسي قسم جي آدرشواد جي تلاش ۾ سرگردان آهي.

هن مڙهہ جهڙي ٻٽاس ۾ ساهه ٻوساٽجي ٿو...

ڪڏهن مجازي عشق جو جذبو ڦوهہ تي پهچندو محسوس ٿيندو اٿم ۽ اجهل خواهش جنم وٺندي ڏيکاربي آهي تہ جيڪر حسين پيڪرن ۾ ائين جذب ٿي وڃجي جيئن روشني جي الڳ الڳ گولاين ۾ وجود کي وهندو محسوس ڪندو آهيان. سچ جي ٽڏيرڙي نورانيت ۽ ماس جي گداز ملائمت ۾ پاڻ کي پوڳٽائن سميت پڳوئڻ جي چاهت ڪر ڪٽندي رهندي اٿم. سچي تمدن جو وارث، آلائشن کان پاڪ، صرف انساني بدن ئي آهي جيڪو اسان کي پنهنجي محدود حدن کان آگاهي بخشيندو رهي ٿو.

هڪ ياد ڪناري پيڙي ٿي اٿم. هڪ لڱا هماليہ جي دامن ۾ ردر پرياگ ۽ سري نگر (گڙوال) جي وچ تي ايفروڊائٽي جهڙي حسين گنگا جي ايڪانت ۾ ونهنتل ڪنٽي تي پاڻ کي بي لباسي ۾ اشنان ڪرڻ جي شديد خواهش اُڀري آئي هئم.

آلڊس هڪسلي جو خيال ڪيڏو نہ دلڪش آهي، ”ڪنهن بري بوهيمئين، جڙتو امير ۽ ٻئي درجي واري

دانشور جي پيٽ ۾ سٺو نيڪ ’بورجوازي‘ ٿيڻ وڌيڪ بهتر آهي.“

اڄوڪي سياست ۾ انسان جي قسمت اهڙن ماڻهن جي هٿ ۾ آهي جيڪي ڪنهن آدرش يا عظمت کان وانجهيل آهن. اسان کي پنهنجي آدرشوادي سپنن جيان زندگي گهاري انهن کي عملي صورت گري ڏيڻ جڳائي.

انسان جي بري دردشا خلاف اڻاريل احتجاج اندر ئي انقلاب جو جوهر سمايل ٿئي ٿو. ان انقلاب جي گهڻ پاسائين رُخ اندر فن ۽ مذهب جو ازلي متو ۽ متن به موجود هوندو آهي. انقلاب هميشه ديوتائن يا خدا خلاف ايندو رهيو آهي جهڙوڪ پروميٿس (انقلاب جو لازوال آدرش) کان پوءِ وغيره. دراصل اهو ماڻهو پاران انساني مقدر خلاف احتجاج هوندو آهي. تاناشاهه (ڊڪٽيٽر) يا سرمائيدار وغيره صرف ڪٺ پتلين ۽ بهانا هوندا آهن.

انقلاب جي روح يا جوهر کي سندس تاريخي صورتن ۾ به ماپي سگهجي ٿو. پر، ان لاءِ مارڪس جي جذبي ۽ عمل جي اشد ضرورت محسوس ٿيندي جنهن اندر صرف خواهش ذريعي ثابت ڪرڻ جي سختي سان منع ٿيل آهي. ان کي ان جي جوهر ۾ سَتَ ۾ سولائي سان پروڙي سگهجي ٿو. ان نقطي نظر موجب ڪو به فني شاهڪار جيڪو خوشي ۽ خوشحالي جو پيغام بخشي ٿو ان کي به انقلابي قرار ڏئي سگهجي ٿو.

هڪ ڇوٽي موجب عورت جو وات، جوان ڇوڪريءَ جي ڇاتي، ٻالڪ جي پرارٿنا ۽ هَوَنَ جي اگن مان اٿندڙ لوباني دونهون نه صرف سدا پوتر جاتا وڃن ٿا بلڪ انوکي انداز ۾ انقلابي به آهن.

ساڳيءَ طرح جڏهن ڪو ماڻهو وقت جي ڪنهن ماپي ۾ پنهنجي ذات کان اوچو اُٿي فنڪار جي پد تي رسائي حاصل ڪري وٺي ٿو ته ان بدلاءِ کي به انقلابي قرار ڏيڻ غلط ڪونه ٿيندو. جيڪڏهن تياڳ جي فڪر ۽ فلسفي کي بنان ڪنهن هٻڪ جي ناڪامي ۽ بزدلي سان تعبير ڪيو وڃي ته ان عمل کي به انقلابي قرار ڏئي سگهجي ٿو. انقلاب تي ويچاريندي بادليئر ياد اچيم پيو جنهن، ’انساني حقن جي پڌرنامي‘ تي راءِ زني ڪندي آکيو هو ته ان اندر به حق درج ڪرڻ وسري ويا هئن: ’هڪ پنهنجي ذات جي ترديد ڪرڻ.‘ ۽ ’ٻيو سنسار ڇڏڻ جوحق.‘

اسان کي جڳائي ته ڪامياب انقلاب جي شڪتي ڪنهن طبقي کي سونپڻ بجاءِ زندگي کي اوسر جو موقعو ڏيڻ لاءِ عطا ڪئي وڃي.

قديم ڪورنٿ شهر ۾ به اذيت عبادتگاهون هڪ ٻئي سان گڏ بيٺيون نظر اينديون هيون: پهرين هنسا (تشدد) جو مندر، ۽ ٻي ’ضرورت‘ جي عبادت گاهه! اهو به ذري گهٽ، ڪٿي پڙهيو هئم ته هڪ پيري روينا (Ravena) شهر جا رهواسي مقدس alter تان ٻرندڙ موم بتيون لاهي شاعر دانتي جي قبر تي آيا ۽ اهو چوندي ان مٿان روشن ڪيون هئائون، ’اي شاعر، تون مصلوب ٿيل عظيم انسان کان مٿيرو آهين.‘ اها به هڪ انقلابي برانگهه هئي.

’نراسائي‘ جي جڪڙ ۾ ڦاسي- ۽ ڪٿان روشني جو ڇٽي ايندڙ ترورو پسي سوچيندو آهيان ته اها ندوري شيءِ ’احساس‘ جو درجو رکي ٿي. ان ڪري ڪيس دائمي حالت قرار ڏيڻ ڀُل آهي. ڪوئي به جيوَ عام طور مايوسي جي گهيرا بندي ۾ هميشه ڪونه هوندو آهي. احساسن جي اجهل رواني شين جا رجاعي ۽ تابناڪ رخ پسائيندي رهندي آهي. گهڻو ڪري عام جُسائپ، رت پياڪ بزدلي ۽ حد کان وڌيڪ سادگي وچڙيل انساني مسئلن جو حل رتوڇاڻ ۾ تلاش ڪندي رهي ٿي.

موت کان ’ڀَو‘ جي عنصر، يا ان خصيص بدلاءَ جي پاڇي کي ضرورت کان وڌيڪ عزت افزائي بخشڻ ٿيندو، جنهن کي مناسب نٿو چئي سگهجي. گستاوَ فلابيئر پنهنجي پياري دوست ’لي پوئيٽون‘ جي موت تي چيو هو، ’دري بند ڪري ڇڏيو، ٻاهريون ڏِکُ گهڻو حسين آهي.‘

’ڀؤ‘ جي بنياد تي قائم ڪرايل ’عزت‘ کان وڌيڪ نفرت جوڳو ٻيو ڪو عمل ڪونهي. ٽي اي لارينس ڪيڏو نه وٽندڙ سپنو ساپيا جيان پيش ڪري ڏيکاريو آهي، ’المئي کي ايڏو عظيم بڻايو جو بدقسمتي کي لت هڻندو ڏيکارجي.‘

موت، ڀؤ ۽ الميئي جي پردي مان پٽو (ذوالفقار) ۽ نيپولين نروار ٿيندا ڏيکارجن ٿا.

”فانتينيز، سُدِ اٿئي ته دنيا ۾ ڪهڙي شيءِ وڌيڪ اچرجدائڪ لڳندي اٿم؟“ نيپولين چيو، ’ڪنهن شيءِ يا نظام کي قائم رکڻ ۾ فوج جي نااهليت، دنيا اندر صرف به قوتون آهن. تلوار ۽ ذهن. لاڳيتي جدوجهد جي آخري نتيجي ۾ ذهن هيشه تلوار مٿان سوڀارو ٿيندو رهندو.‘

ڪيڏو نه املهه خيال آهي، ٻئي طرف اُپو ترتا، ڏانڌلي، زورازوري ۽ ڪنهن حد تائين سياسي ساجاهه ۽ دانشوراڻا ڪلچر پٽو جي فطرت ۽ سڀاءَ جا ائين اڻ ٽٽ جُزا هئا جيئن ڪانئس گهڻو اڳ ۾ (1417ع) اٽلي جي ڪنهن رياستي حاڪم، جي. ملاٽيسٽا (J. Malatesta) جي وجود جو حصو هوندا هئا. هوءَ به گهڻن ماڻهن کي اها سُڌ ڪونهي ته سياست اندر ’برابري‘ (equality) واري متي جا اهڙا انيڪ قسم آهن جيڪي آزادي جي نفي ڪندڙ ٿين ٿا. جيئن قديم يونان اندر آزاد انسان موجود هو. پر ساڻس گڏ غلامن جو به انبوهه هوندو هو. ڪڏهن به انسان جي آزادي جي خواهش کي ان ڀهاني رد نه ڪرڻ جڳائي ته هُو ان جو استعمال صحيح ڪونه ڪندو. شايد اهوئي ڪارڻ هو جو گوئٽي سياست کي شاعري جو موضوع بڻائڻ کان نابري واري.

ڪراچي جي ڇچريون ڇچريون زندگي ۾ پنهنجو حال به گهڻو مختلف ڪونهي. ڪيئي عڪس نهندا جڙندا نمودار ٿيندا رهن ٿا. ممبي جي ياد تري آئي اٿم. جو هُو جي ساحل تي چاندوڪي رات جي ڪوريل خاموشي ۾ سمنڊ جا اُڀريل اُرهه جا بجا چلڪندا پئي نظر آيا ۽ پرسان نازڪ ڇيلهه جهڙن ناريل جي نچندڙ وڻن جو ڪتڪتائي پيدا ڪندڙ منظر ۽ چادر جيان وڇايل واري مان اٿندڙ عجب خوشبو نشي آور ڪيفيت طاري ڪري ڇڏي هئي.

اسلام آباد جي پٿر ۽ ڪانڪريٽ مان جوڙيل فيصل مسجد ڏکهي ٿيندڙ آگر جيان اُڀ ڏانهن، خار مان، اگرو اشارو ڪندي پاسندي اٿم. ان اندر مابعد الطبيعاتي، اخلاقي- ۽ عباسي دور واري جمالياتي ڪيفيت به جهلڪندي ڏيکاربي اٿم.

قديم يوناني شاعر پندار (ڇهه سو ق.م) جو هينيون شعر جڻ ويدڪ سلوڪ پيو پاسي،

’او منهنجي زندگي، غير فاني رهڻ جي چاهت کي پٽي ڦٽو ڪر- صرف ممڪنات جي حدن کي ڇهڻ جو سعيو ڪندي رهه.‘

ههڙي من موهن مُک کي زندگي گهارڻ جو موقعو ئي ڪين مليو سگهيو. سندس اڻ ڳاٽل گيت ۽ دلڪش چهرو، اونهاين مان وهندڙ سندس سريلو آواز، پکيءَ جهڙي سندس آزاد زندگي- مان به ته اهائي ٿي چاهيم.

انهن انسنن ۾ سوچن کان آجڪائي؟ هن جهان ۾ ناشدني. اڳتي بي انت گهگهه اونده. سنسار اهڙو منظرنامو بڻجي ويو آهي جيڪو سمورو ئي اجنبي ۽ اوپرو ٿو لڳيم.

هن جڳ مان حاصل ٿيل موڙي: جم ۽ موت- ۽ وچ واري وٿي ۾ ڏور ٿيندڙ ’حسن‘ ۽ اوڏو ايندڙ ’اُداسي.‘

مون مٿان عيسائيت جو گهرو اثر انڪري ڪونهي ته اهو دنيا جو عظيم، يڪوجوديت ۾ ايمان رکندڙ مذهب آهي. بلڪ انڪري آهي جو ان ’انسان‘ کي خدا ڪري پيش ڪيو. پر افسوس جو ان جي سچائي ۽ عظمت صليب واري واقعي ڏنڏلائي ڇڏي. جنهن ۾ ڪيس ’پاڻ، پنهنجي ذات کي وسارڻ‘ جي سلسلي ۾ ٻاڏائيندي ڏيکاريو ويو آهي. اگر اسين نئين عهدنامي جي آخري صفحن کي ’ڏکي‘ ڇڏيون ته پوءِ عيسائيت ’تنهائي ۽ انساني ڏهڪي‘ وارو مذهب نظر ايندو.

”پاپ کان آجڪائي حاصل ڪري ماڻهو ڪڏهن جيئرو رهي ڪين سگهندو، سندس جياپو تقدس کان ڇوٽڪاري سان سلهاڙيل آهي.“ ان نڪتي کي ائين ڪري سمجهجي جيئن ’جاودانيت‘، ’ابديت‘ ۽ ’لافانيت‘ واري سوچ يا نظرئي جو مستقبل واري جي گهر جيان آهي. ان کان علاوه آدم ۽ حوا جي ابتدا به ته پاپ تي بيٺل سوچ سان ئي ته ٿي هئي.

جيڪڏهن مغربي فن کي ڳوڙهائي سان ڏسبو ته هو اسان جي تصور کي ’نمونن‘ جو اڻ کٽ پندار پهچائيندو رهيو آهي. ۽ عام طور ان جي ادبي تاريخ کي به واچڻ سان سُڌِ پوي ٿي ته اها به اهڙن نمونن تي بيٺل مختلف لاڙن روين ۽ موضوعن جو اظهار ڪرڻ ۾ ڪانئس پنتي ڪونهي. گهڻو ڪري اولهه جي زندگي جي جزيات کي به انهن مهان ۽ ناماياري نمونن ۽ عڪسن کي تقويت بخشيندو ڏيکارجي ٿو. جهڙوڪ، فائوسٽ، منفريڊ، يان وان، نارسيسس وغيره بعض اوقات انهن عڪسن سان نباهه ڪرڻ ۾ به ڪامياب ڪونه ڏيکاربو آهي. صرف انهن سان ايڪي ۽ اتحاد جي پريت لڙي قائم رکڻ جي جستجو ۾ يڪساهي هلندو ڏيکاربو رهي ٿو. ان پٽ ڪوهه ۾ انيڪ فلمي هيرو جهڙا ڪردار به سرجيندو رهي ٿو.

قديم يوناني ڏاهي ۽ دانشور پلوٽارڪ مشهور يوناني سورمي ۽ ساجاهه ونڊ ’السي بيئڊيس‘ جي حيات بابت ڄاڻائيندي لکيو هو، ’اسپارٽا ۾ رهائش دوران هو ڪسرتن ۽ بدن جي ورزشن ڏانهن هڪ منو ٿي ڌيان ڏيندو هو انڪري سندس جسم ڦڙتيلو ۽ رڪ جيان سخت هو. ’آيونا‘ ۾ رهڻ دوران عياشي راڳ رنگ ۽ بدمستي سندس سنگي ۽ ساٿي هوندا هئا. ’ٽريس‘

وارن ڏينهن ۾ 'پيئوڙي يار جيئوڙي يار' سنڌس متو هوندو هو. 'تيسلي' ۾ قيام دوران گهوڙي سواري ۽ پاڻ هم معنيٰ بڻيل رهيا. ۽ جڏهن ايراني امير ۽ حاڪم 'تيسافر نيس' سان هم مشرف بڻيو هو ته ايرانين جي دبدبي، جاهه ۽ شان ۾ ڪانئن گوءِ کٽندو ڏيکاربو هو."

هڪ فرق کان علاوه اياز جي شڪارپور، سکر، حيدرآباد ۽ ڪراچي ۾ گذاريل زندگي 'السي' جي حيات سان ڪيڏي نه مشابهت رکي ٿي. ڪراچي وارن ڏهاڙن ۾ هن حضرت دائود وانگر مولود مناجات لکيا ۽ موت جي پوَ ۾ ڪنبندي سنڌس نڙي ۾ 'واگهه نک' ڦاسي پيو.

منهنجي حيات ۾ ته اهي اندلني رنگ، لاها چاڙها ۽ بدلاءُ پاڻي تي ڦوٽي جيان سطحي، ڪاغذي ۽ مايا وي بلڪ 'هڪ ڪرا' رهيا آهن. تڏهن ته رشيد پٽي چيو هو، 'واهه ڙي رنگي تنهنجا رنگ، ڪٿي ٿو خلقين بوتل جا جن، ڪٿي حنيف ملنگ.'

زندگي جي ڪنهن موڙ تي اهڙو پل به ايندو آهي جڏهن محبت جو سلو ڪومائجي ويندو آهي. ۽ ان جي نويڪلي جاءِ 'الميو' اچيو والاري ٿو. ڪنهن لاءِ جيئڻ، يا ڪنهن مقصد لاءِ پساهه کڻڻ جڻ بي معنيٰ بڻجيو وڃي ٿو. صرف، شايد ڪنهن لاءِ مرڻ جي خفيف خواهش پتڪڙي روپ ۾ رهجيو وڃي ٿو.

29 مارچ (خميس) وارو ڏينهن منهنجي روح تي بدبودار ناسور جيان چهٽيل آهي. ۽ رهندو. ان نامراد ڏينهن 'پنهنجي رت' جيڪا آلوده نظر آئي هئم. طرفان ويساهه گهاتي. دوکي ۽ نسوري ڪوڙ ۾ پڌل اندر وانگر هلايل Thunder Bolt جڻ سموري وجود کي ڇچري ڇڏيو هو. جڻ پاڻ کي طوفاني اونڌاين، گردابن ۾ ڳولاٽيون کائيندو، پاتال جي اونهاين ۾ لهندو محسوس ڪيو هيم. اکين آڏو اونداهه ۽ هوش حواس گم ٿيندا محسوس ٿي رهيا هئا. پنهنجي شناخت کي اڻ ڇتائي سان ڏند ۾ ويڙهجندو وڪوڙجندو پسي رهيو هئس. جسم پگهر ۾ شل ۽ نڙي سڪي ٺوٺ ٿي وئي هئي. ائين پئي سمجهيم جڻ دهلي وارو سنه 2005 (اڄ) جولائي جو شديد دل جي دوري وارو واقعو ۽ منظر ورجائجي رهيو هو.

نر ۽ مادي جي روپ ۾ پرسان ويٺل ٻن بدبودار 'وجودن' جڻ دماغ مائوف ڪري ڇڏيو هو ۽ اُپ ساهي سبب ساهه کڻڻ ۾ سخت تڪليف محسوس ڪري رهيو هئس. زبان جڻ چمڙي جيان ٺوٺ ۽ اسپنج وانگر سڄندي محسوس ڪيم ۽ ڳلي مان آواز جهڪو، اُلٽي وانگر نڪري بي ساهو ڪندو پئي ويو. اِهي وجود سينائي ريگستان اندر عيسيٰ سان وڙهندڙ ٻن شيطانن جيان پاسي رهيا هئا. پنهنجي شديد نامرادي کي پسي جڻ ڳوڙها به خشڪ ٿي ويا هئا. پاسا بدلائيندو پئي رهيس ته مبادا متو شديد سور سبب ڏري نه پوي.

پنهنجي وجود جي ٻن، بظاهر هاڪاري، حسن جي آمد بعد هوريان هوريان سامت ۾ ايندو رهيس. پر، نظرن آڏو پنهنجي سڃاڻپ جي اڻ ڇتائي، سامهون موجود بدبو ۽ پشاچانه وايومنڊل جڻ منهنجي وجود کي ميساري، ريتي رهيا هئا. چوطرف مايوسي، نامرادي ۽ بدمعاشي جو وحشيانه راڄ هو. ويساهه گهاتي جي ان اپار رڻ پٽ ۾ ڪو چانورو، خياباني ٽڪرو نٿي نظر آيم. چئني ڏسائن کان 'پاڻ ميسارڻ' (renunciation) يا (Mortifying the Body) جون آڪار وٺندڙ صدائون بلند ٿي رهيون هيون: نارمل خواهشون، پنهنجا جائز حق، پنهنجون ننڍڙيون چاهتون، پنهنجو ڪامن سينس، ڏاهپ، ذهن، قلم- پنهنجي حيات، ٻنان پساهه، بدبودار وجودن جي 'شيطاني چڪر' مٿان قربان ڪرڻ جي اجهل فرعوني تقاضا! ان 'احساس' اندر گهارڻ جو حڪم جنهن کي 'محسوس' ڪرڻ جي سخت منع ٿيل هئي. مان جڻ هڪ نه پڄندڙ 'رڄ' جي روپ ۾ بدلجي ويو هئس. هڏ ماس جي دنيا ۾ داخل ٿيڻ کان ڇرڪي رهيو هئس. ان پليد جوڙي جي اکين ۾ اڇلون ڏيندڙ بي غيرتي ۽ نر لڄائي پاڪستاني وڏشا گهرن ۾ گهمندڙ 'دلن' جي اکين ۾ به ڳولهيو ڪين لڀندي. اهو سمورو 'سچ' عيسيٰ جي مصلوبيت واري منظر جي وقت جي ساعتن سان مشابهت وٺندو، ڏيکاريندو محسوس ڪيو هئم. ائين پئي لڳو جڻ سينٽ اِگناشيئس (St. Ignatus) زوريءَ چورائي رهيو هو:

"اي خدا، هيءُ سڀ ڪجهه پنهنجي آزادي، پنهنجي سوچ، پنهنجي يادداشت، دماغ، پنهنجو عزم تنهنجي آڏو پيٽا رکان ٿو. جيڪو مون وٽ آهي. جيڪو مان آهيان. سو سڀ تنهنجو ئي ته ڏنل آهي. ۽ تو کي ئي موٽايان پيو ته جيئن تنهنجي ئي مرضي مطابق محڪومي ۾ رهان. صرف تنهنجي پيار ۽ رضا جي ضرورت اٿم. انهن پلاين کان سواءِ ڪا چاهنا ڪونه اٿم."

حيات جا اهي لمحا ايڏا ايذائيندڙ ۽ اپار آهن جن کي موت به ماري ڪين سگهندو. انهن ساعتن ۾ منهنجي ذات جي اجهل ۽ ڦهلجندڙ پوڳڻا تجسيم ۽ آڪار وٺندي نظر آيم. جيڪا بدقسمتي سان پراوَن پارن پلئه ڪين پئي هئي.

ياد پويم ٿو ته چوٿين صدي قبل مسيح جي جهوني يگ ۾ يونان جو مشهور ڀهڳٽو شاعر الميه نگار سوفوڪلس (Sophocles) ۽ مدبر ناميارو مقرر، قانون دان، فن شناس ۽ جنرل پيري ڪلس (Pericles) به پنهنجي زندگي جي آخري ڏهاڙن ۾ نرينه اولاد جي ڪڌين ۽ ويساهه گهاتي چالبازين ڪارڻ بيحد ڏکي ٿيا هئا. شاهه جهان به پنهنجي حيات جا آخري ورهيه آگري جي قلعي جي ڪال ڪوٺڙي ۾ اورنگزيبي اذيت ۽ دائمي اڪيلائپ ۾ گذاريا. ۽ سنڌن جيون گوتم ٻڌ جي 'سرو دڪم دڪم' جي پرسوز تصوير بڻيل رهيو.

غلاظت ۾ ثقيل سنڌس زندگي تي ويچاريندي اولهائين ملڪن جي پهاڪي نما هڪ روايت ياد آئي اٿم:

My son is my son till he gets him a wife, But my daughter's my daughter for all her life.

(منهنجو پٽ ايستائين پٽ رهي ٿو جيستائين شادي ڪونه ڪئي اٿس. پر منهنجي ڌيءَ پنهنجي سموري ڄمار ڌيءَ جو درجو ماڻي ٿي.)

سنڌس ڪلچٽي ارڌانگي بابت سوچيندي جيمس باسويل (James Boswell) جي پينٽنگ نما مختصر نظم ياد اچيم پيو جيڪو مذڪور ترياٽي جي باري ۾ اڳڪٿي جيان پاسي ٿو:

هني مون جي سُهاين راتين ۾،
آءُ 'ڪيٽ' جي ناز ۽ ادائين جي گهيري هيٺ
ڪيس دير تائين ۽ جلد پيار جي پاپوهه ۾ جڪڙيندي منڙي 'پلونگڙي' جي ناءُ سان سڏيندو هئس.

"پر، هينئر اهو پلونگڙو 'ٻلي' جي صورت اختيار ڪري چڪو آهي. ۽ ٻين گهر وارين جيئان مهاڏو اٽڪائيندو ڏيکارجي ٿو. آهه! منهنجا دوست، مان پنهنجي جان جو سنهن کڻي چئي سگهان ٿو ته ڪيس مشهور ضرب المثل جهڙيون نوَ حياتيون مليل آهن."

ڪردار سونهن هر جڳهه، هر اظهار ۾ موجود هوندي آهي بلڪ بدي ۽ برائي (ugliness) اندر به پسي سگهجي ٿي. قديم يگ ۾ پلاٽينس (Plotinus) پهريون پيرو ان حقيقت ڏانهن اشارو ڪندو ڏيکارجي ٿو. برڪ (Burka) ان صورت جي وضاحت ڪندي ان کي Sublime ڪوٺيو هو. پر، هن بدنصيب جوڙي اندر اها 'سونهن' جنمن کان ڪؤ ڪائيندي ڏور رهي آهي.

ڪڏهن اڪيلائپ جي جڪڙ ۾ هُنَ پار رهندڙ پنهنجي ارڌانگي جي ڀاڳ تي رشڪ بلڪ ايرکا پيدا ٿيندي اٿم ته ڪيڏي نه ڀاڳوان آهي جو اسان ٻنهي جي گڏيل رت جي ڪجهه جميل، آلوده، ٻٽاس ڏيندڙ زهريلي حصن ۽ جُزن کان محفوظ ۽ بي اوني آهي. شِوَ (Shiv) قسمت وارو هو جو اهڙو زهر سنڌس ڪنٺ کان هيٺ لهي ويو. پر منهنجي نرگهٽ ۾ ناسور جيان ڦاٿل آهي.

جيئوٽيڪ مون منجهه گجندڙ حسيت (Sensibility) پنهنجو مٽ پاڻ آهي. پر، مختلف وقتن تي بي قياس ڏکن ۽ صدمن ذهن ۽ روح کي جڻ ڦيهي ۽ ڦٽي ڇڏيو آهي جن جا ديرپا اثر بي ڪٿي جسماني حالت کي پسي محسوس ڪندو رهان ٿو. ننڍپڻ کان هن مهل تائين منهنجي وجود اندر ظلم، پاکنڊ ۽ ارهه زورائي خلاف نفرت جو جوالا مکي جڻ اپڙڪا کائيندو ڏيکارجي ٿو. ڪوشش ڪندو رهان ٿو ته فن ۽ ادب جي ميدانن ۾ پنهنجي سامت ۽ شناس کي برقرار رکي سگهان- الائجي ڪيستائين؟ **(هلندڙ)**

مرتضيٰ ناز

زندگي مصلوب آهي
بي حسيءَ جي ٽياس تي

اَن ڪٽي خاطر خدا
بندگي مصلوب آهي
بي حسيءَ جي ٽياس تي

شهر جي هر چوڪ ۾
دوستي مصلوب آهي
بي حسيءَ جي ٽياس تي. ■

ڏيهين جي لڏپلاڻ

آهي ڳالهه ڳري، اورِيان تان اَڏَ ٽيان



يوسف شاهين

ڳالهه پڇان تو، واڪي وڏي
پرت منجهاران، سَڀَ ڪي سڏي
ڪَهڙيءَ ڪاڻ ويا، لالڻ هتان لڏي
ڇنا ڇپر ڇڏي.

❁

جي هينئڙي ساڻ هئا، سي ڏُريئون ٽيا ڏارَ
پڇان تنين پارَ، ڏهه ڏهه پيرا ڏينهن ۾.

❁

ڏهه ڏهه پيرا ڏينهن ۾، هينئڙي پُون هولَ
آهن ياد اجان، سي آلودا انمولَ
ٻيلي تن جا ٻولَ، مُور نه وسرن مون.

❁

هينئڙو هيڪلو، هتئون وڃي هاڻ
الا، ڪهڙيءَ ڪاڻ، مارن مون وساريو.

❁

وهين ويڙهيچن ري، ڪين سري سوُن
ويا هن وٿاڻَ تان، پيري وڏو پُون
جيڪي ڏنو مون، سو ساري وَر وَر ساهُ ڏيان.

❁

ايڏي ڪوه اُڪيرَ، لڳي اڄ لاهوتين جي
ويا هِن وٿاڻَ تان، ميڙو ڇڏي ميرَ
سي لانگهائو لڪميرَ، ڪڏهن ايندا ڪاڪ تي؟

❁

مور نه وسرن مون، ٻيلي جن جا ٻول
سي آلوداَ انمولَ، ڪڏهِ ايندا ڪاڪ تي؟

❁

پَلِ پَلِ مون پَچارَ، آهِ آديسين جي
هلَيا ڪَري هيڪلو، ”يوسف“ سندا يارَ
سي لهندا ڪڏهِ سارَ، ڪڏهِ ايندا ڪاڪ تي.

❁

جاجڪُ جيءَ ۾، جايون اڏي
سڏي سَڀَ ڪي، واڪي وڏي
لڏي لالڻ ويا هِتائون، ڇنا ڇَپَر ڇڏي.

❁

جاجڪُ جيءَ ۾، ساجَنَ ساري
هنجون هاري، سڀ سنياري
ڪانگَ اُڏاري، وَرَ وَرَ پاٽا واري.

❁

جاجڪُ جيءَ ۾، پُڇي پارَ
هيئين هارَ، ڪنهن ڪئا ڏُريئون ڏارَ
مارَ پوي تَنِ ماڻهين، ڏَنگا جنين ڏارَ
سي سوريءَ سزاوار.

مور نه وسرن مون، پرينءَ سندا پارَ
جان جان روڪيان جيءَ ڪي، تان تان ٽئي سارَ
جي هُئم هيئين هارَ، سي هاڻ نه رهيا هتهين.

❁

ساري سنگهارن ڪي، هِڏڪي اُٿيو هانءُ
ويا هن وٿاڻ تان، نينهَ ڇني نانءُ
جايون اَڏيان جيءَ ۾، انهن ڪاڻ آنءُ
ڪڏهن لوندو ڪانءُ، ڪڏهن ايندا ڪاڪ تي.

وائيون

ڪَڪَ اباٽا، هيرن هاٽا، رويو پڇي راڳي!
مَنَ ويراڳي، جهومي راتيون جاڳي،

ساڳي صورت، ساڳي سيرتَ، ساڳي سنڌ سياڳي.
رويو پڇي راڳي، مَنَ ويراڳي.

ساڳي مٽيءَ ڪاڻ مگٽو، سينَ هٽي اڄ ساڳي.
رويو پڇي راڳي، مَنَ ويراڳي.

ساڳي ٻوليءَ ۾ ڏني، امڙ لولي ساڳي.
رويو پڇي راڳي، مَنَ ويراڳي.

واڳِي ٽي ورَندا يوسف، لنئون جنين سين لاڳي.
رويو پڇي راڳي، مَنَ ويراڳي.

❁

آهي ڳالهه ڳري، اورِيان تان اَڏَ ٽيان
جا ٻيڙي ٻُڏي سيرَ ۾، ايندي تار تري
آهي ڳالهه ڳري.

هيڪائي هيڪ ٽين، واڍوڙيا ورِ
آهي ڳالهه ڳري.

جهَلَ ٽيندي جهانءِ ڪي، پوندا ڏُڪَ ڏرِي
آهي ڳالهه ڳري.

وڇڙيا جي وطن ڪان، وَرَن ماڳ وري
آهي ڳالهه ڳري.

ٿُهان ڏاران سُپرين، ساعَتَ ڪانه سرِي
آهي ڳالهه ڳري.

يُوسِفَ هت هاڪارئو، ڏي خَبرَ ڪرِي
آهي ڳالهه ڳري.

نظم

آهي نه ڪنهنجي
جهڙي پنهنجي پونءِ پلي آ !

هيءَ ڳالهه اُنهن جي آهي
جي ويا مُنهڙو مَٽائي

تو لئہ راٽا، هيرن هاٽا
سڀ پُڇن ٿا
تو ڪي ساريو، سڀ لُڇن ٿا
ڇڏي ماٽا، هاڻ هلي آ
پنهنجي سَهنجي، پوُنءِ پلي آ
آهي نه ڪنهنجي، جهڙي پنهنجي
پُونءِ پلي آ، هاڻ هلي آ
ڇڏي ماٽا، هيرن هاٽا، هاڻ هلي آ

پَٽَ پيارا، نِتِ نظارا
تنهنجو پُڇن، سيئي سارا، جيءَ جيارا
هٽيو نعرا ور ور ورجائين
آهي نه ڪنهنجي، جهڙي پنهنجي
پوُنءِ پلي آ، هاڻ هلي آ
ڇڏي ماٽا، هيرن هاٽا، هاڻ هلي آ

اَڇن شالَ، ڪري پالَ
ٻُڏان ٻيهر
ٻولَ اُنن جا، قولَ اُنن جا
ٽين وري ڇئوٻولَ اُنن جا
وَڻَ وَڻَ وائي، آهي اِها ئي
پنهنجي سَهنجي پوُنءِ پلي آ
آهي نه ڪنهنجي، جهڙي پنهنجي
پونءِ پلي آ، هاڻ هلي آ
ڇڏي ماٽا، هيرن هاٽا، هاڻ هلي آ

اُپو يوسفُ، نِتِ نهاري
سَڄڻَ ساري، ڪانگَ اُڏاري
هي وڇوڙو، هاڻ ماري
ڪيئن گُذاري
هيڪلُ هيڪلُ، هَنجون هاري
هيئن چوي ٿو
پنهنجي سَهنجي پُونءِ پلي آ، هاڻ هلي آ
آهي نه ڪنهنجي جهڙي پنهنجي
پُونءِ پلي آ، هاڻ هلي آ
ڇڏي ماٽا، هيرن هاٽا، هاڻ هلي آ. ■

غزل

سونهن بخشي تو جي منهنجي چاهہ کي
ڪيئن سنڀاليان آئون پنهنجي ساهہ کي
ڏِس چپن تي آ اچان تائين نمي
مون چُميو آ سونهن جي ساراهہ کي
ڄامشوري ۾ لهي تو وين تان،
حُسن بخشيو آ سِنڌو درياهہ کي
آهي رڳ رڳ ۾ لُهو منصُور جو
گهر اسان سمجهون ٿا مقتل گاهہ کي
من مُنجهايو پيچرن جي سِلسلن
ڳولي ورتم نيٺ وچڙيل راهہ کي
يادگيرين جو ڏيئو هر شام جو
ٿو اُجاري عشق جي دَرگاهہ کي
آسرو عاطِر پلي، مجبور دل
ڏئي گُهٽو ماري ڇڏيو ويساهہ کي.

*

سمنڊ پُراسرار مونکي ڪونہ آيو سمجهہ ۾
تو ڪيو جو پيار، مونکي ڪونہ آيو سمجهہ ۾
رُوح سان مُون دوستي جي باب کي آهي پڙهيو
بي رُخي جو وار مونکي ڪونہ آيو سمجهہ ۾
زندگي، توسان شڪايت ڪابہ ناهي دل جي پر
روز جو تڪرار مونکي ڪونہ آيو سمجهہ ۾
پنهنجي پلڪن سان ٻُهاريا مون سمورا گس گام
درد جو جنسار مونکي ڪونہ آيو سمجهہ ۾
مونکي لاوارث سُمجهن ٿا ڳوٺ جا ماڻهو سيئي
راڄ جو سردار مونکي ڪونہ آيو سمجهہ ۾
پيار منهنجي کي ڏسي ٿو ڏُوڙ جي چِپٽي جيان
دل جو دعويدار مونکي ڪونہ آيو سمجهہ ۾
روبرو واڪاڻ عاطِر ۽ پُٺيان ساڳي گِلا
يار جو ڪردار مونکي ڪونہ آيو سمجهہ ۾.

*

تو پُڄاڻان، سچي ڪسي ورتي
عشق آسودگي ڪسي ورتي
ديپ گهرجا اُداس اداس آهن
چو هوا روشني ڪسي ورتي
رحم سيلاب کي نہ آيو ڪو
گهر ڪچي جي مِٽي ڪسي ورتي
هٿ زخمي ڪيا ٽُٽل چوڙين
درد، آوارگي ڪسي ورتي
پهريدارن ڪيو سِتم ڪيڏو
مون کان تنهنجا گهٽي ڪسي ورتي
لُڙڪ عاطِر رهيا نہ نيڻ ۾
ماٺ پي، عاجزي ڪسي ورتي.



حنيف عاطر

هڪڙي جُهوني مڪان ۾ آهيان
آئون ڪهڙي جهان ۾ آهيان
دوست، دُشمن جيان اڳيان آهن
مان وڏي امتحان ۾ آهيان
ناءَ منهنجي جو ذائقو هوندو
آئون تنهنجي زبان ۾ آهيان
مونکي ٻرندي ڏٺو هوائن هو
اڄ بہ اُن جي گُمان ۾ آهيان
پَل کو ميلي ۾ ڳولي، پر آئون
هن جي دِل جي دُڪان ۾ آهيان
اوسي پاسي پٽائيؐ آ منهنجي
ڪيڏو عاطِر امان ۾ آهيان.

*

ٿي نہ هُن ساڻ گُفتگو آهي
دل اسانجي لهُو لهُو آهي
مونکي گُهرجي ٿي خاڪ پيرن جي
توکي هيرن جي جستجو آهي
سچ تہ ناهي جو اک ملائي سگهي
آرسي هُن جي روبرو آهي
ڊور جان ٿو وڪامجي عاطِر
آدمي جي نہ آبرو آهي.

*

ڇا بدن شاداب آهي رقص ۾
عرش تي مهتاب آهي رقص ۾
ڪيئن پَلا ٽيندي قضا دِل جي نماز
عشق جو محراب آهي رقص ۾
هر پَني تي عڪس تنهنجو نقش آهہ
دل جو سارو باب آهي رقص ۾
سايان جا ڇا ٽِڙيا نيرا ڪنول
ڪو مسلسل خواب آهي رقص ۾
تنهنجي هڪڙي مُرڪ جا بخشي ڇڏي
سا خوشي ناياب آهي رقص ۾
واٽ ويندي اوچتو هوءَ جو ملي
منهنجي دل بيتاب آهي رقص ۾.

*



منور ملاح

پرين جي وات جا وڻ هئا
ڪڏهن هت ڳات جاوڻ هئا
پکي آڪيرا ڏاهي ويا
رڳي ٽڙڪات جا وڻ هئا
جتان تنهنجو گُذر ٿيو هو
پلاري گهات جا وڻ هئا
ڦٽي ٿئي باک هو پَريان
نظر ۾ لات جا وڻ هئا
ٽڪي ڪاراهه تي واڇي
اُپي جڻ آت جاوڻ هئا
سکيون وار ڏُنڊين لڳيون
ڪپرَ تي جات جا وڻ هئا
مسافر ٽڪ ڪان ساٽا
نه پاڇا پات جا وڻ هئا.

*

تاري تاري اڪ پڳي آ
هر اشاري اڪ پڳي آ
سمنڊ پڏي ويو ڪِل ۾ آهي
سج رنگ هاري اڪ پڳي آ
درپن آڏو سونهن سڪي ڪي
نيڻ نهاري اڪ پڳي آ
پاڻ سنواري نڪتي آ هوءَ
وقت نظاري اڪ پڳي آ
مُرڪي هُن آ نيند اُجائي
عشق ڪنواري اڪ پڳي آ
ياد اُٿي آ ماتم جهڙي
جڻ ڪيڏاري اڪ پڳي آ

مشتاق بخاري

اڪيون عشق واري اثر ۾ رهيون
تڏهن هر گهڙي ڪنهن ڳهرَ ۾ رهيون
رُڪيون راهَ ۾ ۽ نه منزل رَسيون
صدين کان اکين هي سفر ۾ رهيون
پڳو ڪين اظهار پاڻان ڪڏهن
سوين خواهشون بس اندر ۾ رهيون
ڪٿي پي رهياسين اسان او پرين
اوهان جون ادائون نظر ۾ رهيون.

(مشتاق بخاري کي سالگره مبارڪ)

شير محمد هاليپوٽو

ڄتي نفرتن جا ڪي ٻوٽا ڦٽن ٿا
اُتي لڙڪ بارش جيئان ئي وسن ٿا
گنيل چوڙين جي هٿن جا اشارا
لٽل سانجهه وانگر مسافر ڏين ٿا
نڪي گل ڪي ٽڙيا گلابي چپن مان
اُميدن جا ڏيئا اکين ۾ ٻرن ٿا
نڪي سيج تي آ چنبيلي جيئان ڪا
نڪي وَرَ وني سان خوشي مان سمهن ٿا
وڃي مشير پاڪر رُنو آهين جنهن سان
اُهي دانهن هڪڙي نه تنهنجي ٻڌن ٿا

*

سچ چوي ٿو جيڪڏهن ڪو ڏوڪرو
سو لڳي ٿو پنهنجي گهر م اوپرو
اڻ سونها چهرا سڀئي ٿا لڳن
چا ڏيڪاريندم پلا ڪو پيچرو
مون نه پنهنجي ديس جي ساراهه ڪئي
هُن اُپو چو ڪيو مون تي ڇُرو
شير ڪي استاد ڏي اهڙوسبق
من انڌيرن ڪي ملي ڪو سوجهرو.

گل محمد خاصخيلي

اسان احساس ٻاريون پيا
۽ تاريڪيون اجاريون پيا
رکي پاسي تي اوجاڳا
رنل سپنا جياريون پيا
ڏسي اڄ سنڌ سورن ۾
پنائي ڪي پڪاريون پيا
عجب آرم جهمي موسم
اکيون ڳوڙهن ۾ تاريون پيا
اسان ٻارن جيان دل کي
اجا ٿائين ڏتاريون پيا
ٿڌي جڻ چانو آنچل جي
ستارن کي نهاريون پيا
پرين جو ناءُ دل تي آ
اسان هر دم اچاريون پيا
سهيڙي درد سڀ تنهنجا
ڏئي آٿت سهاريون پيا
اسان ٻرندڙ مسافت ۾
رڳو توکي ئي ساريون پيا
وڃي 'گل' روز مئخاني
اندر جي باهه ٺاريون پيا.

*

اياز رضوي

چيئي توڙي ٻه ٽي جُملا
ويا ڪيڏو ڦٽي جُملا
سوين پيرا اڪيلائي
وئي سهٽا چتي جُملا
سگهيا پُهچي نه تو تائين
ويو قاصد جهٽي جُملا
ڪري ٿو روز ڪاغذ تي
محبت مان چٽي جُملا
رکيم سانڍي جي سيني ۾
نه ڪوئي شل پٽي جُملا
سمنڊ سوچن جا جهاڳي ٿو
اَمُلهه شاعر ڪٽي جُملا
وڏي ڪوشش ڪئي رضوي
ويئي سر تان مٽي جُملا.

*

مير حسن ڪوسو

گهر، مسافت، همسفر وسري نٿو
زندگي تنهنجو سفر وسري نٿو
چانءُ ۾ ان جي نه ڇا آسيس هئي
وڻ هيو پر جي ثمر وسري نٿو
همسفر هوندي ٻه منهنجا حال ڪان
ڦهر جو هو بي خبر وسري نٿو
زندگي جي ڪنهن الاءِ موڙ تي
موت آهي منتظر وسري نٿو
دوستي ۾ ڏنگ ئي اهڙو لڳو
زهر جو اڄ پي اثر وسري نٿو
زندگي وسري وئي پر ماءُ جي
پيار جو ڪوئي پهر وسري نٿو
'مير' مونکي اُن وساري آ ڇڏيو
ناز پرور سو مگر وسري نٿو

*

سميع سجاد ميراڻي

هر هڪ آسَ اڌوري آهي
جيئڻ پي مجبوري آهي
مذهب پيارُ محبت منهنجو
دل جي تندُ تنبوري آهي
پيار جو مذهبُ ناهي ڪوئي
پيارَ تي ڳالهه ئي پوري آهي
ڪيڏي نفرت سان ٿو گهوري
ڪاوڙ جڻ نه ضروري آهي
'سميع' سچ جي ڳالهه ڪَندَي هت
پلئه پوندي سوري آهي.

*

بيتاب ناپر

هت شاهُ جو هاسو ڪنهن کي هو
۽ مخزن خاصو ڪنهن کي هو
ورثو خاصُ خريدڻ لئه
تو موتي آڇيو ڪنهن کي هو
الماس خزاني ۾ ڪونهن
تو رات نوازيو ڪنهن کي هو
هر دڳ تي تنهنجا پيرَ آهن
تو رات تلاشيو ڪنهن کي هو
هت هر هڪ ماٺهو پٿر آ
تو ڪالهه تراشيو ڪنهن کي هو!؟
برسات کي پنهنجي مستي هُئي
۽ خوابُ وارياسو ڪنهن کي هو!

غزل

بشير سيتائي

توڙي ڪيڏا خراب خوار آهيون
پيار جو پو بہ اعتبار آهيون
حُسن جو تون اگر تقدس آن
عشق جو پاڻ ۾ وقار آهيون
پنهنجي فطرت ئي بيقرار آهي
ان ڪري پاڻ بيقرار آهيون
تو تہ هڪ ڀيرو هئي اچڻ جي ڪئي
هِتِ سڄي عمر انتظار آهيون
تو َاسان کي عبث شڪار ڪرين
حڪم ڪر، بس اڳئي نثار آهيون
پنهنجي دَمَ سان ئي عشق زنده آ
چوتہ چاهت جو ڪاروبار آهيون
ناهي فرهاد، وامق ۽ مجنون
اڄ اسين تَن جا پاسدار آهيون
توڙي دِل داغ داغ آهي بشير
غور سان ڏِسُ، اسين بهار آهيون.

*

توکي هر وقت سارجي پيو ٿو
پاڻ کي پاڻ ٻارجي پيو ٿو
تنهنجي وعدن تي جيئندي وعده شڪن
پنهنجي دِل کي ڏتارجي پيو ٿو
تا لِڪڻ ڪان بہ اڳُ ڳَڙن ڳوڙها
ڏُکُ پَنن تي اُتارجي پيو ٿو
زندگي جي خَلا نہ ٿي ڀَرجي
سَڪڻو سَڪڻو گُذارجي پيو ٿو
پنهنجو جيوَنُ سميٽيان بہ تہ ڪيئن
هي هَٿن مان بہ هارجي پيو ٿو
منهنجي دِل جو اُتاولو جذبو
ڏئي ڏَٿا ۽ سُمهارجي پيو ٿو
ڪُوڙُ پنڊال ۾ ويو پهچي
سَچُ دَرَ تي ڏِڪارجي پيو ٿو
درد سان دوستي رکي اي بشير
پنهنجي دِل کي اُجارجي پيو ٿو.

***

رياض ميراڻي

ڏوڪا آهن ڏنڌا آهن
خواب سمورا ڪنڌا آهن
ڪائي ٽيڪ نہ ٿي گهرجي
مونکي تنهنجا سنڌا آهن
دل جو ڏيوالو نڪتو
درد ڪنيا کي ڪنڌا آهن.

*

ڪڪ نہ هڪ ٻيٽو ڪيئي
پاڻ ڇو هيٽو ڪيئي
ڪو ٻيو وچ ۾ پَيُو
پيار کي ٽيٽو ڪيئي
ڪيڏ ڪيڏي ئي پيئي
دل بہ ڪيڏوٽو ڪيئي
حسن جي آواز کي
ڇو ڀلا جهيٽو ڪيئي

*

دل ٽڙي مُڪڙي ٽِڙي
آس هر هڪ آئڙي
وقت جي وحشي هٿن
آ گُهٽي هر هڪ گهڙي
سونهن ۾ سُهٽي سڪي
جيءَ سا جيڪا جڙي
قول سڀ وسري ويس
بي وڙي سا بي وڙي

*

ڇئہ ڀلا ڪجهہ تہ ڇئہ
اڄ الا ڪجهہ تہ ڇئہ
ڇو خطا تي وئين
حوصلا ڪجهہ تہ ڇئہ
ختم ٿي يا شروع
سلسلا ڪجهہ تہ ڇئہ
ڇو ڪُٽين ئي نہ ٿو
فاصلا ڪجهہ تہ ڇئہ
مند آ ماتِمي
ڪربلا ڪجهہ تہ ڇئہ
حل ٿيڻ جو نہ آ
مسئلا ڪجہ تہ ڇئہ
ڀل نہ تعريف ڪر
ڪر گِلا ڪجهہ تہ ڇئہ

*

زهر پيئي ڪونہ ٿو
پو بہ جيئي ڪونہ ٿو
ساهہ سڙندو ٿو رهي
سور ٿيئي ڪونہ ٿو
لوڻ ٻُرڪي ٿو ڇوي
ڏنپ ڏيئي ڪونہ ٿو

وايون

سائي محبوب زنگيجو

پايان ٿي جهاتيون
جڳ جلي مون ساڻ
اوءِ پکيئڙا ڳاءِ ٻڌان
متڙيون کي لاتيون
جڳ جلي مون ساڻ
منهنجي من جون ڳالهڙيون
ناهن ڪنهن ڇاتيون
جڳ جلي موت ساڻ
اوڏو آءُ پرين ڪڏهين
تڙپن ٿيون ڇاتيون
جڳ جلي مون ساڻ
دل ۾ روز لنون
ساجن جون باتيون
جڳ جلي مون ساڻ

مير حاجن مير

هڪڙي تنهنجي ياد
ٻي ڀنل هيءَ رات
ٽڪرا ٽڪرا ٿي ڪري.
ڪيئن وساري مان ڇڏيان
گذريل ملاقات
ٽڪرا ٽڪرا ٿي ڪري.
گفتگو گفتگو سون آ
تنهنجي هر هڪ بات
ٽڪرا ٽڪرا ٿي ڪري.
تنهنجي مونکي او پرين!
ڪاوڙ ۽ جذبات
ٽڪرا ٽڪرا ٿي ڪري. ■



ڪتاب جو نالو: راڄن جي رکوالي، **ترجمو ۽ ترتيب:** دليپ ڪوٺاري
صفحا: 96 (پڪو جلد) ، **قيمت:** فقط خانگي ورهاست لاءِ
ناشر: ٿرديپ ڳوٺاڻو ترقياتي پروگرام، مٺي.
ڪتاب، ولايتي ڪاغذ، خوبصورت ڊسٽ ڪور ۽ سهڻي- سيبتي نموني سان ڇپائي پڌرو ڪيو ويو آهي.

ٿرديپ، هڪ پراڻي اين.جي.او آهي. آءٌ اڄ کان سورنهن سال اڳ، جڏهن مٺي شهر ۾، سرڪاري نوڪري دوران، اتي موجود هوس ته ڊاڪٽر سونو کنگهاراڻي ان وقت ٿرديپ جو سرواڻ هو. ڊاڪٽر سونو ۽ سندس ٻيا ساٿي، نه رڳو ٿرپارڪر ضلعي، پر 'پاڻي وارن علائقن' جي ڳوٺن جي واهر لاءِ به پيا پاڻ پتوڙيندا هئا. دليپ ڪوٺاري به شايد انهن ڏينهن ۾، يا انهن ڏينهن کانپوءِ اين.جي.او ۾ شامل ٿيو.

مٺي ۾ جن دوستن مونکي 'تنهائي' جي هٿان مرڻ کان بچايو، تن ۾ ڊاڪٽر سونو، ڪاڻائو جاني، دليپ ڪوٺاري، شنڪر لال، معصوم ٿري، صادق فقير، ڊاڪٽر سمو، سائينداد ساند ۽ هڪ ٻن ٻين دوستن جا نالا اچي وڃن ٿا. ڊاڪٽر سمو (شايد ڊاڪٽر نواز) سان علمي، ادبي ۽ فلسفي جي موضوعن تي ڊگها بحث ٿيندا هئا. ۽ ان ڪانسواءِ جدلياتي ماديت جي فلسفي هيٺ، مارڪ ۽ دنيا جي معروضي حالتن تي به ڪچهريون ٿينديون هيون. (هڪ ڀيري برادرم وليرام ولپ به ملڻ لاءِ آيو هو) آئون انهن ڏينهن ۾ قادر جوڻيجي جي ماڻٽن/دوستن جي مٺي واري 'جوڻيجو هائوس' ۾ ترسيل هوس. ۽ بعد ۾ وليرام ولپ جي سوٽ جي مسواڙي گهر ۾ شفٽ ٿيو هوس.

سرڪشي ۽ سچائي جي پاداش ۾ منهنجي دربدريءَ جا ڏينهن ها. رلي ڪُلهي تي ۽ ماني راڄ مٿان بدران، پنهنجي ئي مٿان هئي. هن کان اڳ آءٌ مٺيءَ ۾ 1986ع ڌاري پهريون ڀيرو، 'پارٽيءَ' جي حڪم تي، 'ساٿي بارڙا سنگت' جي ساليانى سميلن ۾ ويو هوس. جتي نند (جنهن کي سڀ شيدي چوندا هئا جيڪو پوءِ ڊاڪٽر بڻيو ۽ نوجواني ۾ ئي الله کي پيارو ٿي ويو) ۽ ٻين ڪيترن ٻارڙن ۽ نوجوانن سان ڪچهريون ٿيون. ۽ مٺي منهنجي روح ۾ رچي ويئي. امن امان، پيار ۽ سک جي سڳي ۾ پوتل ٿريا، پيار ڏيئي ۽ پيار وٺي به ڄاڻن. ٿر سچ ته راڄن جو رکوال پڻ آهي.

مٺي ۾ پوسٽنگ دوران، مون ٿرديپ جي پرخلوص ڪارڪردگي ڏٺي. ۽ هاڻ جڏهن اسانجو پيارو ۽ پڙهيل ڳڙهيل دوست (اڻ ڏٺو- رڳو پڙهيل ۽ ٻڌل) ظفر اقبال جوڻيجي ٿرديپ جون واڳون سنڀاليون آهن ته دليپ ڪوٺاري جهڙن سرجڻهارن جي تخليقي ۽ سماجي شعوري سگهه ۾ نئين امنگ پيدا ٿي پئي آهي.

آءٌ 'ٿرديپ مخزن' جو باقاعده قاري آهيان. ڳوٺاڻي ترقياتي پروگرام لاءِ هن اداري جون خاموش خدمتون وڏي واڪ بڌڻ ۾ اچن ٿيون. ۽ عام مسڪين ماڻهن جي مالي واهر لاءِ ڪيل ڪم ڏسجي به پيو. هن اداري 2010ع واري ٻوڏ جي ستايل ماڻهن جي، ٿر کان ٻاهر نڪري، سنڌ جي ٻين ضلعن ۾ به مالي ۽ اخلاقي سهائتا ڪئي ۽ ٻوڏ ۾ تباهه ٿي ويل انفراسٽڪچر جي بحاليءَ ۽ فعاليت لاءِ اهم ڪردار ادا ڪيو.

ڪتاب جي فليپر ۾، ظفر جوڻيجو چئي ٿو، 'هن ڪتاب جي مضمونن ۾ سنڌ جي راڄن- پنچاتن جي گنجريل مامرن جي اڪلاءِ لاءِ مفيد ڇيڊ سان ڳڏ ڪارائتا حل به ڄاڻايا ويا آهن.' بلاشڪ. هي ڪتاب هر ڳوٺ ۾ موجود هئڻ گهرجي.

دليپ ڪوٺاري، ٿرديپ ادارو ۽ اداري ۾ وينل سڀ ننڍا وڏا عهديدار ۽ ڪارڪن، ملڪ جي انارڪي واري دور ۾، جتي سمورن ادارن ۾ افراتفري جو راڄ آهي. ٿرديپ جيڪو ڪم ڪري رهيو آهي اهو واکاڻ جوڳو آهي. ۽ ٻين غير سرڪاري ادارن لاءِ پيروي ۽ پوئيواري جي لائق آهي. *(ت.ب)*



مختيار سهتو

(1)

منهنجي دور انديش سوچ
وقت جي پيريءَ ۾
خوشفهمين جي خوشي جا
خواب ڏسي
وات ۾
پاڻي آندو آهي،
اُتي اڃاتي خوفناڪي ۾
ساڳي دل
تتل تئي تي
ٽپ ڏيندڙ ڦُلن جيئن
پئي ٽڙڪي
زندگي جي ان سموري ڪشمڪش ۾
منهنجي حالت ڪڏهن
پريل بازار ۾ ٽيل
ٻه ڌماڪي جهڙي ٿي ويندي آ
۽ ڪڏهن اٿين جيئن
مندر ۾ پارو ڪي ڏسي
پٽر جو پڳوان
ماٿهو ٿيڻ جي خواهش
ظاهر ڪري.

(2)

منهنجون سموريون ڪيفيتون
هر حال ۾ جيئڻ جو
هر اُهو هُنر
وساري ويٺيون آهن
جيڪو ادراڪ
تنهنجي جُدائي ۾ سکيون هُيون
۽ منهنجي سنجيد گي
سُر سارنگ ڪي
باشو جي هائيڪي ۾ بدلائي
ماڻ ماپن مان اُٿلي پئي آهي
۽ منهنجي حالت
پوٺي جي پٽر تي ويٺل
ڌاڏي جهڙي ٿي وئي آ
جنهن کان زندگيءَ ۽ موت
ٻئي رُٺل آهن. ■



ممتاز مهر، ڪراچي.

نصير سومرو پاڻ کي سائنس جو ڄاڻو سمجهندو آهي. سمجهڻ گهرجي، ڇو جو هن وٽ انجنيئرنگ جي ڊگري آهي. پر اسٽيل مل مان گولڊن هينڊ شيڪ ڪري موڪلائڻ ڪانپوءِ ڪيس اها ڊگري ڪم ڪونه آئي. سائنس جو علم ته وسيع ميدان رکي ٿو. جنهن ۾ هاڻ علمِ نفسيات به اچي وڃي ٿو. جيڪو منهنجي ايم.اي فلاسافيءَ ۾ هڪ سبجيڪٽ هو. نصير گهڻي وقت کان شاعري ڪندو پيو اچي. سندس شاعريءَ جا ٽي مجموعا ڇپجي چڪا آهن. سندس هڪ مجموعي جي مهاڳ ۾ مون سندس شاعريءَ کي ساراهيو به هو فقط ان سبب ڪري جو هن جو ننڍپڻ ڳوٺ ۾ گذريو. تنهنڪري ٻولي سُٺي ڪم آڻيندو آهي. جيتوڻيڪ سندس شاعراڻا خيال روايتي، ورجايل، فرمائشي ۽ شاعري جي ماحول ۽ گهرج آهر لکيل آهن. منهنجي خيال ۾ سنو شاعر اهو آهي جيڪو ماحول ۽ ٻين شاعرن جو اثر وٺندي به نرالپ رکي. يعني سندس شاعري منفرد انداز جي هجي. ممڪن آهي ته نصير سومري جا ڪجهه شعر اندر جي اُجل ۽ پاڻ مرادو اظهاريل هجن. باقي ٽيڪنڪ ۽ مهارت بنيادي وصف ڪانهي. بنيادي شاعريءَ جي وصف موضوع جي نرالپ، اُتم خيال ۽ اظهار بيان هوندو آهي. گذريل سال، 'پيغام' رسالي جي اسسٽنٽ ايڊيٽر علي حسن چانڊيي کي انٽرويو ڏيندي شمشير الحيدري اعتراف ڪيو هو ته شاعر جي حيثيت ۾ هُو پاڻ کي ناڪام ٿو سمجهي. ناڪاميءَ جي اعتراف جي وضاحت ڪندي ڇيهه هڻائين ته، 'جيتوڻيڪ هُن شاعري ڪرڻ جي ترڪ (هنر) ڄاڻي ورتي آهي. پر پنهنجي شاعريءَ مان مطمئن ڪونهي. ڇوته هو اهڙي اعليٰ شاعري ڪونه ڪري سگهيو جيڪا ڪيس امرتا ڏيئي سگهي.'

هن اها به عجيب ڳالهه ڪئي ته، 'ٽن چئن صدين گذرڻ ڪانپوءِ شاهه جي شاعري به وساريل هوندي!' ساڻس ان نڪتي تي اختلاف ته ڪري سگهجي ٿو. پر ڪنهن به ٻوليءَ جي ادب جي بقا جو دارومدار اُن ٻولي جي زنده هئڻ تي آهي خود قوم جي بقا ٻوليءَ جي بقا تي آهي. تازو اردو ٻوليءَ جي هڪ همدرد 'ڊان' اخبار ۾ مضمون لکيو. جنهن جو عنوان هو، 'Dying Urdu' اها ڳالهه واضح آهي ته دنيا جي مارڪيٽ تي ڇانيل قومن جون ٻوليون ٻين ٻولين کي ڳڙڪائي رهيون آهن. سنسڪرت هڪ متروڪ ٻولي آهي. جنهن ٻوليءَ جو ڪجهه بچيل ادب ترجمن جي حيثيت ۾ موجود آهي. انگريزيءَ ۾ چوڻي آهي، 'مستقبل پنهنجو بار پاڻ کڻندو.'

هاڻي اچون ٿا نصير سومري جي تازو ڇپيل نثري ڪتاب، 'شاعراڻي ويچار' کي پرکڻ تي. پهريون اعتراض اهو آهي ته شاعراڻا خيال، احساس، تصور، عڪس ٿيندا آهن. 'شاعراڻا ويچار' ڪونه ٿيندا آهن. شاعر فلاسافر وانگر ويچاريندو ڪونهي. بلڪ پنهنجي لطيف خيالن ۽ احساسن جو اظهار شاعراڻي گهاڙيٽي ۾ ڪندو آهي. ويچارن جو تعلق منطق سان هوندو آهي. جڏهن ته شاعري داخلي جذبن جو جمالياتي اظهار هوندو آهي. نصير جي ان نثري ڪتاب جو سب ٽائيٽل آهي، "شاعريءَ جي فني ۽ فڪري ڊارائن جي سائنسي اوک ڊوک." ليکڪ جي ان ڏکهي ۽ رُعبدار سِٽ جو اصل مطلب آهي، 'شاعريءَ جو سائنسي تجزيو.' مون ڪٿي به پڙهيو ڪونهي ته ڪو تخليقي ادب جو سائنسي طريقي سان تجزيو ڪيو ويندو آهي. يا تخليقي ادب جي ڪا سائنسي تنقيد به ٿيندي آهي.

واضح هجي ته فلاسافي (جنهن کي مڙني علمن جي ماءُ سمجهيو ويندو آهي.) جي علم جو دارومدار علمي دانائي ۽ منطق تي هوندو آهي. منطقيت جو مخالف فلاسافر پڻ منطقي نموني منطقيت کي رد ڪندو رهيو آهي. مثلن نيٽشي هيگل جي منطقيت واري جدليات جو مخالف هو. پر هن جا هيگل خلاف دليل به منطقي نوعيت جا آهن. ارسطو پنهنجي ڪتاب، 'بوطيقا' ۾ منطقي دليلن ۽ مثالن سان يوناني ٽريجڊي، يعني الميه ڊرامن جو ڇيد ڪيو آهي. تنهن ڪري ادبي تنقيد ڪنهن به طريقي جي هجي لازمن دليلن ۽ منطقي نموني جي هوندي (ان کي سائنسي ڪوند ڪونبو.)

مان هتي Deductive يا Inductive Logice Logice جي بحث ۾ پوڻ نه ٿو چاهيان. پر عام دليل جي اهميت کي واضح ڪرڻ ٿو چاهيان. قديم زماني ۾ فلاسافيءَ ۾ مڙيئي سائنسون شامل هونديون هيون. بعد ۾ سائنسن کي الڳ ڪيو ويو. جڏهن دوربينن ۽ ليبارٽرين جو جديد دور آيو تڏهن سائنسن مان ڪيئي سائنسون ٿي ويون. شاخن مان شاخون ٿيڻ جو عمل اجا جاري آهي. تنهن ڪري جيڪي به سائنسي اصول وضع ٿيندا رهيا آهن انهن ۾ به ڪاٽ ۽ واڌ ٿيندي رهي آهي. سماج لاءِ ڪي نوَس قانون ناهيا ويندا آهن. ۽ وقت گذرڻ سان انهن ۾ وڌڪٽ ڪري وري نوان قانون ضرورت موجب ناهيا ويندا آه. پر تخليقي ادب انتهائي داخلي عمل هوندو آهي. نئون ادب اڳ واري ادب ۽ روايتن جو اثر ضرور وٺي ٿو. پر هر شاعر ۽ ناول نويس پنهنجو ڏگ پاڻ ناهيندو آهي. شاعر ۽ ناول نويس جي شخصي سڃاڻپ لازمي هوندي آهي. ٻي صورت ۾ هر قوم جو لوڪ ادب اجا موجود آهي، جيڪو انفرادي شعور بجاءِ اجتماعي شعور جو عڪس ۽ اظهار هوندو آهي.

نصير سومري پنهنجي هن ڪتاب کي اڪبر لغاريءَ جي نالي ڪيو آهي. سندس لفظ هي آهن، 'سنڌ ٻولي ۽ ادب جي فيلسوف نقاد اڪبر لغاريءَ جي نانءِ.' سائنسي اوک ڊوک يا تنقيد وانگر 'فيلسوف نقاد' به عجيب غريب Term آهي. ادب جو نقاد، آرٽ جو نقاد، سماج جو نقاد، سياسي تجزيه نگار، دانشور، سائنسدان، فلاسافر، سياستدان، سماجيات جو ماهر، عالم دين، تاريخدان ۽ نفسياتدان وغيره ته هميشه ٻُڌڻ ۾ يا پڙهڻ ۾ آيا آهن. پر ڪڏهن ڪنهن ڪٿي فيلسوف نقاد ٻُڌو يا پڙهيو هجي ته مهرباني ڪري منهنجي ڄاڻ ۾ اضافو ڪري. اڪبر لغاري سنو پڙهندڙ ۽ ڄاڻو ماڻهو آهي. پر خود فلاسافر بڻجڻ لاءِ، نقاد بڻجڻ لاءِ سندس منزل اڃا پري آهي. خاص ڪري جيسين تائين هو تحريري طرح عملي تنقيد ۾ پنهنجا جوهر نه ڏيکاريندو. مختلف علمي ۽ ادبي نظرين جو تعارف پيش ڪرڻ منهنجي خيال ۾ محنت طلب ڪم ضرور آهي، پر اعليٰ ڪم ڪونهي (اهو ماستراڻو ڪم آهي.) تنهن ڪري اُميد ٿو ڪريان ته اڪبر لغاري 'فيلسوف نقاد' جهڙي مبالغا آميز ۽ خوشامدي خطاب جي سحر، چڪر ۽ وڪڙ ۾ نه ڦاسندو. 'هنوز دلي دور است!' پيارو چند ڪيسواڻي پڻ اهڙن ورن وڪڙن کان هوشيار ٿي پاسيرو رهي ته بهتر.

نصير سومري جي مذڪوره ڪتاب جي پهرين ڀاڱي ۾ مضمون 'ادب جي تعريف' کان وٺي بينظير جي شهادت تي مختلف شاعرن جي منظوم پيڙا واري مجموعي 'مان جي مئس پنڌ ۾' تي ڪيل سنڌ صحافتي تبصري سميت ڪل ڇهه مضمون آهن. ڪتاب جي ٻئي ڀاڱي ۾ ڪُل 17 ماڻهن تي لکيل صحافتي قسم جا ڪالم آهن، جن کي هُن، 'ذات ڏٺين جا خاڪا' سڏيو آهي. مثلن: 'نور الدين سرڪي، مترجم: نيٺ ڇا ڪجي' يعني سرڪي صاحب جي اهم سڃاڻپ هڪ سنڌ دوست، دانشور ۽ سنڌي ادبي سنگت جي بانيڪار مان هڪ نه، رڳو وڃي مترجم جي رهي. ادب ۾ خاڪا نگاري هڪ مڃيل صنف آهي. اردوءَ ۾ ته خاڪا گهڻائي لکيا ويا آهن. پر سنڌيءَ ۾ ٿورا. مان نصير سومري کي صلاح ڏيندس ته هو گهٽ ۾ گهٽ شيخ اياز، غلام رباني آگري ۽ آغا سليم تي لکيل شيخ عبدالرزاق راز جي خاڪن کي پڙهي، پوءِ خاڪا نگاري ڪرڻ جي جوکم کڻي. ٻيو ته ضروري ناهي ته شاعر نثر نگاري به ڪري، خاص ڪري اهڙي شخص کي جنهن جو نثري انداز بيان ابهام، ٻي جوڙ خيالن ۽ جُملن جو نمونو هجي.

ڪتاب جي اندرئين فليپ تي غلام مصطفيٰ سولنگي ليکڪ جي 'ناقداڻي تفهيم' کي ساراهيو آهي. واهه ... واهه ٻاهرين فليپ تي بيدل مسرور بدوي جي لکيل مهاڳ جو مختصر ورجاءُ ڏنل آهي جيڪو ڪتاب جي مُنڍ ۾ اجائي ڊيگهه سان اڳ ۾ ڏنل آهي. بيدل مسرور بدوي، جيڪو ڪنهن زماني ۾ ڪلين شيو خوبصورت نوجوان هوندو هو. اڄڪلهه عمر جي ذري گهٽ پوئين وڃي ۾ 'ريش مبارڪ' سان تمام گهڻو بزرگ ٿو لڳي. مهاڳ ۾ به ڪيئي بزرگيءَ واريون وڏيون ڳالهيون ڪيون اٿائين. جن جي اپٽار ڪرڻ مناسب ڪونهي. نصير سومري جي هن نثري ڪتاب تي رڪيل موريائيءَ 'عوامي آواز' اخبار ۾ جيڪو تبصرو ڪيو آهي. سو پڙهي ائين لڳو جڻ 'معاذ ٿاڌل'، 'روح افزا' يا 'شربتِ شيرين' جو اشتهار هجي. ان اشتهار نما

تبصري پڙهڻ کان پوءِ اجا بہ جيڪڏهن ڪنهن جي اُڃ رهيل هجي تہ پوءِ شاعريءَ جي فني ۽ فڪري ڏارائن جي سائنسي اوڪ ڊوڪ وارو هيءُ ڪتاب مجبورن پڙهي.

(اسين ممتاز مهر صاحب جي خط سان گهڻين ڳالهين ۾ سهمت آهيون- حالانڪ مهر صاحب پاڻ بہ متضاد شخصيت جو مالڪ آهي. ادبي ڪچهرين ۾ هن جا تضاد ايترا نقصانڪار نہ هوندا آهن پر اهي گهڻين شخصيتن کي ذات جي قيد ۾ بند هجڻ جي ڪري ڏکوئيندا ضرور آهن. پر موٽندڙ جوانيءَ وارو نصير سومرو صاحب متضاد هجڻ سان گڏوگڏ منتشرالمزاج بہ آهي. سماجي ۽ معاشي پريشانين جي ڪري هن جي طبيعت 'سمجهوتن' جو شڪار ٿي چڪي آهي. حالانڪ فنڪار تي جڏهن ڏکيا ڏينهن ايندا آهن تہ هوءَ مايوس هجڻ بدران اميد پرستيءَ جون راهون تلاش ڪري وٺندو آهي. ۽ پنهنجي معاشي ڪمزورين کي جڳ جهان آڏو مظلوم ٿي پيش نہ ڪندو آهي. هن جو مطالعو ۽ مشاهدو ڪچو/اڌورو ۽ نصابي نوعيت جو آهي. فنڪار لاءِ فن کا اوڪي شيءِ نہ آهي چوتہ هو ڏکن بکن ۾ پنهنجي وجداني قوت کي مضبوط بڻائي پنهنجي تنگدستي ڏانهن اشارن ڪرڻ کان لنوائيندو آهي. پر نصير صاحب سراپا هر هڪ آڏو (خاص طرح سان سرڪاري ادارن ۾ وينل ماڻهن جو سهائتا لاءِ ڳيجهو بڻيو وينو آهي.) هن جي شاعري ادراڪي سطحن کي ڇُهڻ بدران تڪبند نوعيت جي شاعري آهي. بحر وزن، ڇند وديا ۽ ٻيون اهڙيون انيڪ نصابي شين بابت گفتگو ڪرڻ جو عادي آهي. رڪيل مورائي اسان جو دوست آهي. پر هن کي مون جيان انگريزي ٻنهہ نہ ايندي آهي. پر رڪيل جو اهو ڪمال آهي جو هُن ڪجهہ عرصو اڳ محمد علي پٺاڻ جي شاعري جي انگريزي ترجمي تي وڏو ڊگهو بحث لکي عوامي آواز جي مئگزين ۾ ڇپرايو. هي ڪتاب نصير، محترم اڪبر لغاريءَ صاحب کي ارپيندي لکيو آهي، 'سنڌي ٻولي ۽ ادب جي فيلسوف جي نالي' اول تہ فيلسوف ڪنهن هڪ ٻولي يا ادب تي ڪاربند نہ هوندو آهي. فلسفو فرد جي لڳاتار جاکوڙ، مطالعي، مشاهدي ۽ زندگي جي تجريدي اپياس منجهان وجود ۾ ايندو آهي. فلسفو ڪنهن هڪ ٻولي يا ادب تي لاڳو نہ هوندو آهي. پر اهو صدين تائين زماني جي سمورن سوچن ۽ ادبيات کي گهيري ۾ آڻيندو آهي. ۽ گذريل نظرين جي ڀيٽ ۾ هڪ افضل، انوکو ۽ قبولڻ جوڳو فلسفو ڏيندو آهي. نصير انهي ارپنا ۾ خوشامند ۽ چاپلوسيءَ جو مظاهرو ڪيو آهي. جنهن جو اثر محترم اڪبر لغاري ڪنهن بہ صورت ۾ نہ وٺي سگهندو. نصير پنهنجي ڪتاب ۾ پنهنجي اهليہ محترمہ جون پاڻ سان گڏ تصويرون شايع ڪيون آهن، جيڪا گهڻو عرصو گذريو ڪائونس جند ڇڏائي ڪيس پنهنجي گهر مان ٻاهر ڪڍي ڇڏيو آهي. ٻيو تہ اها روايت ڪا ايڏي چرڪائيندڙ يا مانائتي نہ ڇئبي جو ڪو اديب پنهنجي عيال مان ڪنهن غير اديب يا اديبہ جون تصويرون شامل ڪري. اسان سڀني کي خبر آهي محترم نصير صاحب مالي طور تي مختلف ادارن کان ڊونيشنس يا پينشنون وٺي گذر سفر ڪري رهيو آهي. ۽ اهڙي صورت ۾ ههڙي بڪ ڪرافٽ واري صورت ۾ مهانگو ڪتاب ڇپرائڻ ان جي وس جي ڳالهہ ئي نہ هئي. اهو بہ هڪ وڏو اهم سوال بڻجي آڏو آيو آهي. هن ڪتاب ۾ سنڌس ڪنهن ٿرڊ ريٽ ۽ ڊمي اخبار ۾ ڇپيل مضمون ڏنا ويا آهن. جن جو ڪو ادبي يا سماجي ڪارج نہ آهي. نصابي نوعيت جون پراٽيون شيون آهن جن کي وچڙي هُن پاڻ کي نواڻ پسند تخليقڪار بڻائڻ جو جتن ڪيو آهي.

-ادارو)

پچن لال، ڪراچي.

الاهي انتظار بعد 'سوجهرو' سيپٽمبر جو مليو، ڏاڍو وٽيو ٿڇ مي پليز ۾ تاج بلوچ صاحب سنڌي ادب لئہ، سنڌ لئہ سچائيءَ سان ڪوشش ڪرڻ جي اصلاح ڪئي آهي پر افسوس 'ويا مور مري هنج نہ رهيو هيڪڙو.'

جناب پرويز بابت هن پرچي ۾ سڀ ڪجهہ سمايل آهي. سندس فن، زندگي، تخليق، عمدا ڪتاب ۽ ڪهاڻيون مڪمل معلومات تي مبني آهن. سندس ڪهاڻي 'مون کي ياسر سان ڳالهائڻو آهي' پسند آئي. اديءَ شبنم شميم جي ڪهاڻي 'ڏنگي ۽ اٽپور' پلي ۽ هن درد ڀري دور جي عڪاسي آهي. انور شيخ صاحب جو 'ڪارو ڪتو' پوليس ڪاتي جو ڪاتو ڪولي ٻڌايو آهي، جوابدار مسافر ڦري گم ٿي ويا. پوليس غريب ڳوناٽا ڦريا، اهڙا واقع روز پيا ٿين. درويش فرمايو آهي تہ اهو پيشو ڪيو جنهن ۾ حق حلال جي ڪمائي هجي، پوليس جي نوڪري ۽ وڪالت جي ڏنڊي جي سختي سان ممانعت ڪئي وئي آهي.

شيام ڪمار جي قسط 19 'پاتم جهاتي جهان ۾' سياست طرف سرڪي آهي. بهرحال محترم شيخ اياز صاحب جي ايامن بابت سٺو لکيو اٿس، حنيف عاطر صاحب جو غزل ۽ امداد عاجز صاحب جو ڪلام وٽيو، ٻين شاعر صاحبان جي بہ سٺي ڪوشش ۽ اظهار آهي. مان اديبن، شاعرن ليکڪن کي گذارش ڪندس تہ سچائي، درد، ظلم، انصاف بابت لکن. گذاري ويل فقيرن، درويشن ۽ مهاتمائن جي زندگي تي لکن. ٻاهرين ملڪن جي سير سفر بابت لکن. پنهنجي آتم ڪهاڻين جون خاص ۽ توجہ طلب ساروٽيون لکن. اهو ڪي ڪجهہ لکو جنهن مان جڳهہ کي فائدو ملي. سبق ملي. هر ڪو تن، من ۽ ڌن سان غريبن، معذورن، بيروزگارن جي مدد ڪري.

احمد شاڪر گائنچو، ميهڙ.

سيپٽمبر واري شماري ۾، سائين پرويز جي ڪارنر ۾ خوبصورت لڪٽيون پسند آيون ۽ جاڻ ۾ واڌارو آيو. ڪارنر ۾ ذوالفقار ڪانڌڙو، تاج بلوچ، امين سومرو جي لڪٽين سُرور ڏنو. ڪهاڻيون بہ بهتر رهيون. شاعري ۾ ذوالفقار گاڏهي ۽ ٻين دوستن خوب نڀايو.

حفيظ باغي، پير وسڻ.

تازو پرچو نظر مان نڪتو. نثر جو حصو معمول موجب مٺانهون، پراثر ۽ اتساهہ جوڳو محسوس ٿيو. پر ڏک سان چوڻو پئي ٿو تہ نظم وارو ڀاڱو نہ فقط اڻ وڻندڙ پر ڊسٽبن لائڻ جوڳو مواد هو. اوهان کي اهڙي شاعري شايع ڪرڻ کان پاسو ڪرڻ گهرجي.

(ڀاءُ، جيڪڏهن ڊسٽبن ۾ اڇلائڻ جهڙي شاعريءَ تي تفصيل سان بحث ڪيو ها تہ ڏاڍي خوشي ٿئي ها.) ■

نماڻيو صديق مهيسر

درد لاڏا چيا
ناچ زخمن ڪيا
رات آئي وري
پورَ تنهنجا پيا
مُنهن جو ڦيري ڇڏيئي
دل جا ٽڪرا ٿيا
تون وئين جو ڇني
تنهنجا سپنا رهيا
هياڻءُ ڦاٽي پيو
حوصلا سڀ ويا
ڏس نماڻي کي تون
پائي من ۾ لئيا.

نماڻي کي سالگره مبارڪ

*

احمد شاڪر گائنچو

منهنجو ديدون تنهنجو در
تنهنجي گهر سان منهنجو گهر
مسجد جي ڀرسان مندر
پنهنجو ڇئہ يا ڏاريو سڏ
هيڏي ڪَر يا هوي ڪَر
ڪيڏو پاڻ سنوارين ٿي
مون تي ڀي ڪجهہ ڏيان ڌر
تنهنجو هَر هِڪ خواب سِنڌو
منهنجي ساَيان جهڙو ٿر
ويٺيون چارئي پهر چُمن
منهنجون ديدو تنهنجو در
توکان پوءِ الائي ڇو؟
لڳندي آ بازار بہ بَر
سانديون وتندو آهہ سدا
شاڪِر توکي ساهہ اندر.

*

ياسين چانڊيو

اڳيان ڪاري رات
آئون هيڪل پنڌ ۾
ناهي ڪائي روشني
ناهي ڪائي جهات
آئون هيڪل پنڌ ۾
ڏوران ڪوئي پڪاري
رستن ۾ سرڀات
آئون هيڪل پنڌ ۾
اندر ۾ پيڙائون
زخمي سڀ جذبات
آئون هيڪل پنڌ ۾
تنهائي تي گڏ هلي
لات نہ ڪائي بات
آئون هيڪل پنڌ ۾
سڄ ويو ڪسجي
ڪيئن ٿئي پرڀات
آئون هيڪل پنڌ ۾ ■